استاد بخاري

بخاريءَ جا قطعا



روشني

بخاريءَ جا قطعا

(استاد جي ڪتابن ۾ شامل چؤسٽن جو مجموعو)

اُستاد بخاري

روشني پبليڪيشن

ڪنڊيارو

2009ع

Roshni Book No.494

ڪتاب جو نالو: بخاريءَ جا قطعا

شاعر: اُستاد بخاري

ڇاپو پهريون: روشني 2009ع

ڪمپوزنگ: حبيب قادر قريشي

پيسٽنگ: سهيل سلام پٽو

روشني ڪپوزرس، حيدرآباد.

ڇپيندڙ: فائين ڪميونيڪيشن، حيدرآباد.

ڇپرائيندڙ: روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو سنڌ

BUKHARI-A JA QATTA

Poet: **Ustad Bukhari**

Composed by: Habib Qadir Qureshi
Roshni Composers & Printers Hyder Chowk, Hyderabad
Printed: Fine Communication, Hyderabad, Sindh.
Published by: Roshni Publication, Kandiaro
First Edition © Roshni 2009

اسٽاڪسٽ

شاهه لطيف ڪتاب گهر، گاڏي کاتو حيدرآباد، پٽائي بوڪ هائوس اوريئنٽ سينٽر حيدرآباد
ڪانياواڙا اسٽور، اردو بازار ڪراچي، حسين عامر نيوز ايجنسي، مين بس اسٽاپ، سجاول
رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو + رهبر بڪ اڪيڊمي، رابعه سينٽر، لاڙڪاڻو
مدني بڪ ڊيپو لاڙڪاڻو + نيشنل بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو + نوراني بوڪ ڊيپو بندر روڊ، لاڙڪاڻو
اشرف بوڪ اسٽال، مسجد روڊ، نوابشاهه. سڪندري بوڪ ڊيپو ڪپرو + حافظ ڪتب خانو ڪپرو
المهراڻ ادبي ڪتاب گهر، سانگهڙ. العزيز ڪتاب گهر، عمرڪوٽ + ٿر ڪتاب گهر عمرڪوٽ
سليم نيوز ايجنسي، نيو بس اسٽينڊ، دادو + جنيد بوڪ ڊيپو دادو
مرچو لال بوڪ ڊيپو بدين + رحيم بوڪ ڊيپو بدين + سوجهرو ڪتاب گهر، بدين، ٿر ڪتاب گهر، مٺي
ڪتاب مرڪز فريئر روڊ، سکر + عزيز ڪتاب گهر، بئراج روڊ، سکر + الفتح نيوز ايجنسي، مهراڻ مرڪز سکر
گل ڪتاب گهر، لک در شڪارپور، تهذيب نيوز ايجنسي، خيرپور ميرس + نيشنل بڪ اسٽال، پنج گلو چوڪ، خيرپور ميرس
مڪتبيه عزيزيه کهڙا + سچل ڪتاب گهر، درازا قاسميه لائبرير، اسپتال روڊ ڪنڊيارو

اداري پاران

اداري پاران استاد جو هي ايڪيهون ڪتاب آهي، جنهن ۾ استاد جا چؤسٽا/ قطعا شامل آهن. هي ڪتاب استادجي انهن چؤسٽن/قطعن جو گڏيل مجموعو آهي، جيڪي سندس ئي ترتيب ڏنل الڳ الڳ شعري مجموعن ۾ شامل آهن.

جڏهن تہ استاد جا اهي شعري مجموعا جن ۾ استاد جا چؤسٽا/ قطعا شامل آهن، انهن مان چؤسٽا سَهيڙي، ڇپائيءَ جي سال کي سامهون رکي، هن مجموعي ۾ سلسليوار شامل ڪيا ويا آهن ۽ ڪتابن جا نالن ڏيڻ بدران هيٺينءَ ترتيب موجب منڍ ۾ ڪتابن جا سيريل نمبر ڏئي ۽ ان بعد ڪتاب مان کنيل چؤسٽا شامل ڪري اهڙي چٽائي ڪئي وئي آهي.

جيئن:

(1) گيت اسان جا جيت اسان جي(1971ع)
(2) لهر لهر درياءَ (1990ع)
(3) سوچون پٽڪا واڪا (1990ع)
(4) زندگي زندگي (1992ع)
(5) ميلا ملهالا ((1994ع)

هن ترتيب لاءِ ادارو ياءَ علي دوست عاجز جو ٿورائتو آهي، جنهن جو هميشه اداري سان ساٿ ۽ سهڪار رهيو آهي ۽ لک ٿورا سائين ڊاڪٽر الطاف بخاريءَ جا جنهن هن ترتيب کي پسند ڪيو ۽ ڇپائڻ جي اداري کي اجازت ڏنائين.

اميد آهي تہ استاد جي چؤسٽن/قطعن جو ترتيب ڏنل هي منفرد مجموعو پڙهندڙن کي پسند ايندو.

—ادارو

(1)

ليليٰ سان ڪيئي پيار، او مجنون ڇا ٿيو!؟
اکرن سان رکڻ چاهه، وڏي مشڪل آ!
مُردن ۾ وڌئي ساهه، او عيسيٰ ڇا ٿيو !؟
لفظن ۾ وِجهڻ ساهہ، وڏي مشڪل آ!

❖

دل پنهنجي ڪڍي پيش ڪري ڪين سگهيس،
لک شڪر ٻہ۔ ٽي شعر تہ ڳائي تو سگهان.
جا ذهن ۾ تصوير ڇِڪي ڪين سگهيس،
بس چند لڪيرون ئي تہ پائي تو سگهان.

❖

مرغوب تخلص جو ليڻ آسان آهہ
پر شاعر محبوب ٿيڻ مشڪل آهہ.
اخبار ۽ ڪتابن ۾ اچڻ آسان آهہ
پر قوم جي سيني ۾ رهڻ مشڪل.

❖

ڪئين سال خزان جنهن کي اُجاڙيو آهي،
ڇا نغما ڇوي اهڙي چمن جو شاعر.
هيٺن کي جتي ڏاڍ لتاڙيو آهي،
ڇا شعر ڇوي اهڙي وطن جو شاعر.

❖

بهار آهہ، ضرور آهہ، رُت حسين آهي،
تڏهن بہ تيز هوا، ڏوڙ۔ گڏ گُهلي تي پئي.
اسان جي ڀاڱ ڪي جيڪا ملي زمين آهي،
اُتي بهار خزان سان مِلي جُلي تي پئي.

❖

تسليم تہ هٿ توکي لڳي ويا هيرا،
نيڪ آهي تہ مون جهول ۾ ميڙيون ڪوڏيون۔
اوندهہ ٿي ٿئي، پَڄُ تہ ٿيون منزل پيڙا،
"تون زور يا مان زور" جا هَيرا ڇو ڏيون.

❖

اوقات ۾ حالات اوهين روڪيو ٿا،
پر بند ڪندؤ راهہ تي ٽيلهو ڏيندس.
رفتار جي سُستي تي اوهين ٽوڪيو ٿا،
منزل جي وچي نيٺ تہ پيڙو ٿيندس.

❖

خزان بہ پنهنجي وطن جي بهار ٿا پائيون،
بهار پنهنجي وطن جي ملي تہ ڇا ڇئجي!
جتي اکين ۾ چُڀن خار، هارَ ٿا پائيون،
اُتي گلاب ۾ موتيو کلي تہ ڇا ڇئجي!

❖

"ڪِت ڪِت" جي ڪري ڪوئي، تہ گد گد ٿي ٿيو
"ڇهُندي" جي هٽي ڪير، تہ ايذاءُ ايندو.
"مُرڪن" کي ڏسي پاڻ بہ مُرڪي ٿي ڏٺو
"ڪيهُن" کي ٻُڌي نيٺ تہ ڪهڪاءُ ايندو.

❖

مظلوم جي آهُن کي تہ تاريو تا پر،
طوفان اُتن جيڪي اهي ڪِٿ رُڪجن؟
انسان جي جذبن کي ڏڪاريو تا پر،
ٽيلهن سان ڪٿي سمنڊ جون موجون موٽن؟

❖

مان بين وانگر اکيون بوٽي سمهان،
رات جي تارن کي ٽڙپائيندو ڪير!
مان بہ جي مدهوش ٿي ليٽي پوان،
پرهہ جا پيغام پهچائيندو ڪير!

❖

رات کي آ پنهنجي اوندهہ جو نشو
ڏينهن پنهنجي ڪار کي پيو آ لڳو.
رات جي تارن جي پويان لٺ کنيو
ڏينهن جو تارو اچي ٿو پيو پڳو.

❖

ڪُوڙ ٻَجندڙ آ، هَٿي ٻَجندو ضرور،
هن کي روڪي روڪبو ڪيتر ڀلا.
سچ کَٽندڙ آ، کَٽي وٺندو ضرور،
هن کي ٽوڪي ٽوڪبو ڪيتر ڀلا!

❖

استـاد، چـــڏي ڏينس، پُراڻو ساڳيو!
منصور ۽ مُـــلا جو هي قصو آهي.
انسان جو انسان ســـــان آهي جيهڙو
مان ڪيئن ڇڏيان منهنجو بہ حصو آهي.

❖

چا بہ هو ليڪن لنگهي ”ماضي“ ويو
”حال“ کي مُنهن تي پگهر سهڪي پيو.
دوست، ”مستقبل“ ڏي توري اک کڻو!
مُرڪ مُنهن تي ۽ سجو ٻهَڪي پيو!

❖

اسان کي فلسفو سائين، خوشيءَ غم جو نہ سمجهايو
کلڻ آيو تہ کلنداسين، روئڻ آيو تہ روئنداسين.
حيات ۽ موت جي چيڙي مسئلن کي نہ ڏيڇاريو
حياتي آ تہ جينداسين، جي موت آيو تہ مرنداسين.

❖

ستارن جي چمڪ جنهن جي جگر کي ڪِينَ گرمائي،
اها بي حس نيلي آسمان جي ڇت نہ آهيان مان.
گلن جو رنگ و بو جنهن جي نظر ۾ خون نہ تڙپائي،
اها ڪنهن باغ ۾ بيئل سِرن جي پت نہ آهيان مان.

❖

اڇا، ڪارا، برهمڻ، پيل، هي ۽ هُو الڳ ليڪن،
اکين توڙي ڇپن تن جي ۾ ساڳيون قدرتون آهن.
جهنم آهہ، تن جو هڪڙو هڪڙو لڙڪ جي روئن،
جي مرڪن ٿا تہ هڪ هڪ مُرڪ ۾ ڏهہ جنتون آهن.

❖

پنهنجي وڏ ۾ وڏ سني ماحول لاءِ،
ڪوششون ۽ تجربا هر هر ڪيا.
الوداع، هر شب گذشتہ الوداع!
مرحبا، هر صبح روشن مرحبا!!

❖

ٿيڪ ناهي وقت جا عالم پناهہ!
ڪنهن بہ پوريءَ قوم تي ڏاڙو هڻڻ.
ڏس، نہ تي تاريخ بخشي هي گناهہ،
ڪُوهہ تان ”هڪ ٻانهن“ ٻُوساتي ڪڍڻ.

❖

هڪ زمين، هڪ آسمان، هڪ گهر هجي،
هڪ امڙ، هڪ پيءُ، هڪڙو ئي خدا،
”لٺ هنئي پاڻي نہ پاڻيءَ کان ڇِڄي،“
ڇو ٿئي اِنسان، انسان کان جدا!؟

❖

نہ جي ڪو حق ونندو ۽ نہ جي ڪنهن حال بدلايو
تہ ان ۾ ملڪ ۽ ماحول جو ڪو ڏوهہ پيو ناهي.
ڪڏهن سج آيو آ سنيري، جو اُن کي رات موٽايو،
هو پنهنجي وقت تي ايندو تہ ان ۾ رات جو ڇا هي.

❖

زور جو زنجير ٻانهُن ۾ ٻَجهي،
زور جي ميندي ڪڏهن ناهي لڳي.
ڪوڙ ناهي جو ڏنو بيهر ٿَهي،
بادشاهو ڪٿ نهي تي دل ڀڳي.

❖

بند ڪوٺي ۾ غلامي آ لِڪي،
در تي آزادي هٽي بيٺي ترِيون-
”يا تہ نڪري پيش پئو پاڻهئي اچي،
يا تہ پيڇڻا پوندا دروازا. دريون.“

❖

ظلم ڏس دوڙا پٽيو وينو ٽَڪِي،
عدل پائي پيو وِٽين مان جهاتڙيون.
ظلم پيو نشي ۾ ڇا جو ڇا بَڪِي،
عدل وينو ٿو لَنوي ڪي لاتڙيون.

❖

ڪيترين معصوم مرڪن جي اپيل،
ساري دنيا کي سڏي سرگس ڪيان.
ڪيترن مظلوم لڙڪن جي اپيل،
پوري عالم کي وني ماتم ڪيان.

❖

ڏينهن جو ٿئي تہ ڇا سڏيو ان کي،
رات کي ڏينهن ٿا سڏيو وينا.
مينهن شايد اوهان ڏٺا ناهن،
ماڪ کي مينهن ٿا سڏيو وينا.

❖

گوڙ گهمسان، لُڙ نہ جهُڙ جهاتيون،
بعضي طوفان اِئين بہ ايندو آهہ.
ذات يا بات ڏي نہ ڏسندو آهہ،
ڏات ڏاتر اِئين بہ ڏيندو آهِہ.

❖

ڪــوٽ آ عقــل جي خزاني ۾،
"نوٽ" کي نينهن ٿا سڏيو وينا.
قرب جي وصف ٿا ڪريو "ڪانئر"،
زور کي شينهن ٿا سڏيو وينا.

❖

ڪيترن ڪمزور هٿڙن جي شڪست،
ڏاڍ ڪي چٽڙيون ڪري ڦاڙي ڇڏيان!
ڪيترن شهزور ڇنبن جي گرفت
ظلم ڪي ذرڙيون ڪري ساڙي ڇڏيان!

❖

ريءَ دوا، ريءَ علاج، ريءَ پرهيز
درد دل جو ائين ٻه ويندو آهِ.
جا نہ تيڻي اها تئي استاد،
زندگيءَ ۾ ائين ٻہ تيندو آهِ.

❖

آسمان دُور ۽ زمين تامون،
پير پنهنجا ڏسيو ڪٽي ڪوڙيون-
ڪا تہ پنهنجي هٿان پئي آهي؛
جنهن جي استاد ٿا سزا لوڙيون.

❖

ڪيــر روئــي ٻُتن اڳيـــان بيهي،
ڪنهن کي اکيون هجن ڀلا ڳوڙيون-
ڪير ڳُوڪون ڪري ڪٽي ڪيڏيون،
ڇــو ٻُــڌن هــي ڀلا ڀِتيون ٻوڙيون.

❖

ڪپڙي جو هٽي جهُنڊ ۽ عينڪ پائي،
طــوفــان ڪــي ان طرح هٿائڻ ۾ ڇا!
دروازا ڪــري بنـد ۽ اکيون ٻوٽي،
پِريات کي اڌ رات بڻائڻ ۾ ڇا!

❖

اسان جو احتجاج آهي انهن وٽ،
نہ مرده دل، مگر زنده دلن وٽ.
اچو سڀ مُنهن ڏسو انسانيت جو
دمِ انسانيت آهي چپن وٽ.

❖

لکين ماڻهو مَرن پئسي جي هَوَ تي،
ڪروڙين خرچجن ڊالر بمن تي.
ٿئي ٿي اک لجي انسانيت جي،
اسان جي غير انساني ڪمن تي.

❖

آ عرش- نشين، عرض اگهائي ڪوئي!
آ اهل- زمين، ظلم مٽائي ڪوئي!
ٻي رب جي مخلوق کي طاقت ناهي،
انسان کي انسان مچائي ڪوئي.

❖

مي هيڏا وڏا ڪوٽ، ڊهي ئي پوندا،
محلن جا مٿيان چوٽ، ڊهي ئي پوندا.
ڪنهن وقت بہ ڏرتيءَ جِي ڪو ڏوڏو ڪاڏو-
گهوڙن تي چڙهيل گهوٽ، ڊهي ئي پوندا.

❖

هي جهل جو اونداهہ لهي ئي ويندو
هي ظلم جو آڙاهہ، نري ئي ويندو.
مظلوم جي آهن جو اثر ٿيٽو آهہ،
جو جوش ۾ الله، اچي ئي ويندو.

❖

هي ظلم جا زنجير، ٽٽي ئي پوندا،
۽ باهه _ پريل تير، گسي ئي پوندا.
پرچاءُ ڪندا مون سان ۽ توسان آخر،
هي بخت هي تقدير، رُسي ئي پوندا.
❖

جي تنهنجي ستم جي بہ هي تمهيد آهي،
مون لاءِ بہ چڙهڻ "دارُ" وڏي عيد آهي.
اونداهہ جي غفلت جو پکيڙيندين تون،
مون وٽ بہ عمل، عزم جو خورشيد آهي.
❖

جي جهنگ ڪندو تنگ تہ ساڙي اچبو
هوندو جي بيابان تہ لتاڙي اچبو
او منزل مقصود، هي وعدو آهي–
آيو جي اڳيان اُپ، تہ بہ ڦاڙي اچبو.
❖

اچبو تہ جگر شير جو ڏاري اچبو
هر ديوَ ۽ راڪاس کي ماري اچبو.
او منزلِ مقصود، هي وعدو آهي–
هر حال ۾ انجام کي پاري اچبو.
❖

طارق تي اڳيان بحر اُڪاري اچبو،
فرهاد تي ڪهسار کي ڏاري اچبو.
جي سج لٿو چنڊ لِڪو تي اونده،
تہ بہ عزم جي آڙاهہ کي ٻاري اچبو.
❖

ها، ماڪ سان گڏ نير وهائي ڪوئي!
۽ واءَ سان گڏ ڏوڙ وسائي ڪوئي!
انسانيت آهي ڳُني انسانن خود،
ماتم ملي فطرت سان مچائي ڪوئي!

❖

هن دور ۾ ڪھڙو رهيو حيوان جو ڊپ،
ڪنهن جِنَ، مَلڪ، ديوَ ۽ شيطان جو ڊپ،
الله ڪان انسان نہ ٿو پيو لرزي-
انسان کي ڪائي ويو انسان جو ڊپ.

❖

رنجور کي رنجور بنائڻ ويتر،
مسرور کي مسرور بنائڻ ويتر،
هن دور جون رسمون ۽ رواج، الاّهو!
مجبور کي مجبور بنائڻ ويتر.

❖

غيرت جو گلو ڪو ٿو گھٽي، او پڇجو!
همت جو اِجهو دم ٿو ٽُٽي، او پڇجو!
هي "ڪُوڪَ" ٻڌو ٿا ڪين ٻوڙا آهيو،
انسان کي انسان ٿو لُٽي، او پڇجو!

❖

جو ظلم ڪندڙ آهہ، اهو آ شيطان،
جو ظلم سهي، ڪين ڪُڇي سو حيوان.
جو امن ڏئي، امن گھري، امن وني-
هن دور جو انسان اُهو آ انسان.

❖

سڪرات ۾ ڪو ڪجهہ تہ گهري، آهي ڪو؟
انصاف جو بوتو تہ پُري، آهي ڪو؟
هن هيڏي جهان، تن اربن ماڻهن ۾
انسان ڪي انسان تہ ڦري، آهي ڪو؟

❖

هن دور جي دلين ۾ محبت پوکيو!
ڪلفت جا ڪڍو لاهہ ۽ الفت پوکيو.
نفرت کي ڏئي باهہ، صفائي ڪريو
رغبت جو ڪري ريج، اخوت پوکيو.

❖

تجديد جي ياڪر ۾ شرافت گهرجي!
تهذيب جي جهوليءَ ۾ فضيلت گهرجي.
نئين دور جو اهڙو تہ تمدن ناهيو
موزون مشقت کان پو فرحت گهرجي.

❖

ليڊر جي غمِ جنگ ۾ غلطان آهن،
سي خضر جي تصوير ۾ شيطان آهن.
هي جسم جهان لاءِ شفا ناهن پر،
ناسور ڪِنو ڪوڙهہ ۽ سرطان آهن.

❖

سامانِ تباهي تي ڪروڙين رقمون،
خرچن ٿيون خوشيءَ ساڻ ڏڙا ڏڙ قومون.
گولين ۽ بمن لاءِ خزانا کُليل،
ڪو ڏوهہ ڪيو آهہ فقط "تو ۽ مون"

❖

ان وقت دنيا جي آبادي ٽي ارب هئي

قارون ۽ شداد اجان ناهن ڇا؟
مجنون ۽ فرهاد اجان ناهن ڇا؟
هي عام خيال آ تہ بشر سڌريو آ،
بيداد ۽ بغداد، اجا ناهن ڇا؟

❖

عيدن جي پنيان تاڪ ۾ ماتم آهن،
جنت جو ڪنيو پير جهنم آهي.
ايجاد جو چهرو تہ سچو چمڪي پيو،
هڪ داغ سندس نرڙ تي "ايٽم" آهي.

❖

مضبوط پهاڙن کي لڳن ٿيون پيڙهون،
ڪمزورڪِرن ڪوڙڪڪايون ڪنڌيون.
ان دور جون پاڙون بہ اٿوَ نڪريءَ تي،
جو دور سِڪيو آهہ اهي تعميرون.

❖

تقدير ڏيڻ سات نہ تي پئي چاهي،
تدبير بہ ظاهر تہ بچي ئي ناهي.
توڙي جو اڳيان باهہ پنيان پاڻي آهِہ،
پر، واهہ جو "اميد" بہ ڪا شيءِ آهي!

❖

اميد جي شمعن کي جلايون وينا،
پروانا خيالن جا پچايون وينا.
توڙي جو ڪري تيل ڏيون ٿا رت کي،
محفل تہ بهرحال مچايون وينا.

❖

جنهن دور ۾ انصاف نہ ٿيندا آهن،
حقدار کي کو حق نہ ڏيندا آهن،
ٻڌجي ٿو تہ ان دور سندا پيءُ ۽ ماءُ،
اولاد بہ باغي ئي ڄڻيندا آهن.

❖

صد فخر جو آهيان مان اوهان جو شاعر،
ماضي جو نہ، هن وقت۔ روان جو شاعر،
پر ڪنڌ ڪٽان، ٻانهن هٽان ڪهڙي مان،
مجبور ۽ مجبور زبان جو شاعر.

❖

گهمجن ٿيون گهٽيون ڪوڙ گناهن هاٽيون،
ڳنڍبن مان ثوابن کي ليـــي ٿا آٽيون.
جي سچ ٿا پڇو سون جي ذرڙين خاطر،
ٿـــي "ڏوڙ۔ ڏيا" ڏوڙ اسين ٿـــا ڇاٽيون.

❖

ها، جنگ ڪان هن دور کي نفرت آهي۔
پر جنگ تہ انسان جي فطرت آهي.
دل ۾ نہ ڪجانءِ، امن جا عاشق "استاد"،
ظالم سان لڙڻ جي تہ ضرورت آهي.

❖

بي هال کي خوش حال ٻڌائين ڇو ٿو؟
انڌير کي انصاف سڏائين ڇو ٿو؟
تون زور جي رکندين تہ ڪو چوندو بہ ڪٽي،
پر رات، ڇِتو ڏينهن چوائين ڇو ٿو؟

❖

سچ پچ تہ سر ۾ ساھہ کان آھي پيارو۔
ھي ”امن و امان، امن و امان“ جو نعرو.
”ظالم نہ ٿيو ۽ ٿيو مظلوم متان!
جو تنگ ڪري، جنگ ڪريو او يارو“

❖

افسوس جو ”ھم حال“ اوھان سان ناھيان،
ڪا ڳالھہ نہ آ، مان بہ تہ انسان آھيان،
انسان جون تقاضائون تہ ساڳيون آھن،
چاھيو ٿا اوھين جيڪي، اُھي ٿو چاھيان.

❖

تسليم تہ ماحول صفا گرم آھي۔
استاد جي تحرير ذرا نرم آھي.
اللهُ ڪي انسان کي اُھي اکيون ڏي!
انسان ۾ انسان سان وڙھي، شرم آھي.

❖

ڪيڏانھن اچين ٿو پيو ڍرڙو ڍرڙو۔
ھو تنھنجا ڏٻا ڏاند، ھو تنھنجو ڇڪڙو
راڪيٽ جــا ھسوار خلائي انسان!
ڪيڏانھن وڃين ٿو پيو تڪڙو تڪڙو؟

❖

ھڪ ڳل تي لڳي چوٽ، ڏجي ٻيو ناھي ــ
دستور زمانا اھو پنھنجو ناھي.
چاھي ڪو اسان کي انھيءَ کي چاھيون،
ڏاھيون ٿا انھيءَ کي جو اسان کي ڏاھي.

❖

آريا بہ لٽيرا ها، لُٽي، لُٽجي ويا،
ترخان، مدد خان ڦُري، ڦُرجي ويا.
هي سنڌ بهرحال جئي پئي، پئي جيئندي،
ڪئين بار ڪٽڪ آيا، ڪٽي، ڪٽجي ويا.

❖

سون بازر مان ڳِني وٺبو آ۔
فيض رهبر کان پِني وٺبو آ،
جو بہ سمجهو تہ اوهان جو حق آ،
حق مڙسيءَ سان ڇِني وٺبو آ.

❖

ڪنهن وقت خيالن ۾ چڙهي ويندو هان،
آڪبوُت ۾ هر چيز ڏسي ويندو هان،
”چوٽي“ تي نظر پو بہ نہ پوندي آهي،
بي ساختہ مجبور جهُڪي ويندو هان.

❖

الله بنائي آ عجب هيءَ ڌرتي۔
مسڪين مسسافر جي لئہ رب هي ڌرتي.
ڳٽڇور ڪي ڏيندي آ ڳچيءَ تي لت ۽۔
غدار جي لئہ آهِ غضب هيءَ ڌرتي.

❖

ڪنهن وقت خيالن ۾ چڙهي ويندو هان،
ڇا لوح و قلم، عرش ٽپي ويندو هان،
اُڏري ۽ ڏُڪي ڊوڙي جڏهن ٿڪبو هان،
پو پنهنجي نڪاٽي تي اچي ويندو هان.

❖

هوڏانهن ازل مون کي ڇڪيندو آهي،
هيڏانهن ابد مون کي سڏيندو آهي.
مرڪز جان خرد منهنجو سُسي پوندو آ،
۽ وقت وڏو گول ٿي ويندو آهي.

❖

پولار هوا ساڻ جٿين آ پريل،
ڌرتيءَ جي مٿان جيئن فلڪ آ بيٺل،
شب روز مٿا سائين، ائين ئي آهي-
دل منهنجي مٿان تنهنجو تصور ڇانيل.

❖

پرواز اهو بادل کھڙو ڇئبو!
اعزاز فراز آهي انهيءَ کي سڏبو؟
پنهنجي تہ ڏيا تو ۾ نہ ٿي ڏسجي ڪا،
جيڏانهن هوا ڌوڪي، وتين تو ڏِڪبو.

❖

بادل تو بلنديءَ تي اڏامي توڙي،
هر وقت هوائن جي اڳيان پيو ڊوڙي،
تسليم تہ پستيءَ جا پهاڙ آهيون پاڻ،
رخ پو بہ هوائن جا ڇڏيون ٿا موڙي.

❖

ايجاد ۽ تدبير تي مغرور آهي،
سامان ۽ تعمير تي مسرور آهي،
طوفان ۽ ڀونچال ٿا ٻوڙن، مارن-
انسان اڃا ڪيترو مجبور آهي!

❖

جيڏو بہ متي تنهنجو هي پرواز آهي،
جيڪو بہ مليو توکي هي اعزاز آهي،
پڪ جاڻ اي بادل، تہ ٻيو ڪجھہ ناهي،
هلڪيري طبيعت جو هي سڀ راز آهي.

❖

هڪڙو تہ خودي پنهنجي ڇڏي ٿو ٻوڙي،
ٻي ڳالھہ تہ پتڪڻ جي سزا ٿو لوڙي،
جو ٻين جي ڪلهن تي ٿو چڙهي چوٽ وٺي -
بادل جي طرح پير نہ پنهجا کوڙي.

❖

ٻوڙو ۽ ڪو گونگو تہ ڪو ٻي نور آهي،
سرطان، ذيابيطس، ناسور آهي.
"سو جهنگ پري آ، جت ڪانيون آهن" -
منزل کان بشر دور - گهڻو دور آهي.

❖

انسان نہ مقدر کي مٽايو آهي -
انسان ڪٿي موت هٽايو آهي؟
انسان کي اجا ڪک بہ سنگهي ماري ٿو -
انسان جو اجا فخر اجايو آهي.

❖

تپڪي ڏئي ڪو چندبہ مٿان پهچي ٿو
زهري ڏي ڪري زور ڪوئي لڙڪي ٿو.
آفاق جي حدن جو پيل آ پيچرو -
جنهن ۾ تي پڪي، نوع بشر ٿڙڪي ٿو.

❖

پرواز ۽ رفتار تي نازان انسان،
سمنڊن تي، هوائن ۾ خرامان انسان؛
زندان ۽ زنجير مان آواز آيو-
وابسته اڃان آهِ انسان سان انسان.

❖

ڪير آهي تو ماحول سڄو بدلائي،
ڪير آهي تو هر ذرو ذرو بدلائي،
آ حضرتِ انسان هي، آهي ڪوئي!
هن ڪي بہ نئين شان ۾ جو بدلائي!

❖

ڪنهن آهہ همالي جي ڪئي سر چوٽي،
ڪير آهہ خلا مان ٿو اچي پيو موٽي:
هي حضرتِ انسان آ، هن ئي آهي،
دنيا جي تباهي لئہ وڏي ڪڏ کوٽي.

❖

ڪير آهہ ٿو نانگن کي نچڻ سيکاري؟
ڪير آهہ ٿو لوهن کي ٻُڪڻ سيکاري؟
آ حضرتِ انسان هي، آهي ڪوئي!
هن کي بہ تہ "انسان" ٿيڻ سيکاري.

❖

ڪير آهہ ٿو پاڻي جي عيوض مٽي ڏوڪي؟
ڪير آهہ ٿو اخلاق جون راهون روڪي؟
آ حضرتِ انسان هي، آهي ڪوئي!
هن کي بہ چوي سچ ۽ منهن تي ٽوڪي.

❖

انسان کي الله ڏني آهہ فضيلت،
تسخير قمر ۾ بہ ڪا موليٰ جي مشيئت؛
تحقيق جي آئيني ۾ گهوري جي ڏٺو سين –
تي وهم ويو وهم حقيقت ٿي حقيقت.

❖

انسان جي عظمت ٿو وڏائي يزدان،
انسان جي عظمت تي ملائڪ حيران؛
انسان جي عظمت تہ مسلم آهي –
انسان جي عظمت تي جلن ٿا شيطان.

❖

انسان کي هجي چنڊ جي تسخير مبارڪ،
۽ اشرفِ مخلوق جي توقير مبارڪ؛
هي چنڊ نہ آ نُور نئون ڪنڊ ڪو آهي،
تاريخ کي تحقيق جي تنوير مبارڪ.

❖

انسان ڪتيو چنڊ، مبارڪ باشد!
ڌرتيءَ کي ڇهون ڪنڊ، مبارڪ باشد،
غارن جي زماني کان چڙهيل وهمن جو،
ماٺهن تان لٿو منڊ، مبارڪ باشد.

❖

انسان جي عظمت کي ميجون ٿا سو ميجون ٿا –
ڌرتيءَ کان هلي چنڊ وڃون ٿا سو وڃون ٿا؛
تحقيق جي مضبوط هٿوڙي سان ٽڪوري،
وهمن جا نلها ناٿ پيچون ٿا سو پيچون ٿا.

❖

معلوم تيو ڪوجهڙو ڪارو آهين،
ڪو نور نہ قنديل نہ تارو آهين،
اي چنڊ، مُهانڊا ڪي زمين جا تو ۾-
والله، اڄي ڪان بہ تون پيارو آهين.

❖

اڄ ۾ تہ هو تو سان خيالي ناتو
چئجي ڪٺي "اوهام پرستي" ناتو؛
او چنڊ، ڇِني ڪير اسان جي ياري!
هاڻي تہ لڳو آهِ حَقيقي ناتو.

❖

ڌرتي جا ڪئين چنڊ اچن ها توتي،
حورون ۽ پريون خوب لهن ها توتي:
فردوس بنايون ها زمين تنهنجيءَ کي-
جي "آب و هوا" چنڊ، هجن ها توتي.

❖

اي ڪاش هجين ها تون رهڻ جي قابل،
۽ پاڻ هجون ها جي اچڻ جي قابل؛
او چنڊ، ڪچهريون ڪي ڪجن ها توتي-
۽ شعر پڙهون ها ڪي پڙهڻ جي قابل.

❖

اگر عزم اٽتر اُتن تا تہ پو
همالا همالا جهڪي تا پون،
مگر وهم ساگر ونڻ تا تہ پو
جوالا جوالا، پسي تا پون.

❖

سمونڊن کي هوندا ڪنارا بہ آهن،
پهاڙن ۾ ووڙيو تہ چارا بہ آهن،
جي جرڪي جيئڻ جو پڪو فيصلو آ،
تہ هن جوءِ ۾ جيءَ جيارا بہ آهن.

❖

هي ڪنهن جو خلائن ۾ ڪُتو آهِ عَلم،
هي ڪنهن جا ادب ساڻ چميا چنڊَ قدم،
هي اشرفِ مخلوق ۽ هي احسنِ تقويم ـــ
انسان آ، انسان جي عظمت جو قسم.

❖

(2)

كنول گل مان كوكو نـ ٽيندو نـ ٽيندو
"بخاريءَ" كان دوكو نـ ٽيندو نـ ٽيندو.
ملهائي نـ جو ٽيج جيجل جي لوكو!
اهڙو كو بـ ٽوكو نـ ٽيندو نـ ٽيندو.

❖

جي ڦاٽن ٽا ڪپڙا، تـ سبجن بـ ٿا،
رسن ٿا جي پيارا، تـ پرچن بـ ٿا،
نـ ٽمر نا اُميدي، ٻڌايو ملم،
چڪي ٿا پون چاڪ، پرجن بـ ٿا.

❖

وجهو ڊوڙ هيڏي، اچو سڀ وڏيا
رني ڪوٽ مان تاج تختي لڏي
پڙهو ڏيان سان ان جا سونا اکر،
لکيل لفظ آهن تـ "سنڌي- ٻڌي"

❖

محبت سان ڀرپور محنت ڪنداسين،
۽ محنت جي هر ريت عزت ڪنداسين،
۽ عزت اسان جي انهيءَ ۾ ئي آهي،
تـ پيارن پنهوارن جي خدمت ڪنداسين.

❖

”اجا رات آهي“، ننڍاڪن جو گفتو
”اُٺو ڏينهن ٿي ويو“، سجاڳن جو گفتو
”ملي ئي نٿو ڪجهه“، ڪراڙن جو گفتو
”ونيو رهبو سڀڪجهه“، جوانن جو گفتو.

❖

ڦُٽن گيت سُرها گلابي گلابي،
انهن آڱرين ۾ هي پيلاڻ ڇو؟
نگاهن مان اُڀريو پوي ڪاميابي،
انهن جي اکين ۾ هي آلاڻ ڇو؟

❖

مجيم، سچ جو سچ ۽ ٻج آهين،
ٻکئي لئه ڳيو ناهين، او شاعري!
وڏي ذات تي ڏيهه کي روز ڏين پر،
ننگي لئه لٽو ناهين، او شاعري!

❖

عُمَرَ رات سپنو سَدورو لڌم،
انهيءَ سپني همت وڏيءَ ۾ وڌم،
ڏسان ٿي: ٻڪل پئي ٿي گهوگهو ڏئيم،
ٻچيءَ مان ڪڍي ڳٿ، سندرو ٻڌم.

❖

ڏسڻ ۾ تہ گوڏي جو جڻ گاهہ آهن،
حقيقت ۾ گجگاهہ ڪنداهہ[1] آهن،
متان تون سڪو واهہ سمجهين وڏيرا!
وهي پيا تہ مظلوم درياهہ آهن.

❖

ڪنداهہ: سيوهڻ جي سامهون درياهہ پار ٻيلو.

مزورن ڪسانن جي محنت بہ ڏوڙو
سَلي ۾ اٿن ساهہ محبت بہ ڏوڙو.
پلو ڪيت گهرجي، پريو پيٽ گهرجي،
غريبن جي سَستي سياست بہ ڏوڙو.
❖

هنن جون چماٽون اڃا ياد آهن،
اڪيون ڪول او قوم استاد آهن.
هنن جي حقن جو حساب ئي نہ آهي،
سڄي قوم سَرهي جي هي شاد آهن.
❖

چوان ٿو تہ ساٿي جي سرلا هجو
تہ پونگن ۽ بنگلن جا پٽڪا ٻڌو.
جي گيرب ڪيا ٿورا گهرا هجو
مفادن جي ٽڪراءَ جا ڪڙڪا ٻڌو.
❖

لکڻ جو قسم! لوح توڙي قلم جا،
نگهبان اوهين خاص استاد آهيو.
قطعو منهنجو حق جي وڪالت ڪري ٿو،
اوهين خود بہ مضبوط فرياد آهيو.
❖

وڏو چار دنيا وڃائي ڇڏيو آ،
بکئي پيٽ رهندو وڃائي ڇڏيو آ.
پيئڻ لاءِ پاڻي، چُگڻ لاءِ چوڳو.
قفس جي ڪُپن ۾ رکائي ڇڏيو آ.
❖

اُتيو هاڻ گهوٻو ۽ پانو اُتي پيو
بنيءَ ساڻ گڏ ڪارخانو اُتي پيو.
ڏني اُپ لولي، جَهلي پُونءِ جهولي،
مگر چيلهه موڙي زمانو اُتي پيو.

❖

جَتن سان جتن ۽ مَتن سان متا،
جيئڻ ڪاڻ جنگاهه ۾ جونجي ويا.
گرڻ ۾ گتا ڪي ڪتا ڪي رَتا،
ڪي آتا، ڪي ڪاتا، ڪي بازي ڪتي ويا.

❖

او هاري! او ناري! او ڪڙمي مزورو!
اسان واريون ڪلڪون امانت اوهان جي.
توهان جون تکيون ڪوڏرون ۽ ڪهاڙيون،
توهان جو قسم آهي طاقت اسان جي.

❖

سمونڊن جي قبضي ۾ صحرا اَٿوَ
پهاڙن جي گهيري ۾ دريا اَٿوَ.
اُڏامون ٿا ڪيڏو ٻه، آفاق آڏو
وڏو جڙ ته پڃرو هي دنيا اَٿوَ.

❖

جتي برف ڏاڍي ۾ ڏاڍي جمي ٿي،
اُتان ئي ته درياهه وهندا ڏسون ٿا.
جتي چيچڪا ڪائي ڏرتي وڃي ٿي،
اُتيئي ته گجگاهه ڦُٽندا ڏسون ٿا.

❖

قلم سان ڪجي، بيلچي سان ڪجي،
گهڙي سان ڪجي يا گلي سان ڪجي.
بهرحال پورهيو تہ پورهيو ئي آهي،
سُئيءَ سان ڪجي يا رَنبي سان ڪجي.
❖

جي پهچي تہ انسان زهري تي پهچي،
اَٽائو بہ اُن لئہ اَٽائو ڪٿي آ؟
نہ تو ڪير اج تائين ڪينسر کي ڪُچلي،
سَٽائو بہ ايڏو سٽائو ڪٿي آ؟
❖

ڏِنوَ چا، ڪو پاڇو اُڏاٽي پکيءَ جو؟
مِليوَ چا، بيابان ۾ ڦرهو ڪجيءَ جو؟
او گهاتو! گِهڙيو مان بہ ساگر ۾ آهيان،
ها، مون کي بہ هٿ ۾ چلر آ مڇيءَ جو.
❖

جي ڄَهہ ٻَهہ تہ ڏاريا بہ چوڏار ڏسندين،
جي پِنڪو تہ پنهنجا بہ بيزار ڏسندين.
بين کي تہ ڇڏ پر وڏي وٺ پڪڙ ۾،
تون خود پاڻ کي پاڻ کان ڏار ڏسندين.
❖

مِٽيون مائٽيون آزمائي ڏٺيون سين،
سَڳيون ياڻپيون آزمائي ڏٺيون سين.
مصيبت ۾ ڪو يار همدرد ڪونهي،
پڪيون دوستيون آزمائي ڏٺيون سين.
❖

ڪٿي ڪنهن جي ٻيڙي ٻُڏي وئي ته ڇاهي؟
جي لوڙهي تان ڄِهرڪي اُڏي وئي ته ڇاهي؟
سچو ڳوٺ ڏُهلن دمامن تي جهومي،
جي گهر مان ڪا گونگي گُڏي وئي ته ڇاهي؟

❖

متي ۾ آئٿون زندگيءَ جي هوا،
اسين تيز رفتار آهيون، سو آهيون.
اڙي موت! ساهت جي رستي مٿان،
اسين توتي هسوار آهيون، سو آهيون.

❖

وِڏا وات ۾ ڇو آئٿي مُڳ زمانا،
ستايو غريبن کي ڪنهن آ، سچي ڪر!
ڇڏي ڏي اجايا سجايا ٻهانا،
حقيقت ڪٿي اج ته ڪِيرٿون آڇي ڪر!

❖

وڏي وَٿُ آهي سچيتو شعور،
هجي هوش سان جوش، جذبو ضرور.
فقط عقل تي فخر، شاطر عيار،
رڳو هانءَ تي زور، اوڳو مزور.

❖

مَلهي ۾ مَري هي ڏنو ڏيک مون،
ته ڪوشش ۾ قسمت جي ڇڪري لڳي.
تدبر هو اوتر ۾ لهرون تِڪيون،
مقدر تي ساگر ۾ تڪري لڳي.

❖

ڪلامن ۾ منصور شاعر اسان جا،
بيانن ۾ مشهور رهبر اسان جا.
دلين ۾ دغائون، سرن ۾ آنائون،
پڙهي دؤر ويو آهي، اندر اسان جا.

❖

تمنا ۾ تحريڪ موجود آ،
ترقيءَ جي تاريخ موجود آ.
جتي آرزو آ، اُتي جستجو آ،
زماني جي تصديق موجود آ.

❖

هي مهراڻ موجون، هي ڇوليون ڇتيون،
هي ڇڪتاڻ جيوت جو آهي نشان.
جو ٽڪراءُ تنهن ۾ بہ سَرچاءُ آ،
عداوت بہ الفت جو آهي نشان.

❖

حقيقت بياني، گلا تي پوي ٿي،
حقيقت پسندي، ثنا تي پوي ٿي.
ڪجي ڪيئن استاد ڪيڏانهن وڃجي،
حقيقت لڪائڻ، خطا تي پوي ٿي.

❖

سڄي آڌ صديءَ کي سوا پهرَ ۾،
نبيرئون وڃون ٿا، ٻُڌائي ڇڏيو.
بخاريءَ جي خوشبو بچي شهر ۾،
چمن دفن ٿي ويو هُلائي ڇڏيو.

❖

تو ساگر تي ڪهڙو سهارو ڏنو؟
تَسي ٿر کي ڪارو ڪنارو ڏنو.
جگر تهڪندڙ آ، نظر ٻهڪندڙ آ،
نئون زندگيءَ کي نظارو ڏنو.

❖

پلي مون کان سڀ موڪلائي ڇڏيو
رکو "ياد" باقي ڀُلائي ڇڏيو.
بخاريءَ جون سوچون سنيالي رکو
مِٽي سا مِٽيءَ سان مِلائي ڇڏيو.

❖

حڪومت تہ عهدن ۾ مجبور آهي،
پر آزاد رعيت کي ڇا ٿي ويو آ؟
ڪندي مصلحت فيصلا آهي گُم سُم،
حقيقت جي غيرت کي ڇا ٿي ويو آ؟

❖

دَور نئين جي ديد ۽ دل ۾،
فڪر تہ ڇا، فولاد وڃي پيو.
ساگر، صحرا، محفل، مِل ۾،
جهد_ بقا جو ناد وڃي پيو.

❖

ڀَميت ڀَميت دَور ڏَڳي پيو
گهوگهٽ گهوگهٽ گول وڃي پيو.
صحرا، ساگر رَنبِ پوي پئي،
"رَمبا رَمبا"، رقص هلي پيو.

❖

جُهور عقيدو اُڏري پيو آ،
عقل- جوانو اُگهڙي پيو آ.
حُجري جون تا توٽيون کوڙيون،
هوڏانهن عرش بہ اُکڙي پيو آ.

❖

الائي تہ ڇا ڇا وڃائي وڃائي،
سڄي زندگي ئي وڃائي ڇڏيسين.
طبيعت رتوڇاڻ مَچَ ۾ نچائي،
چون ٿا محبت مچائي ڇڏيسين.

❖

خلق سُڏڪي گهُرندي آهي:
صحت، دولت، شُهرت، عظمت.
قدرت مُرڪي چوندي آهي:
محنت، محنت، محنت محنت.

❖

هي غم دل جو مرهم سمجهو،
ماتم سچ جو سرگم سمجهو.
جهؤنڪو جهؤنڪو فاتح- هَٿ،
واڪو واڪو پرچم سمجهو.

❖

صحرا، ساگر بنجي وڃن، هي ممڪن آ،
بحرن مان بَرَ بنجي وڃن، هي ممڪن آ.
ناممڪن ڪجهہ ڪو نہ رهيو آ، او ڏاڍا!
ڏونگر ڀوڀر بنجي وڃن، هي ممڪن آ.

❖

ڏينهن جو ڪم آ، رات جو غم آ، سنڌو تنهنجو
منهنجو هڪڙو هڪڙو دم آ، سنڌو تنهنجو.
گيت لکان پيو، جنگ لڙان پيو، ڏيهه ڏسي پيو
ڪنَ تي قلم آ، هٿ ۾ علم آ، سنڌو تنهنجو.

❖

وقت هجي روهيلو رڻ پٽ،
ڏينهن ضرور تہ ٿوهر هوندا.
ذهن جتي اونداهيون غارون،
فڪر اُتي ڪاريهر هوندا.

❖

ڏينهن تتو تَرُ تاندا، تامون،
آوا تي ويا تاٽا، تانءَ.
ٻيا تہ چڏيو خود سورج ڪرٽا،
ٻوڙي ڳولن ڇاڄا، ڇانءَ.

❖

جيوَن جو جنگاهہ زمانو
اوڙي پاڙي ۾ آڙاهہ.
پڌري پَٽ تي پاڻيپٽ[1] ۾
ڪيتر وننڌو ڪير پناهہ.

❖

جهوُنڪا، طوفان بڻبا؟ هو ڏس بڻجن ٿا پيا!
برپٽ بُستان بڻبا؟ هو ڏس بڻجن ٿا پيا!
ناممڪن ڪجهہ ڪو نہ رهيو آ، او بابا!
سپنا، ساييان بڻبا؟ هو ڏس بڻجن ٿا پيا!

❖

---

[1] پاڻيپٽ مان مراد جنگ جو ميدان.

پڳ لاهي پوچو پڊرائڻ،
سِرُ ڦاڙي سُرمو پارائڻ.
هئہ دنيا تنهنجي همدردي!
رت رئاري پوءِ پرچائڻ.
❖

سورج پنهنجا ڪرڻا پاڻهي،
پنهنجي مُنهن ۾ پالا ڪوڙيا.
هيڏا سارا سمنڊ سگهارا،
هڙ پنهنجي هيٺاهينءَ بوڙيا.
❖

سورج جو ناهيرو ڪوڙي،
رُڃَ جو ڪيرُ تي سُڃَ ولوڙي،
تاسَ تڪيءَ جي آس تہ ڏس هو
ريت تتيءَ تي اُس تي ڊوڙي!
❖

مايوسين جي ڳُن مان نڪري،
جُنگ۔ جهاز اميدون ايندِيون.
ماتامن جي جُهڙ مان اُپري،
عزم عظيم جون عيدون ايندِيون.
❖

ٻهڳڻ، ڇائي ڇار تين تا،
بعضي بزرگ، ٻار تين تا.
روهہ منجهان تا روهي بنجن،
پونءِ، پريءَ جو ٻار تين تا.
❖

ساگر، صحرا صحن تي ڏونگر ها ليڪا،
تنهنجا گهروندا، افريشيا ۽ آمريڪا.
سپنا، ساييان ناهين، ڏاهين وينو تون،
خير ۽ شر جا تنهنجي هٿ ۾ رانديڪا.

❖

دل پنهنجي سنڀاليو ميلي ۾ دلبر بہ اَٿوَ
هوشيار رهو جو رستي ۾ رهبر بہ اَٿوَ.
هت دانهَن ٻُجهي ڪنهن جي بہ نٿي، ڪو صحرا آ،
هِتِ ماس ملي ٿو ماڻهوءَ جو بازر بہ اَٿوَ.

❖

رات ۽ ڏينهن جو آهي ٻَڌو تو چيلهہ پٽو
تِڙڪي، چانءَ جو چتڪمرو آ پنڌ ڏگهو.
صدمو صدمو ڪنڊو گذرئين جهنگ منجهان،
رهڙيو پيو آ راڳي تنهنجو روح سڄو.

❖

مزدورن جا ڏينهن قِرن ٿا مِل جي ڦيٿن وانگر،
سيٺين جا سرمايا سوگها لوهن ٿنبن وانگر،
ظالم انڌا، ٻوڙا، گونگا تابوتن جان آهن،
مظلومن جا واڪ وڄن ٿا پٽ جي دهلن وانگر.

❖

سانير لاڪر دل پئي ڪئي آ، محبت جي مزدوري،
ڪافي عشق ڪمايم، دل جي پو بہ نہ اُوري پُوري،
هڪڙي عمر، هزارين آسون اهڙيون دل ۾ ڏاريون،
هڪ هڪ آس هزارين عمريون، ماڻي پو بہ اَڌوري.

❖

هي ضروري ناهي هر هر زلزلو پيدا ڪجي،
قوم ۾ ليڪن مسلسل ولولو پيداڪجي.
مشڪلاتون ايندريون رهنديون، پر ٻڌو مشڪلڪشا!
هر قدم تي هوش سان گڏ حوصلو پيدا ڪجي.

❖

بعضي بعضي اُپ ڪري ٿو ڪڪرن واريون حرڪتون،
هيڏو ڏاگهو ٻيلو ننڍڙن ٽارن واريون حرڪتون.
آءٌ بہ ڪٿ استاد. ڪٿي شاگرد ٿيان ٿو دوستو!
پنهنجن يارن کان بہ ٿين ٿيون، ٻارن واريون حرڪتون.

❖

انگ اُگهاڙي جي اڳيان اولو بہ ٿيءُ!
پوٽِ تي، ڀهراڻ تي، پٽڪو بہ ٿيءُ!
ظالمن جي ڪنڌ ۾ ڦندو ٿي پءُ،
ٻائرن جي چيلهہ جو سندرو بہ ٿيءُ!

❖

شاعر سوچيو: واڪا ٿيندا،
وڻ- وڻ وڄندا، پڪ پڪ اُڏندا.
جنگي گيت تي ڪنهن کي سُڌ هئي،
ناچو بنجي نينگر نچندا.

❖

تنهنجي اک ۾ پتلي ناهي، پٿر آهي،
سنڌ سڙي پئي، تنهنجي اک روئي بہ نٿي.
تنهنجي ٻت ۾ رت جي بدلي ريتي آهي،
خلق لڇي پئي، تنهنجي دل ڇرڪي بہ نٿي.

❖

اخبارن ۾ جو تون روز نبيرين ٿو
سنڌو ڌرتي آڌيري ڪا ٻڪري ناهي.
ڌڙَ اَڌَ ٿيندا، پيٽو ديسُ نہ اَڌ ٿيندو!
ديسُ ونڊايون، هي ڪا هٿ جي وڪري ناهي.

❖

پيار ۾ سونفن جا گل سرها ٿيو
خار سان سيلها تکا ڪنڊا ٿيو.
دوستيءَ کي دل جا گلدستا ڏيو
دشمني ڏاڙهي تہ پو ڏنڊا ٿيو.

❖

دشمنن لئہ نانگ واري ڦُوڪ آ،
دوستن لئہ مور واري ڪُوڪ آ.
شِرَ هُلايو: شاعري گم ٿي وئي،
خيرُ گرجيو: هر جڳهہ تي هُوڪ آ.

❖

ويهين سن ۾ باقي آهن يارهن سال،
ايڪهين جو ڪرڙو آهي استقبال.
ڪاتب وقت لکي ٿو بينو تقديرون،
ڪاهل لاءِ زوال، تہ لائق لاءِ ڪمال.

❖

او طوفان، ڪارونجهر گهر منهنجو آ،
سَرَ- تِيليءَ تي چيهي جو آکيرو ناهي.
دِهہ دِهِہ، دڳ دڳ قبضو آ، تر منهنجو آ،
ڳيري وارو ٺاريءَ تي واهيرو ناهي.

❖

ڪنهن کي سُڌِ هئي ڦتڪا وسندا،
خانَ لڳا بُت ڪِلندا وتندا.
لفظ سِڏا بَمَ گولا ناهن،
طعنا پٿرن کي ڇا لڳندا؟

❖

درد ۾ زنده دلي پيدا ڪجي،
ڪشمڪش ۾ دلڪشي پيدا ڪجي.
پنهنجي دنيا، پنهنجي آزادي، خوشي،
ترسجي ڇو، خود وڏي پيدا ڪجي.

❖

وقت جي ويني لکي مون واردات،
لک اصول استاد، پُٽڪيو مشڪلات.
”عزم جي سامهون جهُڪيو آفت پوي،
ڏينهن کي روڪيندي ناهي ڪابہ رات.“

❖

فرد توڙي قوم لئہ هي قدرتي آ قاعدو
موت کي منهن جو ڏئي سگهندو اهو جيئندو پيو.
ويني ويني وات جي رد ڪد مان ڪهڙو فائدو
جو ڪِري اُٿندو اُٿي هلندو اهو وڌندو پيو.

❖

عزم ۽ امڪان جا آرڏا۔ آڏا،
سي بہ لاهي وينا بُڏترِ ۾ لَڏا.
ڇو نہ آئيندا اسان جا پتڪندا،
حال جا ڪردار ٿيا آنڌا۔ جڏا.

❖

هـن صديءَ جي ديڳ ۾ سنڌو ندي،
سامراجي آڳ کـان اُبـري پئي.
هوشياري ڪلڪتا، ڪابل، سِبي!
انـقلابـي ايشيا اُيـري پئـي.

❖

پاڙيپٽ ۾ طاقتن جي هوڏ آ،
همتن ۾ حڪمتن جي هوڏ آ،
هوڏ جو هڪ هڪ ڏجي ڪهڙو مثال،
جڙ تـہ هي جڳ جيوتن جي هوڏ آ.

❖

ڪوششون- ڳُنجون ڪٿي گم ٿي ويون،
قسمتـن جي ڳنـڍ ۾ ڳولـيون ٿا چو؟
اج- اجـالـو ۽ سـيـاڻـو سـوجهـرو
ڪالهہ جي ڪچڪول ۾ ڦولهيون ٿا چو؟

❖

قدر آهُنِ جو ڪٿي ٿيندو تـہ آ،
هانءُ هوائن جو لُڏي ويندو تـہ آ.
باغ جو گل گل ۽ پن پن پوڪَ جو،
داد، دانهنِ کي ڏُڏي ڏيندو تـہ آ.

❖

شوق جون شڪتيون غمن ۾ غرق ٿيون،
جڙ تـہ قومون، انجمن ۾ غرق ٿيون.
سنگدل ويهين صدي تنهنجي هٿان!
جهومنديون بستيون، بمن ۾ غرق ٿيون.

❖

دين جي ڀَرَ يا ڌرم جي نام تي،
ڪنهن کي شرمائڻ مان ڪجهه ورڻو نه آ.
بابر، ابراهيم ٻئي اسلام تي،
جو لُٽڻ آيو اهو ترڻو نه آ.

❖

هڪ صدي اڳ تي ڇُڪو هِتِ فيصلو
جنگ، مياڻيءَ جي قدامت جي شڪست.
ڪلهه به هو ۽ اڄ به ساڳيو سلسلو
فتح، حڪمت جي جهالت ٻني شڪست.

❖

شور کهڙو لَهر جو ساگر سوا،
زور ڇا جو واءُ جو اوڙر سوا.
شعر منهنجو گرجي، گڏجي قوم سان،
اسلحو بيڪار آ لشڪر سوا.

❖

بحر تي او دوست! ڇَرَ ٽيندو نه ڪر،
تون آن ڪارونجهر، ڪکر ٽيندو نه ڪر.
پير پختا ڪر پپر جي پاڙ جان،
واءَ وانگر دربدر ٽيندو نه ڪر.

❖

مُنهن تَڪيو ماڻهن جو، ويسن ڏي ڏسو
دل جي ڏنڏن کي نه ڇيڙيو دوستو!
ٺهڪڙا جن وٽ ڪِڙن تن سان ملو
دردمندن کي نه ڇيڙيو دوستو!

❖

مغل بادشاهه بابر ۽ ابراهيم لوڌيءَ ڏانهن اشارو

چا وڃايو چا مليو ليکو نہ ڪر!
ڪجھ کٽيو ڪجھ هاريو پٽڪو نہ ڪر.
چا اچڻ کان اڳ، وڃن کان پو بہ چا،
جڻ ٻُڏيءَ مان وئي ٻڏي، اُلڪو نہ ڪر!

❖

عشق اڻ جهل، عشق کي آرام چا؟
ولولي تي ولولو آ دام چـا؟
مون تہ ماڻڻ جو ڪيو آ فيصلو
صُبح ماڻيم سُور، ماڻيان شام چا؟

❖

يا تہ ڪوشش جو عمل ڪامل نہ هو
يا تہ پورهيو پيار سان شامل نہ هو.
نيڪ نيت، هوش، همت شرط هو
مرد سامهون ڪو بہ ڪم مشڪل نہ هو.

❖

ڇهرو هرهڪ ديد کان گم، گفتو هر هڪ گوش کان،
اعتبار ئي گم ٿئي تو، ايترو پردو نہ ڪر!
آدمي جو سپنو آ، يا تنهنجو آهي فيصلو
حشر ڪر، هيڏو وڏو هي مسئلو ڏنڏلو نہ ڪر!

❖

خواهشون جيڪي ڪڏهن پوريون نہ ٿيون،
جڻ تہ خوشبويون جي ڪنهن ناهن سنگهيون.
حسرتون اٽـورچ دل جـون مـون ڏٺـيون،
رُڃ ۾ روجهـون اڃـاريـون پئي ڏُڪيون.

❖

هو وتن ٽا عيش جا شيشا ڪنيون،
هي اڇن ٽا گهرج جا تيشا ڪنيون.
دور- دنيا جهومندا وڌندا هلن،
دل ۾ دهشتناڪ انديشا ڪنيون.

❖

خام آ، جنهن جو بہ آهي هِي خيال:
سنڌ ٿيندي ختم اڳ چاليهہ سال.
سنڌ رهندي، سنڌي رهندا شاد باد،
بند ڪر افواهہ، ڌارين جا دلال!

❖

چو ڪٿي رڪجون رفيقو! ارتقا رڪجي نہ ٿي،
زندگي جي آرزوءَ ۾، جستجو ٿڪجي نہ ٿي.
ساٿيو، سَندرا ٻَڌي، هلندا هلو وڌندا هلو
پاڻ چو بيهي رهون، دنيا جڏهن بيهي نہ ٿي.

❖

لوچ ويڙهي سوچ ۾ رکبي نہ آ،
لاٽ پوچي پاند ۾ ٻَڌبي نہ آ.
شخص کو ڪڪ ٿئي تہ ڪک ٿي توسگهي،
قوم ساري ڪجهہ بہ ٿئي، ٿڪبي نہ آ.

❖

ڪئسٽن کان ٿِي وِيءَ تائين شاعري!
تيز باغي شاعري، آهي ڪٿي؟
هر قدم تي ڪوني بيٺي رهبري،
انقلابي- رهبري آهي ڪٿي؟

❖

بُوءِ سُرهي بوستان جي شاعري،
روشني آ ڪهڪشان جي شاعري
جوش، هوش ۽ حڪمتون جاتي ڏسو
دوستو سمجهو اسان جي شاعري

❖

جا گهڙي آئي وڏي، ڇڏجي بہ ڇو؟
صبح جو ڪم شام تي رکجي بہ ڇو؟
سوچ، ڇيهي ڪي متان ڇُهندو هجين؟
زهَر جي ذرڙي مگر چکجي بہ ڇو؟

❖

نيم ديوانو بخاري شاعريءَ جي شوق ۾،
سِنڌ اَڌ تي تي چَري پئي نوڪريءَ جي شوق ۾.
خلق جيئن جيئن تي ڪُسي تڙپي لڇي تيئن ٿو نچي
لوڪ جو دشمن مدبر، ليڊريءَ جي شوق ۾.

❖

سامهون اُلري مسئلي تي مسئلو
ڪربلا گذري تہ ڪڙڪي زلزلو.
اهڙي محشر ۾ دلاور دوستو
هوش ڪي گهرجي خدا جو حوصلو!

❖

دوستيءَ جو دم هڻڻ ڏاڍو ڏکيو
ڪنڌ تي پربت کڻڻ ڏاڍو ڏکيو.
ڪلڪيوليٽر ڪي ڇڏيو انسان ڪي،
يار جو "هڪ ڳڻ ڳڻڻ" ڏاڍو ڏکيو.

❖

رات کي سڪرات جو آهي عذاب،
جو اڀيان اُڀريو اڃي پيو آفتاب.
خواب آ، هر رعب تخت ۽ تاج جو
هڪ حقيقت آهي اڄ تر انقلاب.

❖

عزم اُڏري آسمان کان اڳيرو
عرش اعليٰ ڪهڪشان کان اڳيرو.
امن جو نغمو ڏنم، گونجي ويو
سنڌ چا، ساري جهان کان اڳيرو.

❖

منهنجو حصو مُڳ، قصو مختصر،
قوم منهنجي ڪوهُ، ساگر بي ڪپر.
شعر اربيم قوم کي تي ويا اَمر،
قوم منهنجي معتبر ڪلون معتبر.

❖

خامشي ۾ سرڪشي ڏسٽي اَٽئي،
بي ڊپي بانڪي نَڪرَ توڙي ڏي ڏس.
خوامخواهه جي مسخري ڏسٽي اٽئي،
سمنڊ ۾ طوفان جي جهيڙي ڏي ڏس.

❖

پريات بي نه ٽئي ۽ ستارا هليا وڃن،
طوفان تيز ٽئي ته ڪنارا هليا وڃن.
هھڙو ڪلور ڪنهن به نه هوندو ڏٺو ڪٽي،
جو ساٿ پيو هلي ۽ سهارا هليا وڃن.

❖

ڪاٿي آ قوم سنڌي، قومي زبان ڪٿي آ؟
ٿِي وِي اسان جي اڏمن جو ترجمان ڪٿي آ؟
تاريخ جو جبر ٿو طعنو هڻي پڇي پيو
آزاد قوم، تنهنجو اوچو نشان ڪٿي آ؟

❖

مصريءَ جي ٿَڙَ ملي يا وِهڻَ جي ٻڙي مِلي،
ماکي مني ملي يا رَسوَلِ ڪڙي مِلي،
سَنهُن ساڪَ زندگيءَ جي دلريش دلڪشيءَ جي،
ٻاري ٻُهي ڇڏيسين، جيڪا گهڙي مِلي.

❖

انبن جي پال ۾ جيئن گدرو به رکبو آهي،
تيئن انتظار ۾ تون ڪجهه اعتبار رک.
هيءَ چيز ڪم جي آهي، مشڪل ۾ ڪم پئي ايندي،
ڪانئر- فرار ۾ تون، سورهيه- ڪرار رکُ.

❖

ڪِلو سنيالي سنيالي، متان رُئي نه پئو
رُئو ته پاند سان اُگهندا وجو پسي نه پئو.
اڄوڪو ڏينهن، جو مس مس مليو آ مهلت ۾،
سَڌون هزار، مسئلا سوين، مُنجهي نه پئو.

❖

”قوم زنده تي رهي پر جي زبان زنده رهي“،
مامتا مَرڪي، مَلهي، پر جي امان زنده رهي،
توسان، ها توسان او سنڌي قوم آ منهنجو وجود،
تنهنجو شان زنده رهي، پو منهنجي ”مان“ زنده رهي.

❖

دهشت کي لڳي باهہ ٽپهريءَ ڏاري،
عزت جي اگهي آهَہ ٽپهريءَ ڏاري،
تدبير ۽ تقدير جي همت کي آ-
وَڻ وَڻ ڪئي وهواهَہ ٽپهريءَ ڏاري

❖

آڙاهہ ويو اونداهہ کي ساڙي اهڙو
جو پنڊ تہ ڇا، پاپ جو پيرو نہ مليو
درياهہ ويو گجگاهہ کي لوڙهي اهڙو
جو ڏار تہ ڇا، ڏار جو چوڏو نہ مليو.

❖

دل جان جگر آهي، وطن جي ڌرتي،
نيڻن جي نظر آهي، وطن جي ڌرتي.
هر ڏُکَ جي دوا آهي طبيبو بابا-
اڪسير اثر آهي، وطن جي ڌرتي.

❖

جنون، جوش اوهان جو تيار آهي متان،
سڌي ڏڦيڙ مچرجي، اُتي، ٻڪي نہ پئو.
اهو بہ عيب غضب جو آ، غير جي هٿ ڪان،
ڇٻي ملي تہ اُتيئي جهُڪي، هُشي نہ پئو.

❖

امير، پير کي آ مانَ شانَ جو اونو
وچين ڪلاس کي ڪلچر زبان جو اونو.
مريض ملڪ جي قرضي عوام کي آهي،
اَتي علاج، لتي ۽ مڪانَ جو اونو.

❖

نوان مشال، نيون روشنيون، نوان شعلا،
نوان خيال، نيون ڪوششون، نوان جذبا.
چيو لطيف، بخاريءَ کي، آزمايو هي،
نوان جوان، نوان قافلا، نوان رستا.

❖

امير، پير کي، زردار يار جي ڳولا،
وچين ڪلاس کي، غمتار پيار جي ڳولا،
مِلون، بزار، ٻنيون ڳوٺ جون ڳليون شاهد،
غريب لوڪ، رڳو روزگار جي ڳولا.

❖

محفل جو لطف لات ۾ جرڪيو اُجهيو وجان،
سچ ٿي پچين تہ ڪو نہ ڪو الڪو نہ ٿو ڇڏي.
ڪاٿي عزيز زندگي، توکي وٺي هلان؟
ڪنهن جاءِ تي بہ موت جو کُٽڪو نہ ٿو ڇڏي.

❖

تخليق جي هر شڪل پڪي شاهد آ،
خالق جي انڪار جي وقعت ڪهڙي؟
بي جسم آ، بي مثل آ، بي هيئت آ،
الله جي اقرار جي صورت ڪهڙي؟

❖

قبيح دور ٿئي ٿو قديم جي ضد کان،
ڏيو جديد جي هٿ ۾، حسين ٿي ويندو.
فلڪ جو فخر اجايو تہ هُو اُتاهون آ،
جتي اُڏامَ اسان جي، زمين ٿي ويندو.

❖

[1] ’سقراط‘، ’رسل‘، ’باخ‘ گهڻو سمجهايو
بي انت زمانا، توکي سمجهي نہ سگهيس.
يا روح نچايئہ يا لڇايئہ، اِهو ڇا هو؟
بي چين بهانا، توکي سمجهي نہ سگهيس!

❖

پَڪ، پَرڪَ جي دنيا ۾ انومان اچي نڪتو
ماڻهن جي مدد لاءِ هنومان اچي نڪتو.
الياس، خضر کي چيو گهُر، شِرَ کنان خيرُ،[2]
جبريل جي پوشاڪ ۾ شيطان اچي نڪتو.

❖

تِکو هوندو تہ چڙ ڏاتو تکو هوندو
مُڏو هوندو، تڏهن بي متڙکو هوندو.
لِکيو جيڪو بخاري چوسٽو هوندو
فضا ۾ ڦڙڪندو ٻاڙهو جهنبو هوندو.

❖

تعريف ۽ تحقيقُ جو رد کد بہ ٻُڌم،
تشڪيڪ ۽ توحيد جي ٻڌ تر بہ تہ هئي.
پئي عشق۔ عقيدي جي سهاري تي وڌيم،
پر سُرت۔ سمڪ راهہ ۾ رهبر بہ تہ هئي.

❖

ڏسو عوام جو گلشن، بهار جي خوشبو
نئين شعور جون هيرون، وقار جي خوشبو.
کِڙي پلي تہ کڙي بوستان يڪائيءَ جو
مِڙي پلي تہ مِڙي آپار جي خوشبو.

❖

---

1 نئي دنيا جا وڏا فلسفي
2 حضرت الياس عليه السلام ۽ حضرت خضر عليه السلام

خوشبو چيو: مچي پيو هي روشنيءَ جو ميلو
سنڌو چيو: جيالن جي زندگيءَ جو ميلو.
تاريخ جو ڪنن ۾ گهوگهو وڳو ٻڌو مون _
گهُوگهُوءَ چيو: بخاري، ڪڙمي ڪميءَ جو ميلو.

❖

ڏسان دل ڏي تہ ديوانو لڳان ٿو
اڃا اڳتي تہ ويرانو لڳان ٿو.
جو ڳايو پنڌ ۾ اُس، ڇانءَ گڏجي،
اهو ڏُک سک جو دوگانو لڳان ٿو.

❖

جي سُرڪي ڏين تہ ساگر ڏي ڏسان ڇو؟
جي راضي ٿين مقدر ڏي ڏسان ڇو؟
گڏيہ گوڏي جي ويهاري ڇڏين تون،
سڏي هوڏي، سڪندر ڏي ڏسان ڇو؟

❖

جي ڪوڪون ٿا، وڏو هنگامو ڪوٺيو ٿا،
جي سُڏڪون ٿا تہ ٿا اوتر _ ڳڙو سمجهو.
اسين مظلوم اُلرون ٿا تہ لرزو ٿا،
اِڇهو ميڇرون ٿا، هاٿي زلزلو سمجهو.

❖

ايازي عيب سمجهيسين، نہ تيموري نہ تاتاري،
پري پيريءَ، اميريءَ کان نہ درگاهي نہ درباري،
اسان جو يار مزدور آهي، منظورِنظر هاري،
تعارف مختصر، آهيون اسين پورهيئي جا پوڄاري،

❖

اجوڪن آڻ ڏنن سپنن جو چھرو
مان آئيندي جي درپن ۾ ڏسان ٿو.
ڪڏهن مَن تاس ڪيتن جي لھي پئي،
ڪٽي ساگر ڪي ڪڪرن ۾ وجھان ٿو.

❖

شهيدِ سنڌ جو سَنڌُ سَنڌُ سَهيڙيو
سوين بخرا ڪري وِڪ وِڪ وَنڊايو.
”دفن هِن ديس جي دِهہ ۾ ٿئي هو“
وصيت ويو ڪري، پوري ڪرايو.

❖

مان پنھنجو عشق ماڻھن کي ٿو سمجھايان،
اجهل جذبن کي لفظن ۾ وجهان ٿو.
ائين ساگر کي بازر ۾ ٿو پهچايان،
ڪٽي لھرن کي لوٽن ۾ وجھان ٿو.

❖

مان پنھنجي دل جي ٻڙڪن کي، لڪائڻ لاءِ ٿهڪان ٿو،
اوهين سمجھون ٿا جھومان ٿو، قسم اڏمن جو تڙپان ٿو.
جيئن ٿو عشق جو اوتر اڪيڙي پير منھنجا ٻئي،
تيئن محبوب تنھنجي سونھن کي مضبوط ڇھُتان ٿو.

❖

مري غالب نٿو مان ڇو مران؟
فراز ۽ فيض وانگر پيو جيان.
پٺائيءَ کي چيم: بابا ٻُڌو
بچي ”سنڌي“ تہ مان بي ٿو بچان.

❖

وڄايون ڪيترو جهومي، نچي پر،
چپن جو چاهه، چنگن ۾ نہ ايندو.
ٻُڌايون ڪوڙ تشبيهون ڏئي پر،
مزي جو لطف، لفظن ۾ نہ ايندو.

❖

چمن جو واس جهوُنڪي مان نہ ايندو
مگر جهوُنڪو بہ بُو ڏيندو تہ آهي.
مزو ساپيان جو سپني مان نہ ايندو
اهو مجبو تہ ڪجهہ ايندو تہ آهي.

❖

ڏڏڙ جو جهول بنجان ها، مرڻ ڪانپو
سڄي سنڌڙي تي ڇتڪاريوم ها ساٿي!
گهڙو پاٽيءَ جو پسجان ها، مرڻ ڪانپو
ڪٺي سنڌو مٿان هاريوم ها ساٿي!

❖

تشخص ۽ تقدس سو بہ هن ٽَر جو؟
تڪلف برطرف، ڇڪچور ٿئي ٿو پيو.
سچل سرمست وانگر سَت زبانو هي،
پٽائي جو وطن مشهور ٿئي ٿو پيو.

❖

ڏنو آ ڏونگرن ٽر بر ڪي گهوگهو،
ڪنارا سنگهرون، ساگر ڪي گهوگهو.
اهو آفاق جو گهيرو ڏئي ٿو
زمين ڪي، چنڊ ڪي، انبر ڪي گهوگهو.

❖

يلي امـرت ليڙ جـــي آرزو ڪر،
جهجهي سندوءَ جي جَرَ جي جستجو ڪر!
ازل ڪان عرش تنهنجي بحث ۾ پر-
گهٽي تَرَ جي ۽ گهَرَ جي گفتگو ڪر.

❖

حقيقت، علم، حڪمت پيار لئہ اقرار ناهيون تا،
حماقت، وهم، ظلم ۽ زور جو انڪار ناهيون تا.
گهٽڻ يارن جي ليکي ۾ مڙئي اشعار ناهيون تا،
ادب جو سُنهن، اسين انصاف جو سنسار ناهيون تا.

❖

ڏِسيو وڻ- وڻ کي اوتر ۾ وجان ٿو
چڏيو منچر، نندي چر ۾ وجان ٿو.
پتو ناهي تہ ڇا ٿيندو خطي جو،
مئو استاد ٻُڏتر ۾ وجان ٿو.

❖

اهي جي ان طرف افلاڪ آهن،
هميرئو ڪاڪ ۾ جڻ ڪاڪ آهن.
وڏي ماڻن ٿا منزل مينڌرا سي،
جي هڪ چالاڪ ٻيو بيباڪ آهن.

❖

اهـو آفـاق جـو گهيـرو چَلو آ،
او هستي، ڇيچ تنهنجي ۾ يلو آ!
ڪِري پوندو ڪڏهن ڪٿ نيستيءَ ۾،
گسي ٿو پيو اڳيئي گهرگهلو آ.

❖

بُڌي تو ڪير ڪوئل تنهنجي ڪو ڪو ڪي،
تماشا باغ ۾ بيلي ۾ ڏوڏو آ.
سنگهي تو ڪير سُرهيا تنهنجي خوشبو ڪي،
انهيءَ بازار ۾ دونهين جي بدبو آ.

❖

ٽَڙِي خارن پَڙيو: خوشبو ونگيندا سين،
گلن ٿهڪي چيو: مهڪون ونڊيندا سين.
جيئڻ جو حق، رُسي قدسي ڪسيندا جي،
خدا جو سنهن، نہ ڏيندا سين، نہ ڏيندا سين.

❖

پهاڙن جون وڏيون چوٽيون جهُڪائين، تون،
خلائن ۾ اَپالن کي ڏُڪائين، تون.
عظيم انسان مان توکي مڃيندس پو
جڏهن سنسار جا آنسو سُڪائين تون.

❖

جيئن برسات ۾ ڪيليون، ائين ڀونچال ۾ ماڻهو
نڏڪي خلق، ڏڪي ٿي جي جيئي ها تہ ڇا ٿئي ها!
اجايو انتظار استاد. خالق کي ۽ خلقت کي،
قيامت سا هِتي ئي ٿي بہ گذري ها تہ ڇا ٿئي ها!

❖

تہ ڇا. گمنام ٿي ويندا سين يَرَ آهستي آهستي؟
خيال۔ خام ٿي ويندا سين يَرَ آهستي آهستي؟
پراون کي پناهون ڏيندي ڏيندي ڏينهن هڪ ايندو
اسين خود سام ٿي ويندا سين يَرَ آهستي آهستي؟

❖

خدا کان ناخدا تائين خيال آهي،
ازل کان انتها تائين خيال آهي.
لقاپور جو لقا تائين خيال آهي،
بخاريءَ جو بقا تائين خيال آهي.

❖

عقيدا تـو بنا بنياد ٺهرايـو
اڇي پيو فرش تي مون عرش ڪيرايو.
قنوطي، تو گهڻو هر وقت روڪيو پئي،
مگر مون دور پئي هر روز ڦيرايو.

❖

او ڏاها، تنهنجي ڏاهپ جو پڙاڏو[1]
هوا ۾، هير ۾، اوتر ۾ آهي.
اتيو رائين کان راويءَ کان گذريو[2]
سڄي سنسار ۾، گهر گهر ۾ آهي.

❖

ڪشش جو ڪرشمو هرڪو مڃي ٿو
سَگهو "سگمنڊ" آ جبلت جو جادو.[3]
مگر دنيا کي موهيندو وڃي ٿو
او دانا "ڪالما" دولت جو جادو.[4]

❖

ڪارل مارڪس ڏي اشارو
جرمنيءَ کان پاڪستان يا يورپ کان ايشيا
سگمنڊ سگمنڊ فرائڊ
4 ڪالما: ڪارل مارڪس

حياتي، نانگ تي لت آ،
يا سَرَ ٽانڊي جي سنگت آ.
مزا، ماتم اُتي ماڻيو،
مليو موقعو غنيمت آ!

❖

وڏيو دنيا جي دل ۾ دڪدڪو آهي،
وڏن لوڏن ۾ دهشت، دٻدٻو آهي.
قيامت ناهي، مظلومو نہ گهٻرايو!
رڳو ظالم جي گهر لئہ زلزلو آهي.

❖

ڪٽي ڪنڊيون، گلابي موسم پهتيون،
ڪري سينگار سهڻيون منزلون پهتيون.
مجينديون مات، جهڪنديون مشڪلون پهتيون،
جتي تنهنجون ۽ منهنجون جرئتون پهتيون.

❖

هنر وارو هجي، دنيا سڄي دولت ئي دولت آ،
هوا، سورج، مٽي، پاڻي وڏي قدرت جي نعمت آ،
فقط سهڻا گلابي گل، ستارا، چنڊ ئي ناهن،
جبل، جر، جهنگ سڀ سهڻا، رڳو صورت ئي صورت آ.

❖

جليو جيئرو وتين ٿو جوت وِرچيندو
مرڻ کان پو مڃي ڏيکار پو مڃجي!
نہ تون عيسيٰ نہ تون موسيٰ نہ تون مائو
بخاري ٿي بچي ڏيکار پو مڃجي!

❖

نسورو زهر پِي ڏيڪار پو مچجي!
اهو پي پو بہ جي ڏيڪار پو مچجي!
پچين ٿو پيو بچين ٿو پيو تہ چا ٿي پيو
اِنهيءَ مچ ۾ نچي ڏيڪار پو مچجي!

❖

گسي- پيسي پنجيئي ٿي پراٽا ويا،
ڇهين حِس سان ڇُهي ڏيڪار پو مچجي.
تہ آخر زندگي جو دنگ چا هوندو
زماني کان پُڇي ڏيڪار پو مچجي.

❖

اچو ايندڙ صديءَ جي آجيان ڪريون!
نشانبر "امن عالم" جو نشان ڪريون.
هٿايون ايتمي آڙاهہ ڌرتيءَ تان!
جهنم گُم ڪريون، جنت عيان ڪريون!

❖

زماني جي گهڙي ۽ مان بئي يڪسان،
گهڙي گذري، زمانو لازوال آهي.
جٿو مينار ٿيندو ڌوڙ هڪ ڏڪ سان،
مگر پيغام منهنجو لازوال آهي.

❖

بہ پيرا، بہ- هٿيا، تون چا تہ طاقت آن!
ڪٿي نافت، ڪٿي ناز ۽ نزاڪت آن.
جهنم، جنتون تنهنجي طبيعت ۾،
تون پنهنجي هر قدم تي هڪ قيامت آن.

❖

زمانو باھ بارائي، ڄمي وڄجي تہ پو مڄجي،
اشارو يار ڏيارائي، رِڄي وڄجي تہ پو مڄجي.
ڪلاشنڪوف جي ڪڙڪڙ ۾، ڪوئل ٽين متان شاعر!
ڳڙائون- مينھن ٽي ڪڙڪِي، گجي وڄجي تہ پو مڄجي.
❖

اسين سُرھاڻ جا گيسو صبا بنجي سنواريون ٿا،
ڪندا شبنم جي قطرن کي، نگامن سان سلام آھيون.
نہ ڪنڊن کي ٿا ڪيڪاريون، نہ ٿوھر سان رکون ياريون،
مگر رابيل جا نوڪر، گلابن جا غلام آھيون.
❖

رذيل انسان خود شيطان ٿي ويندو،
عظيم انسان ڄڻ يزدان ٿي ويندو.
پيانڪ خير، شر جو معرڪو ھوندو،
زمانو حشر جو ميدان ٿي ويندو.
❖

اڳيان سنسار ايڪيھين اچي ٿي پئي،
ڏسون ٿا ڪامپيوٽر تي ھلي ٿي پئي.
دڳن تي نرڳ، سرڳ آھن سجايا ويا،
عجب آھي، پڇي ٿي، تہ بہ نچي ٿي پئي!
❖

انڌارو پرھ ڏاري ڦٽڪندو ڏسبو
سويرو صبح ايندو جھومندو ڏسبو.
پٽيندو پَٽڪو لاھي تارو تارو ھُتِ،
ھتي پيو ٻوٽو ٻوٽو ٽھڪندو ڏسبو.
❖

هي ايڪيهين صديءَ جو انتظار آهي،
فلڪ بي چين، ڌرتي بيقرار آهي.
شڪاگو کان هوانگو جهؤنڪي جهؤنڪي ۾،
ڪنايو "امن عالم" جي پڪار آهي.

❖

اُجهايو جنگ ناحق جي، پيمبر ٿيو
کڻو گيتا جا ۽ قرآن جا گفتا،
پتائيءَ ۽ بخاريءَ کي گهرائي ڇئو:
ٻڌايو امن عاليشان جا گفتا.

❖

زمانن کي نپوڙي ٿو ڪيڏان نغمو
ڪتابن کي نچوڙي ٿو لکان نغمو.
مِنو محبوب جي پرپور بوسن کان۔
اهو امن و امان۔ امن و امان نغمو.

❖

جهنم کان شعاعي[1] جنگ بدتر آ،
نظارو امن جو جنت کان بهتر آ.
اڏا جنگين جا ذهنن مان پيا پٽجن،
کُلي ويو امن جو هر دل ۾ دفتر آ.

❖

ٻُڌو "ون ورلڊ" جو "بشري۔ ترانو"
اُپرندي ۽ اُلهندي جو خزانو.
وِجون ڪرنديون نہ ايٽم بم تي هاٽي،
نہ جلندو ڪو جهان ۾ آشيانو.

❖

---

[1] ليزر شعاعي

جو اُيو ٻاتو اهو ناهي جهُڪيو
دار تي رهندو اُڏو ناهي جهُڪيو.
پنج کنڊ ۽ ست مها ساگر گواهه،
ڀونءِ تنهنجو پُٽ ڀٽو[1] ناهي جهڪيو.

❖

جتي سهٽيون تر ڄاڻن، نوان ميهر ملهي ڄاڻن،
اسان جي عزم کي اهڙن ادارن جي ضرورت آ.
چڙهي ويا چنڊ ڏي ڪافر، لڙي ويا حور ڏي مومن،
هتي هڙني کي هوندي حسن وارن جي ضرورت آ.

❖

ندين کو ڪيو اَڏِن پٽڪيو: اُجارن جي ضرورت آ،
پُڪاريو ڪٽڪ ڀانڊن ۾: ٻُکارن جي ضرورت آ.
مگر آڏو ڀتر ناهن ڀُرن، ٽُڪٽا ٽَڪرَ آهن،
لکن تيشن، لکن فرهاد ڀارن جي ضرورت آ.

❖

چنيسر جو رڱيون ڇهرو اگارن جي ضرورت آ،
ٻَڏايون نوڙَ جي ڀڳ، راج وارن جي ضرورت آ.
تکا تازي تتونءَ وانگر ڏَکي ڏُڙڪي ڊڊا تي ڀيا،
اشارن مان نه ڪجهه ورٽو آ. تارن جي ضرورت آ.

❖

جيءُ جيجي، تيج تنهنجي تي ملهي!
تنهنجو هر سچو ٻچو ناهي جهڪيو.
سنگهه[2] سامبس، شينهن دودو هوشو شير،
اَنگ آڏو اڏ تيا، متو ناهي جهڪيو.

❖

---

1. ڀٽو: ذوالفقار علي ڀٽو
2. ڀڳت سنگهه....، دودو سومرو هوشو شيدي

مرد، محمود ءِ متن وڙهندي وڍيا،
تخم دريا خان جو ناهي جهڪيو.
جهوڪ[1] جو جهونجهار بانڪو بي ڊپو،
عام ساٿي تي اٿيو ناهي جهڪيو.

❖

روپلو ڪولهي سَلي ساٿي نہ ٿو
اَگريون شعلو اُلو ناهي جهڪيو.
پيرڻ[2] بختاور، بلاول، نون- عين-
ڏڙ ڏڪيو سينو رڏو ناهي جهڪيو.

❖

صدين ۾ ٿيو بہ هڪڙو ديدور پيدا تہ ڇا ٿي پيو؟
اسان جي ڏيهہ کي ڏاهن هزارن جي ضرورت آ.
نوان سقراط، افلاطون پيو استاد پيدا ڪر،
زماني کي نڪورن شاهڪارن جي ضرورت آ.

❖

قط، قلم، هٿ، هوش هججو هوشيار!
قوم وڻندي ٽُبڪي ٽُبڪي جو حساب.
شاعري، استادَ تڪبي توربي،
جلد ٿيندو جملي جملي جو حساب.

❖

ترت ٿيندو آيري سَيري جو حساب.
وقت سانڍيو واڪي واڪي جو حساب.
زارَ[3] نيرو هِٽلرو ڦورو بڏو
ورتو ويندو ذري ذري جو حساب.

---

1 صوفي شاهہ عنايت شهيد ڏانهن اشارو
2 نون- عين: نذير عباسي
3 زار: روس جو شهنشاهہ   نيرو: يونان جو بادشاهہ   هٽلر: جرمن فاشسٽ

مائرون، پيٽون، ونيون جيڏيون رُنيون،
سو سنيارج سُڏڪي جو حساب!
چَنئري چَنئري ڏي ناهري ڪر عُمرَ،
پوتِي پوتِي، پَتڪي پَتڪي جو حساب!

❖

اک پَتي جهولا، ڪليون لوساٽجو!
ڪو رکي پيو جهوٽڪي جهوٽڪي جو حساب.
هان ونو پلپل دعا، دم دم عمل،
جي ونو ٿا لمحي لمحي جو حساب!

❖

هي بہ لکبوتر جو هڪڙو سانحو
مِينهن بدران ماڪ سان سرچي ٿو پيو.
ناڪئا! رکجو نظر هر شخص تي،
ڪي تہ بيڙيون خود خضر ٻوڙي ٿو پيو.

❖

دهر جي ديد ۾ اڳ ۾ ئي گهڻي عبرت آ،
شعر جي وات ۾ پيغام بہ حيرت جهڙو.
ٿي خدا پاڻ مون تي پاڻ ڏي جبريل مُڪو،
هو انهيءَ خواب جو الهام بہ حيرت جهڙو.

❖

هڪ مسئلو فقيه، پُڇون، ڪجھ ٻُڌائجو!
ڦتڪو لڳي تہ ڪيئن لڇون؟ ڪجھ ٻُڌائجو!
تحت الثريٰ جهڪون جي، اُتون آسمان ڏري،
ڪيڏو ڪروندڙو تي رهون، ڪجھ ٻُڌائجو!

❖

اُپ تان ڏِڪيو تہ پُونءِ تي آدم اچي ٽِڪيو
ڌرتي ڏِڪي تہ ڪيڏي وچون؟ ڪجھ ٻڌائجو!
او مِيرَ پِيرَ، ڪير- ڪندون ڪائجو يڪيون،
ڪاٽي ضمير دفنْ ڪيون، ڪجھ ٻُڌائجو!

❖

تو ڪٽي تيلي هنئي، ٻُوڙو ٻريو،
ٻُوڙي مان ٻيلو ٻريو ڀڙڪي ٿو پيو.
باھہ ٻارن ٿيون بخاري ذلتون،
ديس آهي ديڳڙو ٻَڙڪي ٿو پيو.

❖

اوتر نہ تي اُتاري موسم متان ڪرن ٺُٺَ،
ٺي هير ڳوئنج چيري، چرڪا تہ ڪو ٻڌي!
وِھہ جو وٺو هٿن ۾، قاتل اجل اڪين ۾،
سُقراط جا سُچيتا گفتا تہ ڪو ٻڌي!

❖

چو رات کي بہ ڏينهن سڏيون، ڪفر ۾ پئون،
چاڪاڻ ماڪ، مِينهن ميون؟ ڪجھ ٻڌائجو!
آڙاھہ تي جڏهن بہ جُوالا جهجهڙ ڪجو
طوفان تي اسان بہ اچون، ڪجھ ٻڌائجو!

❖

سسئي ٻڪي سُجن ۾، سهٽي ٻُڏي ڪُنن ۾،
سهڻن جا هيڏي هوڏَي سهڪا تہ ڪو ٻڌي!
عاشق جو لاش تڙپي، پِنڪو نہ تا ڪريو جي-
وهوا تہ ڪجھ ڪريو جو وهوا تہ ڪو ٻڌي!

❖

ڪيتري ڏاڏ توڏ تو تاتي!
ڏنپ ڏئي ڏيھ جي چليئي چاتي.
قوم ڪوڪي، لڇن پُڇن ياتي،
”شرم تم ڪو مگر نهين آتي؟“

❖

ڇھين حِسَ چرڪُ چيڙي تي تہ تڙپان ٿو
ڪٽي مون کي ڪنڌيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.
ازل ڪاهي، ابد ڳاهي چڪو آهيان،
خيال اڳتي بہ ڪيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.

❖

جو اوتر، مينھن ۾ آيو اَجھو سمجھي،
اُتي توڙيون اکيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.
گھٽيءَ مان ڪو بہ ڳيرو گھوٽ گذري ٿو
چِتو ڪو واڇ ٽيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.

❖

ڪنھن دردمند دل جا، دھڪا تہ ڪو بُڌي!
پٽڪا نہ تو ڪنائي، واڪا تہ ڪو بُڌي.
لازم نہ آھي ڪنھن جي، ھر ڪوڪ ڪم ڪنائي.
ڪِٿ ڪٿ، ڪڏھن ڪڏھن ير ڪاڪا تہ ڪو بُڌي!

❖

زندگي تڪتڪي وئي بنجي،
شاعريءَ زھر جي وَٽِي چاتي.
ڇيچَ ڦتڪا وجھن نچي ڪاتي،
”شرم تُم ڪو مگر نهين آتي!“

❖

واهرو ويري ٿئي، پوءِ ڇا ڪجي؟
روشني ميري ٿئي، پوءِ ڇا ڪجي؟
جو ڪري چوري، ڍڪي زوري وري،
سو اچي پيري ٿئي، پوءِ ڇا ڪجي؟

❖

زندگيءَ اهڙي آهي، پوءِ ڇا ڪجي؟
هائو وِهہَ جهڙي آهي، پوءِ ڇا ڪجي؟
مُنهن نہ رهڙيو آهي جو مڪجي ملم،
دوست، دل رهڙي آهي، پوءِ ڇا ڪجي؟

❖

مرڻ جي مند ئي ناهيس، پر جوڏو
جيئڻ جي لاءِ جهيڙي ٿو تہ تڙپان ٿو-
شڪاري جُوءِ ۾ شهباز پالي پيو
بخاري مور ميڙي ٿو تہ تڙپان ٿو.

❖

چاهہ چاقون تي پوي، پوءِ ڇا ڪجي؟
هانءُ ڦاڪون تي پوي، پوءِ ڇا ڪجي؟
ٿَرُ تتو تاسو گهري ساگر مگر،
مينهن ماڪون تي پوي، پوءِ ڇا ڪجي؟

❖

ڪي پِي پِي ڏوَ ني ڦوڪون ڏين،
ڪي سُرڪيءَ ڪاڻ ٻہ ڪوڪون ڪن.
سمجهڻ جي ڪيہ۔ سمجهي نہ سگهيم،
هن ميخاني جي هيءَ اُلجهن.....!

❖

نئين ٻار جون ريهون ۾ لاڏا،
مرحوم جي خاموشي، پِٽڪا ـ
سمجهڻ جي ڪيم سمجهي نہ سگهيم،
خود مطلب دنيا جي منشا ـ

❖

جِت ماڪ رُنِي هر ورق مٿان،
اُت مڪڙيو مشڪن شوق منجهان.
سمجهڻ جي ڪيم سمجهي نہ سگهيم،
باغن ۾ بهاري آ يا خزان؟

❖

آيس تہ هيس مان نامحرم،
وينس تہ اُٿاريو ويس يڪدم،
سمجهڻ جي ڪيم سمجهي نہ سگهيم،
هن محفل جا هي ڪم ۽ غم.

❖

هوا جو پُونءِ سان پٽڪو بہ سمجهان ٿو
نئون خوشبوءِ جو لهجو بہ سمجهان ٿو.
ضروري ناهي هيءَ دنيا ڪري ڏڏڪو
مان هن جي دل جو هر اُلڪو بہ سمجهان ٿو.

❖

اهو آ انقلاب، آهٽ بہ سمجهان ٿو
ٽُٽي ڳاٽن جو پيو تو ڳٽ بہ سمجهان ٿو.
ڳجي تر ڳاج، ساگر تي زمانو ـ
انهيءَ گونگي جو مان گهوگهٽ بہ سمجهان ٿو.

❖

ڪچو چاهي، سچو چاهي، سو سمجهان ٿو
مزو چاهي، ڏچو چاهي، سو سمجهان ٿو.
ڪروڙين سنڌ ۾ جوڌن سان سَگهو آهي،
بخاريءَ ۾ بچيو چاهي، سو سمجهان ٿو.

❖

تنهنجو شيطان ٿو ڪوثر تي بَڌي بَندَ خدا!
منهنجو فردوس، بيابان ۽ بَرُ تي ويندو.
سِنڌ آ ساھ، بنا ساھ نہ جي سگهبو آ،
منهنجا محبوب! سوا تنهنجي گذر ٿي ويندو.

❖

هو سليمان جو بولان ۽ خيبر شاهد،
ديوَ بيداد جي ديوار ۾ در ٿي ويندو.
ڪو بہ انسان لئہ ڪم ناهي رهيو ناممڪن،
ماڳ آزاد نہ آ منهنجو مگر ٿي ويندو.

❖

نٿو سمجهان مان ڪجهہ سيڪجهہ بہ سمجهان ٿو
او اُونهي ڳالهہ تنهنجو ڳُجهُہ بہ سمجهان ٿو!
ازل ڪان اڳ، ابد ڪان پوءِ اوندهہ آ،
زمانا تنهنجو منهن چا، پيچ بہ سمجهان ٿو.

❖

يار جي ياد نہ ايندي تہ قهر ٿي ويندو،
چو تہ برسات نہ پوندي تہ ڏُڪر ٿي ويندو.
وقت، حالات جي تبديل ڪي ڏس، بحث نہ ڪر
پَشمڙو گوئنچ بہ آ پنڊ پٿر ٿي ويندو.

❖

وينجهار مهاوير بنايان تہ بچان!
هر شعر مان شمشير بنايان تہ بچان!
تاريخ مڪو شرط آ تحريڪ هٿان،
تدبير سان تقدير بنايان تہ بچان!

❖

ايلاز کي اعجاز بنايان تہ بچان!
جي قاز منجهان باز بنايان تہ بچان!
ميدان ۾ بيٺو آ اڳيان بُو قلمون،[1]
ممتاز ۽ دمساز بنايان تہ بچان![2]

❖

خوش خير کي خوشحال بنايان تہ بچان![3]
اقوال کي اعمال بنايان تہ بچان!
سرمست جي بيتن مان اٿاريان اوٿر،
پٽ گهوٽ کي ڀونچال بنايان تہ بچان!

❖

سج ويجهو ٿو اچي آڳ، دڳن تي ٻرندي،
ٻوڙ بازر ۾ مزورن جو پگهر تي ويندو.
صُور ڦُوڪيان ٿو اُٿو مئٺ، قيامت ٿيندي،
عيش مظلوم لئہ، ظالم لئہ حشر تي ويندو.

❖

---

1 بوقلمون جادوگر
2 ممتاز ۽ دمسازان قصي جا ڪردار
3 خوش خير محمد فقير صوفي شاعر – خوشحال خان ختڪ پشتون جو ڏو شاعر.

بندوق ۽ ڪتاب مٿان دسترس هجي،
هوشيار پنهنجا يار بنايون، بچي پئون!
سهڪار امن، پيار ۽ انصاف سان هجي،
ڌهڪار تو ۾ ڏار بنايون، بچي پئون!

❖

”چا ڪجي“ ڪي ڇڏ بخاري، اُٿ، اُٿون!
ڪر تِڪي تڪڙي تياري، اُٿ، اُٿون!
سمنڊ ٿيون، سيلاب ٿيون، برسات ٿيون،
ظلم آهي پوڻ ۽ ڀاري، اُٿ، اُٿون!

❖

غدار دوست ٿين، ڏِڪاري ٽُڪي ڇڏيون،
جهُونجهار پنهنجا يار بنايون، بچي پئون!
جيڏا نہ گيت، بيت، قطعا، نظم ٿا گهڙيون،
ايڏا اُتي هٿيار بنايون، بچي پئون!

❖

تحرير ڪي ترار بنايون، بچي پئون!
ڳُوڪار مان ڪتار بنايون، بچي پئون!
هن ديس لئہ هزار اُٿن جانباز پيا،
هڪ هڪ منجهان هزار بنايون، بچي پئون!

❖

سونهن سجڻ جي جهولي سمجهيم،
هي تہ پٿر جي اکري نڪتي.
محبت چانوَ ڇپرَ جي ڀانيم،
هي تہ ٻٻر جي مُهري نڪتي.

❖

پرمار لاءِ هار هٿن ۾ ڪنيون وتون،
حقدار لاءِ هار بڻايون، بچي پئون!
ماري وجهن ٿيون تَرَ ڪي مسلسل منافقيون،
جي فيصلا سچار بڻايون، بچي پئون!

❖

زمانَ ساز وڄايو مڪان جهُومي پيو
زمين رقص ڪيو، آسمان جهومي پيو.
ڏٺو لقاءُ فرشتن، بهشت جي وچ ۾،
جوان زال سان، هڪڙو جوان جهومي پيو.

❖

پيٽ پارڻ جو پاريو اُجهيو ئي نہ ٿي،
پيار رِيَ روح منهنجو رِجيو ئي نہ ٿي.
زندگيءَ کان پڇيم: پيٽ ۽ پيار ري،
پيو ڪو ڪم ڪار توکي سُجهيو ئي نہ ٿي.

❖

جنت بہ اُها آ، جِت ٽِلندو هوندين!
سي جنتي جن ساڻ تون ملندو هوندين!
دوزخ جو ٺَري هاڻ تہ پوندو هوندو،
هُن ڏانهن نهاري جي تون کِلندو هوندين!

❖

هُن شوخ نگاهن سان ڦُري دل ورتي،
مون شوق۔ نظر ساڻ سندس حسن ڪسيو.
هڪ گنج ڦُرائي وري بيو گنج لُٽيم،
نہ ڪو نفعو ئي پيو ٿم، نہ ڪو نقصان رسيو.

❖

تنهنجو جلوو منهنجي جذبي سان جڏهن جڙجي ويو،
تنهنجو ڪجهه قابو تيو ۽ منهنجو سڀ ڪڙجي ويو.
ديد، ديدن ڪي قبوليو دل سان دل لائئون لڏيون،
مون تہ سمجهيو هو جو پڙهبو آهي، سو پڙهجي ويو.

❖

آهي ڪو ڪنهن جي ڪنهن سان پلا دل لڳي جهلي؟
آهي ڪو پوش پوش ڪري روشني جهلي؟
ها، موت تو هزار تباهيون ڪندو وتي،
پر هُو سگهي ڪتي تو نئين زندگي جهلي!

❖

محبوب ۽ مشتاق تي پالين، سانڍين،
ڪيڏي نہ حسين آهين، او دنيا! آلا!!
حورن جو وطن آهين وٽين تي ڏاڍي،
جنت جي زمين آهين، او دنيا! آلا!!

❖

تون مون کي وٽين تو اهو آهي ڪافي؟
مان توکي وٽان، هي ڪو ضروري ناهي.
تون سونهن پيارين تو پيان تو ساقي،
پر پيار پيان، هي ڪو ضروري ناهي.

❖

آڳ جي درياهہ ۾ ٻوڙي ڪُڏان،
هُن ڪناري تي اگر سهٽي هجي!
زندگيءَ ڪوجهيءَ کان ڏاڍو تو ٻجان-
موت جي ئي، پر خبر سهٽي هجي!

❖

تون سُهڻي تہ آهين، سو ڏسان ٿو وينو
هن ديس جي فردوس جي هڪ حُور آهين!
مان ڏاڍو گنهگار، مان ڏاڍو ڪوجهو۔
هي ڪيڏي سزا آهي، جو تون ڏور آهين!

❖

ٻڪ وجهي ساڻس، سمهي ماڻيان مزا،
مان مران جهٽ، جي قبر سهڻي هجي!
ڪر قيامت ڪير ٿو روڪئي خدا۔
شرط هڪڙو آ، مگر سهڻي هجي!

❖

عشق منهنجي جا اُٿيو اوتر پون،
سونهن تنهنجي جا لُڇيو ساگر پون.
ڪيئن تہ ٻانهن جي ڪنارن جا وڪڙ۔
چاهہ جي چيلهن ۾ ٿا هر هر پون.

❖

حسن ڪي ميجي يا ميجي عشق کي؟
قيس ري مڪتب مان ڪو مجنون نہ ٿيو.
حسنِ يوسف ڪي ڪپائي ڪِن چڏيو
ڪو زليخا وانگيان مفتون نہ ٿيو.

❖

جان پنهنجي جند پنهنجي، دلربا توکي چوان،
پر اهي ٻئي بيوفا، ڪيئن بيوفا توکي چوان؟
ڪفر ٿيندو خود خدا يا ٻيو خدا توکي چوان،
مان وڏي ويچار ۾ آهيان، تہ ڇا توکي چوان؟

❖

موں کي تڙپايئہ، طبيعت، مهرباني!
ماٺهپو بخشيئہ، محبت، مهرباني!
ويس بچي جو راهہ جو پٿر نہ ٿيس،
دردمندي، دل جي دولت، مهرباني!

❖

نظر سان مرڪ ميڙيندو وتان ٿو
چپن سان چاهہ چونڊيندو وتان ٿو.
ڇُهڻ بن ساز ڇيڙڻ معجزو آ،
سِڪڻ سان سُونهن ڇيڙيندو وتان ٿو.

❖

هل هاڻ تہ مڪجيس مَلر ڪا موسم!
ٽُڙَ ٽُڙَ ڪان چمن ڇِيرجي پيو آهي.
هِن تانگهہ جي تقدير بنائي شايد،
هڪ عشق، جو تحريڪ ٿي پيو آهي.

❖

استاد بخاريءَ جي ڏِسي دل زخمي،
هر لفظ جگر- جهير ٿي ايندو آهي.
هڪ دوست جي غمگين ٿَڏي تي جيئڻ ڪو
بيو دوست بہ دلگير ٿي ايندو آهي.

❖

گلابي زندگي توسان مِلان ٿو
الائي ڪيترا گندا لتاڙي،
تڏهن ڇهرو مکڻ تنهنجو چُمان ٿو
جڏهن مان تو اچان ٽوٽا ڇباڙي.

❖

سامهيءَ تي منهنجي سنڌ جون حُورون هلي اچن!
روئن تہ: منهنجي خاڪ تي تارا ڇِمي پون.
مُرڪن تہ : ڪُنڊ ڪُنڊ تي موتيا ڪڙي پون،
موٽن تہ: ڪي ملائڪ پويان لڳي پون.
❖

تون ڪوني مُرڪ سان گڏ سُرڪ پيارين ٿي،
زمانو باھہ جا شعلا اُلاري ٿو.
تون سُرهي سيج، پاسي ۾ ويهارين ٿي،
تہ جِيوَن جَرجلو بنجي اُتاري ٿو.
❖

زمانو ڏُور دردن ۾ ٿو اُڇلائي،
تون ٻوهي مون کي قربن جو اَجهو ڏين ٿي!
ٿتيءَ ريتيءَ تي مون کي وقت ٿچڪائي،
تون ٻوڙي پنهنجي زلفن جو اَجهو ڏين ٿي.
❖

تعلق هو توساڻ هڪ ٿِرَ سَهي،
انهيءَ ٿِرَ تان قربان هڪ سِرُ سهي.
ڇميم تنهنجو ديوارون، در هڪ صدي،
او مهمان- گهر، مان مسافر سَهي!
❖

[1] امرتا نہ تون، مان نہ ساحر سهي،
لِڪي پئي لڇياسين، نہ ظاهر سهي.
تون منهنجي سڄي عمر جي شاعري،
مان تنهنجو سڄي عمر شاعر سهي.
❖

مرتا: امرتا پريتم- ساحر: ساحر لڌيانوي

تون زلفن ۾ لڪين ٿو زور جا زنجير لوڏي ڏس!
ڇُهين ٿو تِرَ ڳلن جا، ترمر- گهر جا ڪير لوڏي ڏس.
پپر ۾ پينگهه جيڏن ساڻ، لوڏي روز جهُومين ٿو-
جوان آهين تہ قيدي- قوم جي تقدير لوڏي ڏس!

❖

مون نِنڊي هوندي ٻُڌي تنهنجي وڏي ساراهہ عشقَ!
پر جواني ۾ وڏءِ ساڙي، لڳئي شل باهہ عشق!
منهنجي زاري آ بخاري، ڪير ٽيندو آهيان مان،
ميهر ءِ مجنون جهڙن جا ڪڍيا تو لاهہَ عشق!

❖

هڪ ديس جو هڪ دور هيو پنيپ ءِ ويران،
ويران بہ اهڙو جو بيابان لڳي پيو.
"هڪ شخص" انهيءَ سيج ۾ فردوس درخشان،
هر پير گلستان- گلستان لڳي پيو.

❖

هڪ شخص "يتيم" آهي، يتيم آهي اهڙو
دنيا جي يتيمن جو نگهبان لڳي ٿو.
هڪ شخص عظيم آهي، عظيم آهي اهڙو
منان ڪان پوءِ، سڀ ڪان مهامان لڳي ٿو.

❖

هڪ شخص "امين" آ، نہ رڳو مان ٿو مڃان پر،
دشمن بہ مڃن بينا امانت ان جي.
هڪ شخص ذهين آ، نہ رڳو مان ٿو چوان پر،
تاريخ تي ثبت آهي ذهانت ان جي.

❖

ڪيترن جا ڏڻ سِريون تي ويا صفا ٻُهه ، ٺُهه آتا،
وقت جي پڙ تي عشاقن جا ٻڏا تو ڳاهه ، عشق!
حسن ۽ محبوب، سو مغرور رهندو ئي پيو
نوڪي جيڪا ڪاهٽي آهي وڃي سا ڪاهه، عشق!

❖

هڪ شخص جو انسان آ، ايڏو تہ عجيب آ،
اطوار ۾ اظهار ۾ يزدان لڳي ٿو.
هڪ شخص پڙهيو ڪو نہ آ، ايڏو تہ اديب آ،
جو اُنَ چيو الله جو قرآن لڳي ٿو.

❖

هڪ شخص چڙهي شهر، وڃي غار ۾ ويهي،
افلاڪ تي، آفاق تي، سنسار تي سوچي.
هڪ شخص پري شام جي بازار ۾ ويهي،
پرمار تي، زردار تي، نادار تي سوچي.

❖

هڪ شخص گهرو پيار ڪان هڪ وار نہ واندو
سنسار جي سينگار لئہ آزار سهي پيو.
هڪ شخص ڪڏهن نرڙ مٿان گهُنڊ نہ آندو
انصاف جي آواز تي تلوار ڪٽي پيو.

❖

هڪ اسم، اکر چار ڪو ٽيڪو بہ تہ ناهي.
پر چئن ڪتابن جو آ عرفان انهيءَ ۾.
هڪ جسم، چون جنهن جو ڪو پاڇو بہ تہ ناهي،
ادراڪ ۽ وجدان آ حيران انهيءَ ۾.

❖

هر ريت ڪٺي نعت، ستارا نعتون،
برسات، نديون، نهر جا ڌارا نعتون.
استاد جا اشعار تہ ڇا او شاعر!
قرآن جا تيهيئي سپارا نعتون.

❖

شاعريءَ جي آسمان جا افتاب،
تنهنجا روشن شعر ذهني انقلاب.
ذات توڙي ذات توڙي لات ۾-
شاهہ شاهنشاهہ آهين لاجواب.

❖

’ڳنُ‘ گهٽوئي تي ڇڪاسين، او لطيف!
ويڙ ڪائي، ’وات‘ ٿيا آهيون اسين.
ڪالهہ تائين تي ڪناسين تي ’بڪر‘،
اڄ ٿهر تي ’ڪات‘ ٿيا آهيون اسين.

❖

محبوب خدا ڇئو ٿا خدا جي نہ مڃي ڪو؟
مون کي تہ اهو فخر آ، محبوب بشر آ.
حڪمت نہ نبي زنده مڃي، آءَ ادب ڏي،
قرآن جو هر لفظ ثبوب آ تہ امر آ.

❖

اترادي لاڙيچو آهين،
ٿاريلو ڪاڇيلو آهين.
ڇڏ احساس اڪيلائيءَ جو-
لال لطيف جو ميلو آهين.

اجرڪ- اجرڪ، ٻٽڪو- ٻٽڪو
هر هڪ هوشو هرهڪ دودو.
سنڌي جذبو سنڌي جلوو-
تنهنجو روضو سنڌ جو ڪعبو.

❖

چون ٿا تہ تون شعر جو شاهہ آهين،
گهڻن جي نظر ۾ شهنشاهہ آهين.
شهنشاهہ ۽ شاهہ ڪا چيز ناهن-
سيد، سنڌ جو ساهہ، ويساهہ آهين!

❖

لال لطيف جي ڳالهہ هلي پئي، يارن ۾ اغيارن ۾،
بيٺڪ بيٺڪ، محفل محفل، اوطاقن، اوتارن ۾.
سنڌ ڪويءَ جي سچي سارهہ چمڪي چنڊ، ستارن ۾،
گلشن گلشن، صحرا صحرا، درياهن، ڪُهسارن ۾.

❖

ڀٽائيءَ جي ميلي تي پيرن عيوض،
اندر جي اکين ساڻ هلبو ضرور.
مٽيءَ سنڌ جي ماڻ جنهن کي ڏنو-
متو تنهن مِٽيءَ سان مَلبو ضرور.

❖

ڀٽائي تون هن ڀونءِ جو ڀاڻُ آهين،
اَيونئن لئہ دولهہ دريا خانُ آهين.
ٻُڪين کي مِٺو آهين تون نانَ ڪان،
ڀِين جي ڪکن ۾ ڪُتو ڪانُ آهين.

❖

مون آهي ڪئين بار ڏٺو يار پٽائي،
محفل ۾ مليومانس هيو هارُ پٽائي.
مقتل ۾ ڏٺومانس تہ تلوار پٽائي،
اغيارَ! خبردار، آ بيدار پٽائي!

❖

”صبر جن جو سير“، پنهنجي جاءِ تي،
حق لئہ آواز ڪرڻو تو پوي،
سنڌ جي سِر ڪاڻ، ڪارايل جا سُرَ،
هنج کي شهباز ڪرڻو تو پوي.

❖

ورڻ بڻيا عنوان، دڳ مضمون ٿيا،
امن ويو وک وک تي لکندو قافلو.
هڪ نئين خوشبو ۽ هڪ نئين روشني،
بستي بستي ويو ونڊيندو قافلو.

❖

پٿ گهوٽ جي هستيءَ تي لکڻ تو چاهيان،
ساڙهيءَ ۾ وڏو سمنڊ وجهڻ مشڪل آ.
ماٺهن جي محبت کي ڪٽڻ تو چاهيان،
مهراڻ جي ڇولين کي ڳڻڻ مشڪل آ.

❖

ڪلهہ رات، وطن لاءِ دعائون پئي گهريائين،
اڄ رات، سڄي سنڌ تي ڇئونڪي پئي ڏنائين.
تنهن ڏينهن رڳو ڪانهن جون ڪلڪون پئي گهڙيائين–
اڄ صبح ڏٺومانس، ڪهاڙيون پئي نپيائين.

❖

قسمتون لکندڙ اوهين، لوح ۽ قلم جا پاسبان،
ديس جي ڌرتيءَ جا خادم، عظمتن جا آسمان.
روشنيءَ جا ڪاروان! آ ڪهڪشان تنهنجي ڌڌڙ
منهنجي تَن جا، تَر جا جذبا، ڪن ٿا تنهنجي آجيان.

❖

هِن پار ۽ هُنَ پار جي هبڪار سنگهو
هِن يار ۽ هُنَ يار جي هبڪار سنگهو.
پختون، بلوچي هجي يا سنڌي، پنجابي-
سچار ڪلاڪار جي هبڪار سنگهو!

❖

ڪيلاش ۽ بولان جي خوشبو نہ سنگهو
هي گيتا ۽ قرآن جي خوشبو نہ سنگهو.
ڀڳوان يا يزدان ڪِلي خود تو چوي-
انسان ٿي، انسان جي خوشبو نہ سنگهو.

❖

[1] هي اديبن، عالمن، دانشورن جو قافلو،
ڪِرڙو ڪِرڙو سچ، ڌرتيءَ جي سجن جو قافلو.
ڏينهن، راتيون ڇا وکون ماپينديون تنهنجون ارتقا،
ڪالهہ جو اڄ جو، سياڻي سَنن جو قافلو.

❖

هبڪار ڪي ديوار سان ظالم نہ ورهايو!
هڪ جسم ڪي تلوار سان حاڪم، نہ ورهايو.
سچ، چنڊ جي چَمڪار ڪي ڪنهن ملڪ ونڊيو آ؟
فن-ڪار، قلم-ڪار ۽ عالم نہ ورهايو.

❖

سچل امن قافلو جو سچل ڪانفرنس بعد سنڌ ۾ هنيو.

آئيني کي ڳاڙها ڳلڙا،
سينگاري آڇيندي آهين!
ڇو وينگس تون جوڀن- جذبا،
پاڇن ۾ وِرچيندي آهين؟
❖

مُرڪي مُرڪي اڄ تو سهڻا،
منهنجي دل جي پُٺِ نپري
پيرَ کُپن پر ڪيئن نظرن جا،
تنهنجو سِينو اُيڪپري
❖

رات ڀنيءَ جو لارَ ڇَڙن جي،
منڇر ڇَر تي ٻُرندي آهي.
گُونج رسيلي تنهنجي ڇپن جي،
منهنجي ڇپن تي ڇُرندي آهي.
❖

منهنجي سامهون سخت ڪمند جون،
ڇيتيون نيٺ ڇليندي ڇو آن؟
ڳوريءَ مهُريءَ ساڻ ڀَگهرجي،
ساريون پاڻ ڇڙيندي ڇو آن؟
❖

ڳوٺ سڄي ۾ ڳالھ هُلي وئي.
سُونهن نئين ساماٽي آهي.
جيڏانهن ڪيڏان جهار وڏي پر-
اڪ هُن جي ڪانياٽي آهي.
❖

تنهنجي هاني ڪانگڙ ڪانو
تنهنجو سِينو سنگ۔ ٻتا.
تنهنجو ڳالهيون گچڙا آيون،
مکڻ چاٽا، گول۔ ڳتا.

❖

هٿ ۾ ڏاتو ڪڇ ۾ ڪارو
وک وک لک جو لامارو.
لاباري تي ويندي۔ ويندي،
لاهيندي وئي لابارو.

❖

منهنجي ڳل تي ڳوڙها لانديون،
ٽڙ ڏي ڊوڙيون تاسيون ٻڪريون.
تنهنجو نظرون منهنجون نظرون،
خير خُدايا، ڪِنوٽيون ٽڪريون!

❖

تون سِرڪي ساز ڇُهي نہ سگهئين،
مان پاٽهئي پارڻ ڇِڙي بہ ويس.
چَپَ تنهنجا گيت چون نہ چون،
مان چنگ وانگي ڇُهتي بہ ويس.

❖

چُڪ، منهنجو شوق ميڄي نہ ميڄي!
وچ شهر ۾ چوڻڪ گهمي نہ سگهيس.
مون کي ڪهڙو پتو تہ يڪو ٿو وڃين،
گڏ۔ گوڏي مُرڪَ چُمي نہ سگهيس.

❖

تــو تــي مـاكـيءَ جون جاچيون ٻڪيون،
جـي وجـي ڀُـورَ سـان تـــي ٻـكيــون.
تنهنجي ڇهري تي بوندون پگهر جون،
منهنجيون ڇهتيون انهن سان اكيون.

❖

سُونهن- هرٽي، تون كيڏو وٽين تي!
نينهن آ شينهن، ڏاڍو ڏران تو.
وقـت يـا ويـر يـا واءُ نـاهيـــان،
جي سڏين تي تہ سُهٽي وران تو.

❖

جوڀن جيكو ميڙيو چونڊيو
پِيريءَ منجهہ لُٽائي تو پيو.
سانوڻ پهريان گجندو گڙندو-
ويندي وقت وسائي تو پيو.

❖

توكان سُونهن پنيري تي وئي،
ڳاڙهي ٻير وجي جيئن اُكري.
مون كان عشق ڇڏائي ويو آ،
ڏاريل باز وجي جيئن اڏري.

❖

ساز ڇنل كي ڇيڙين ڇو تي؟
نارَ كنهيل كي گيڙين ڇو تي!
منهنجي وِک وِک آس كنڊيڙي،
پنهنجي منهن سان ميڙين ڇو تي.

❖

جويـن جـذهـن هـتـنـدو آهـي،
هـاري بـازي كـتـنـدو آهـــي.
سورج جيئن جيئن لڙندو ويندو_
تـيـئـن تـيـئـن ڏاڍو وڌـنـدو آهـي.

❖

جُڳ جُڳ سنگت سپنا،
ختم نہ ٿيندا ڪن ۾.
تو سان ملندس پيو مان،
ساهت جي صَحنن ۾.

❖

سُونهن، تنهنجي سرور جو نالو
نـاز نـخـرو غـرور جـو نـالـو.
واعظن چَپَ چَڪي وِڌا پنهنجا،
مون ڪنيو آهي حور جو نالو.

❖

جي گرم، تکو تير ٿي ايندو آهي،
جي نرم، مِنو ڪير ٿي ايندو آهي.
تون فون تي ڳالهائيندي آهين مون سان،
آواز بہ تـصـويـر ٿـي ايـنـدو آهـــي.

❖

اِئين هٿ تي نوٽن جا جوراب چاڙهي،
حسينن جي چاتيءَ کي چُهندو نہ ڪر!
نظر تي ڪِڪي ڪيپ جا خواب چاڙهي،
تون خوشبو جي ڇهري کي چمندو نہ ڪر!

❖

پير ڪنيا اک اولا، اُگـرا،
پـر تـي دل پـئـي ٽـوٽا ٽـڪرا.
سڀ سَنجي پر سُونهن نہ سَنجي،
هـٿ نہ اچـن تـا سُـهـڻا سُتـرا.
❖

مرڪڻ سان گڏ گفتا تنهنجا،
مون تي چونديا موتيا، مُگرا.
ڪِنوڻ ڪئي پئي توکي وهوا،
مينهن ڏِنا پئي مون کي مُزرا.
❖

پيار ويندڙ مسافر کي ايڏو نہ ڏي!
ڪوڙ صدما ڏنئي، هي تہ صدمو نہ ڏي.
جڏ تہ شوخيءَ جي ڪنڊن مان گذري وڃان،
مُرڪي مُرڪي چنبيليءَ جو لوڙهو نہ ڏي!
❖

شمس رُو جو شهر اِج ڪلهہ آهي جڻ شمسي نظام،
سَوَ سيارن جان وتن ڦِرندا سندس ديوا کي.
خوش نہ تي تون ايڏو آئينا تہ توڏي تو ڏسي،
سونهن پنهنجي آ وٺي وئي سُونهن- سرجڻهار کي.
❖

دل چـون تـا وڏو خـزانـو آ،
هـڪڙو پئسو قرار ئي ڪونهي.
اَڻ ڪـتـيـو اَڻ مَـيـو زمـانـو آ،
ساهہ تي اعتبار ئي ڪونهي.
❖

بــي درد زمــانــو پــانــيــان تـــو
سمجهايل ڪنهن بي پير جو آ.
نـ هــو ورســايــل تـقـديــر جــو آ،
نـ ڪو تاتيل ڪنهن تدبير جو آ.
❖

هيءَ رات گهٽي، ڪوڙهي آ،
هيءَ لاٽ بہ ساڳي پوڙهي آ.
هِن هيڏي پونءِ ڪشاديءَ تي،
هيءَ واٽ تہ ڪيڏي سوڙهي آ!
❖

ڪنهن وقت پتو ناهہ تہ ڪنهن ڪاڻ ٿو تڙپان،
”بي انت ڪماڻ“ آهي هنيون باڻ، ٿو تڙپان.
”ڇا لاءِ“ جو پڙلاءَ ٿــو پــولار ۾ گــونـجي،
ان فــڪــر جي ڦهــلاءَ ۾ اڻــجــاڻ ٿــو تــڙپــان.
❖

قرب کي بيشڪ قرب ملي،
رعب جو غلبو رعب پچي.
لوهہ کي زيرو لوهہ ڪٽيندو۔
چاهي مڃي يا ڪو نہ مڃي.
❖

تـنهـنجـي اک ۾ نظر ڪـتـي آهــي؟
جسم آهــي جـگـر ڪـتـي آهــي؟
هونئن تہ سڀ ڪجهہ آ دور تو وٽ پر،
شــرم تــوکـي مگــر ڪـتـــي آهــي؟
❖

هي دانهن گدا، ساهه، ڏئي ڏيان ٻڌو
ڪو ڪنهنجي قيامت ۾ حفاظت نہ ڪندو.
ميدان ۾ ميزان اجهو چاڙهڻ ڪُتو
نئون دور تہ رهزن سان رعايت نہ ڪندو.

❖

جو ڏسان ٿو خواب سو سهڻو بہ آ پيارو بہ آ،
سرسلو تعبير جو ڪوجهو بہ ا ڪارو بہ آ،
مان گهران سختيءَ سان ٿو ٻولي مٺي ماڪي ٻچي-
تنهنڪري لهجو ٻڌيو کهرو بہ آ کارو بہ آ.

❖

جهڙو عابد اهڙي عبادت،
جهڙو حاڪم اهڙي حڪومت.
انگ تہ گهر گهر وڃن ٿا پيا،
ننگ بچن تہ بہ سمجهو نعمت.

❖

ماڻهن ڏنا هٿن سان، ماڻهن جا ووٽ آهن،
ماڻهن ونڊيون منايون، ماڻهن جا نوٽ آهن.
شاعر کي قتل غارت تي اعتراض ڇو آ-
جي گهائجن، ڪسن ٿا، ماڻهن جا "گهوٽ" آهن،

❖

هِن ماڳ جي حفاظت ، ماڻهن جي هٿ ۾ آهي،
ڪم ڪار جا قيادت، ماڻهن جي هٿ ۾ آهي.
ماڻهو اچا هِتان جا، ماڻهو نہ ٿي سگهيا نہ تہ-
قادر تہ سونپي قدرت، ماڻهن جي هٿ ۾ آهي.

❖

عيسيٰ چيو: ڪمال آ، ڪمزور جي مدد،
موسيٰ چيو: ڪمال آ، شهزور کي ڏڏڪ.
مان ٿو چوان: سنيالَ رڍن جي اُتو ڪريون،
ڪوڙيون بگهڙ کي نرڙ ۾ بندوق جا ٻه ڏڪ.
❖

محبت ڏاران، محنت ڪهڙي،
محنت ڏاران عظمت ڪهڙي.
همت، حڪمت، غيرت ڏاري،
نه ته ڪونڌر جي قيمت ڪهڙي!
❖

حڪومت جا نڪتا، حڪومت تي ڄاڻي،
مصيبت جا ڏڏڪا ته رعيت تي ڄاڻي.
مزو ايندو ڪمزور کي مصلحت ۾،
تشدد جو پيڪو ته دهشت تي ڄاڻي.
❖

شريف شهر جو نالو ذليل تي پيو آ،
رفيق راهه بدلجي رذيل تي پيو آ.
علاج خوفزدو آ جو درد غندو آ،
حڪيم پاڻ ڪڏوڪو عليل تي پيو آ.
❖

دهشت گرديءَ آهي وڏايو ڌرتيءَ تي،
”پرچو- پرچو“، ”مچرو- مچرو“ جو تڪراءُ.
ڪنهن به نه ڪاتي آهي ڪرايوڌرتيءَ تي،
”جيو- جئڻ ڏيو“، ”ڏاڍو گابو“ جو پرچاءُ.
❖

هن کي جهڻڪيم ڪجهه غيرت ڪر!
گرندي پونڪيو: غيرت ڪهڙي؟
اُتُ اُتُ غفلت جي هن گند مان۔
شاعر نوڪئي ٻي لت ڪهڙي!

❖

محبت کي او محبوب! مگڻهار نہ سمجهو
هي ذات وڏي بات آ، ڏاتار بہ آهي.
استاد رڳو سونهن پرستار نہ سمجهو
پيدا جو ڪري سونهن اهو پيار بہ آهي.

❖

لڳاتار پرمار دُمدار ڪڪرن مان دهشت وسي پئي،
اُتي ڪو تہ طوفان ڪڪرن جا پرزا اڏائي ڇڏي۔
تشدد جي بي ترس انڌن هٿن مان اذيت وسي پئي،
اُتي ڪو تہ انصاف، ڏاڍن جا ڏوڏا وڍائي ڇڏي.

❖

گگهہ اوندهہ ڇانوٽين شعلن جي سينن ۾ هنيون،
ڪک تي خوشبوءِ تنهنجي سنڌ سنڌ ۾ گهر ڪري.
ڪينسر جو تو اجا تائين نہ ڳوليو آ علاج،
مان مري ويس، او عظيم انسان تنهنجي ڍر ڪري.

❖

منهجو تون پيار پگهاري سگهندين؟
نانهن ۾ نينهن کي ڳاري سگهندين؟
هو جو مون ساڻ هميشہ آهي۔
اُهو الله نہ ماري سگهندين!

❖

گلاب مان توھر ڦتو ڏنو آ مون،
شباب کي ڪينسر لڳو ڏنو آ مون.
نگاھہ ۾ ڪوڪا، نراڙ ۾ شعلا،
خيال ۾ خنجر ڪُتو ڏنو آ مون.

❖

مصيبت ۾ روئڻ جي عيوض ٿو مُرڪان،
محبت جي قيمت ادا ڪرڻي آھي.
مان پيو ٿو لڳاتار سڪرات پوڳيان،
ھا، جيوت جي قيمت ادا ڪرڻي آھي.

❖

ھڪ زندگي ملي آ، پر سا بہ سُورُ ھاڻي،
مولا جي مھربانيءَ ۾ بي ملاوتُ آھي.
محشر ۾ تنھنجي رحمت جو آھي ھي نظارو
ھيڏانھن آ جھنم، ھيڏانھن جنت آھي.

❖

جو تڙپي اُٿيو سو غريب آھيان،
جو جاڳي پيو سو نصيب آھيان.
بھرحال يارو عجيب آھيان-
اوھان جو ئي شاعر، اديب آھيان.

❖

محبوب سڏيو پھچ، اچي پھتو ھان،
ٿنور ھئي وات، پچي پھتو ھان.
چڪچور ڏسي حال نہ ڪر غم دلبر،
تو وٽ تہ بھرحال، بچي، پھتو ھان.

❖

ماتام ۾ گيتن کي نچڻ ڪونہ آيو
سُڏڪن ۾ هئي سنڌ، کلڻ ڪونہ آيو.
جنهن ديس جي غدار سان آ ناهُ ڪيو
استاد کي ان ساڻ نهڻ ڪونہ آيو.

❖

جذبات ۾ محتاط رهڻ ڪونہ آيو
[1]درياهہ کي سونهين تي وهڻ ڪونہ آيو.
محبوب جي محفل مان اٿڻ مشڪل هو
مظلوم ڪئي ڪوٺ، ويهڻ ڪو نہ آيو.

❖

[2]مونکي جيئري ئي پوريو تي ويو
تنهنڪري تي پيوت آهيان مان.
سنڌ جي ٻن ڪروڙ جوڌن جي-
زندگيءَ جو ثبوت آهيان مان.

❖

ڪا ذات بخاري نہ بقادار آهي،
پر ذات جيالي تہ جيالي آهي.
هبڪار گواهہ آهي تہ گلزار آهي،
گلزار ثبوت آهي تہ مالهي آهي.

❖

سونهين: پاڻيءَ جي ڪسي.
سنڌي ٻولي جي پڪار.

ستار رب آهين، راحم رئوف آهين،
مون کي ٻڌاءِ توکي قهار ڪنهن بنايو؟
انسان جي طبيعت ۾ خود ئي فتو هو پر-
شيطان کي اسان لئہ آزار ڪنهن بنايو؟

❖

جِيون- ٻَن ۾ ڪوئل تو آ، ايڏو ڪُوڪيو
پُٺن جي ڪَن ۾ ٻُرندي تنهنجي ڪوڪو رهندي
مالهي تنهنجو جيون- جذبو زنده رهندو
باغ بہ رهندو رنگ بہ رهندا، خوشبو رهندي

❖

ناساز کي دمساز بنايو آ مون،
ايجاد جو انداز بنايو آ مون.
پاتار کان پولار پڙاڏو گونجي-
آواز مان آواز بنايو آ مون.

❖

هڪ ذات کي هڪ ذات مٿان ناز آهي،
هڪ طرز کي نئين طرز جو اعزاز آهي.
استاد بخاريءَ جو تعارف آ-
هِن دور جي احساس جو آواز آهي.

❖

مان سچ، سچ دز ۾ دٻجي ڪڏهن نہ سگهندو
جهُڙ ۾ گهڙي بہ سورج، تہ بي روشني تہ رهندي،
استاد، دوست دل جو چڇندي بہ ناهي ڇڇندو-
جي دوست ڏور ويندو تہ بہ دوستي تہ رهندي.

❖

ايڏو تو منهجي زندگيءَ ۾ زندگي ڀَري،
جو درد جي گدام ۾ پئي آ خوشي ڀري.
تيلي جو تون هٽين ٿو جهجهڙ تي پوان ٿو مان-
مان ٻُنڊ، ٻنڊ ۾ بہ پئي آ روشني ڀري.

❖

تُنو دل جو شيشو بنائي نہ سگهبو
ڀڳو ڏار وڻ جو لڳائي نہ سگهبو.
اهو آهي مشهور استاد ڪڏهين،
ويو وقت واپس ورائي نہ سگهبو.

❖

نادن ۾ نغارن ۾، پُڪارون تنهنجون،
گيدين ۾ غدارن ۾، پڪارون تنهنجون.
او سنڌ، سچل، شاهہ مقامن مان ٻُڌيون،
قومن جي اِدارن ۾، پڪارون تنهنجون.

❖

هڪ تيز ٿتي ڪلڪ ۾ تحرير تي تڙپي،
جڻ باهہ گهڙي مياڻ ۾ شمشير تي تڙپي.
انڌير جا زنجير يا دريا جا ڪنارا؟
تحريڪ جي واٽر تي تِڪي سير تي تڙپي.

❖

بي شعور اُپ، زمين آهي، فهيم آ انسان،
مون ڪي علمن جو قسم آهي عليم آ انسان.
هو خسيس آهي، خوار آهي برابر ليڪن-
پو بہ انسان ۾ اميد آهي، عظيم آ انسان.

❖

تاريخ نہ بخشيندي، خطائون تنهنجون،
او قوم جُڙيون سخت، سزائون تنهنجون.
مجهول آن، ماضيءَ جي مريض آهين تون!
مقبول دُعائون نہ، دوائون تنهنجون.

❖

رخسار جي شعلن کان بچي نڪتاسين،
زلفن جي سياهيءَ ۾ پڪڙجي پياسين.
پُورن جي تسلط کان ڇُٽاسين مس مس،
ڪارن جي غلاميءَ ۾ جڪڙجي وياسين.

❖

آڪاس جي گجگوڙ ۾ هڪلون تنهنجون،
هالار جي گُنگ- بوڙ ۾ هڪلون تنهنجون.
استادَ جي احساس ٻُڌيون ساميءَ مان-
ڪنڌ ڪوٽ ۾، ڪانوڙ[1] ۾ هڪلون تنهنجون.

❖

انسان بہ ان ريت رتو چاڙهہ تي نِڪتا،
جڻ جهنگ منجهان جيت رتوچاڙهہ تي نڪتا.
تهذيب ڪٽي ٻُوٽ ڪي تقيو سو رت،
گفتار تہ چا گيت رتو چاڙهہ تي نڪتا.

❖

مهراڻ جي آچار ۾ گرڪي نہ ڏني تو؟
برسات ۾ ءِ ميل جي ڏرتي نہ ڏني تو؟
استاد بہ انسان آ، انسان آ خاطي،
سنسار جي جنسار ۾ غلطي نہ ڏني تو؟

❖

---

1. ڪانوڙ: ڪراچيءَ پرسان هڪ ڳوٺ. ٿڙ.

هن زندگيءَ کي موت جي سر تي سوار رکُ!
هٿ ۾ ترار حق وٺڻ لئہ تيار رکُ!
انصاف کي پڪار ڏي انڌير کي ڌڌڪ،
پو ديس جي مدد ۾ اميدون هزار رکُ!

❖

اڌ رات جي اونداهہ کان پرڀات وٺون ٿا،
گهمسان ۾ گجگوڙ کان برسات وٺون ٿا.
هر دور جي هر ديوَ کان هن ديس جا دودا،
مجبور ڪري ڪانہ ڪا سوغات وٺون ٿا.

❖

تاريخ رتوڇاڻ تي ميندي ٿي مکي.
نئون دور نئون گهوٽ ٿي ڳانو ٿو ٻڌي.
پيچ- ناهہ سان قدرت جو وڏو چاهہ آهي،
جي جنگ هجي بند تہ ڀونچال اچي.

❖

انسان مهامان[1] تي رهڻو آهي،
هر نهر کي درياهہ ڏي وهڻو آهي.
هر ڪڙم ٻڌي، قوم سڏي ٿي هيڏي-
سَر[2] سَر سان ملي سمنڊ تہ ٺهڻو آهي.

❖

اونداهہ جي اُپٻيٽ کي کيڙيندا سين،
هر جاٽ، نئين جوت پکيڙيندا سين.
هي فصل نئين فڪر، نئين موسم جو-
کيڙيو بہ اسان آ، اسين ميڙيندا سين.

❖

---

1 مهامان: وڏي مانوارو وڏي مرتبي وارو.
2 سر: تلاءُ، چشمو.

آڙاهہ توسان تڪڙو وسڪار تي پُڄان!
آزار تنهنجي بت ۾ تلوار تي ڪُپان!
اي ڪاش، سنڌ جنت بنجي پوي تہ پو،
باغن ۾ پينگهہ، پنهنجي هڪ حور سان لڏان!
❖

پيڙهن ڪي شڪايت آ، گهميل واءُ گُهلان تو
بنگلن ۾ گلا آ تہ تِڪي ’لڪ‘ لڳان تو.
پنهنجن ۾ پچر آهي، رهان تو خاموش،
غيرن ۾ آ گوگاءُ تہ تيو گاج گجان تو.
❖

ايمان ڪي فاقا ڏئي بيمان بنايو
اِنسان ڪي بڇڙو ڪري شيطان بنايو.
خوشبوءِ ڪي قندا بہ وڏاڻوَ تہ اڳڙيئ
هِن هِير ڪي ڦتڪا هڻي طوفان بنايو.
❖

چَڇڪار سمونڊن ڪان ڪسيندو ايندو.
وسڪار گهِٽي، گهر تي ونڊيندو ايندو.
هر پوک جي ٻُوٽي جي پُني نپريندو
طوفان، درختن ڪي دَسيندو ايندو.
❖

هن شهر ۾ هر شام جو وحشت تي وسي،
هر چؤنڪ تي تبليغ جي شفقت تي وسي.
شيطان جي لشڪر جو خضر رهبر آ،
مقتل تي مساجد مان هدايت تي وسي.
❖

جي ڏُوم مچايون تہ ڏکن جو ڦهڪو
جي روج ڪرايون تہ چئو ٿا ٺهڪو!
جو ڪرٽو اٿئون هاڻ ڪري چڪنداسين،
پَرمار پٽي وات، پلي پيا پؤنڪو!

❖

طوفان ۾ ڏونگر جو جگر رکٽو آ،
برسات ۾ ساگر جو جگر رکٽو آ.
هن دؤر جو هر پهر آ پاٽيپٽ،
دل شير جي، بابر جو جگر رکٽو آ.

❖

رِندن جو اهو بحث تہ بي هوش نہ ٿي!
ميخاني جي رسم آهي تہ باهوش نہ ٿي!
ساقي جي نئين ناز منجهايو مون کي،
"آواز نہ ڪر، روءُ بہ نہ ، خاموش نہ ٿي."

❖

ڪونڌر بہ بي ضمير ٿي ڪمزور ٿي پيو
سمجهو پکو پهاڙ پجي، پور ٿي پيو.
ڪائر بہ مرد وير ٿي اُيري اُٿيو جڏهن،
دنيا ڏٺو تہ چور منجهان مور ٿي پيو.

❖

ڪمزور گنهگار آ. سو مون کي پتو آ،
ڪم عقل انهيءَ کان بہ گنهگار وڏو آ.
يزدان ۽ شيطان کي ڪنهن کو نہ ڏٺو آ،
انسان لئہ انسان ئي آزار وڏو آ.

❖

ٻيلو نہ جهلي ٻُور اهو ناممڪن،
تنهنجو نہ پوي پُور اهو ناممڪن.
اُستاد جو آواز لَتيو تا لُڙ ۾،
اوندهہ ۾ لِڪي نُور اهو ناممڪن.

❖

آڙاهہ ۾ آلاڻ، اها اڻ ٿيڻي!
۽ سون ۾ ڪاراڻ، اها اڻ ٿيڻي!
جنهن وقت سڏي سنڌ، بخاري ٻُڌڪي،
چا لاءِ ۽ ڇاڪاڻ، اها اڻ ٿيڻي!

❖

اغيار سان اقرار اهو ڪيئن ٿيندو؟
۽ يار سان انڪار اهو ڪيئن ٿيندو؟
استاد بخاريءَ کي ڪٽي دفن ڪريو
ڏرتيءَ کان مگر ڏار اهو ڪيئن ٿيندو؟

❖

مظلوم، مڃان ٿو مان آزار وڏو آهي،
آزار کان جهونجهارو آڌار وڏو آهي.
پرمار جي شيطاني ڦرمار جي گهيري کان-
انسان وڏو آهي، ڏاتار وڏو آهي.

❖

ها، سوچ ۾ سپنا تہ سٺاوا آهن،
تڪر بہ تہ جڙ تاڪئان ڪاوا آهن.
پر زندگي هڪ تلخ حقيقت آهي،
پنهنجا بہ مصيبت ۾ پراوا آهن.

❖

وقت، پرمار چيو: مال۔ غنيمت آهي،
وقت، مجبور چيو: سخت مصيبت آهي.
هو ڏسو ديس جي هر شهر ۾ دوزخ، جنت!
مون چيو: وقت تہ هر وقت قيامت آهي.

❖

ٽِڙڪي جي ٽٽان، سمنڊ سُڪي، ناممڪن،
ڪڪرن جي اڳيان ڪوهہ ڊُڪي، ناممڪن.
تاريخ ٻُڪري چيخ چيو: او آمر!
جابر جي اڳيان سِنڌ جهُڪي، ناممڪن!

❖

جو قوم جياري، اهو جيئندو رهندو
جو عام اُجاري، اهو جيئندو رهندو.
مون کي تاريخ ۽ تقدير ڏني پڪ آهي،
جو سِنڌ سنواري، اهو جيئندو رهندو.

❖

ڪي لوڙ ڪٽي، ڇهڪ ڏئي، چير ڏين ٿا،
ڪي زهر پيري زُوم ڪري، تير هڻن ٿا.
انصاف پڇيو: نانوَ ڏسيو ڪير هي آهن؟
فرياد چيو: مِير تہ ڪي پِير چون ٿا.

❖

مان تو چوان قيام يڪو ٿئي تہ چا ڪپي!
جڳ جڳ مِلي جيئڻ جو مزو ٿئي تہ چا ڪپي!
هيڏو وڏو جهان نِڌٽڪو نٿو نهي،
انسان جو خيال، سچو ٿئي تہ چا ڪپي!

❖

او دل، ائين نہ سوچ، ائين تي نٿو سگھي،
استاد، سُونهن، پيار سچو پي نٿو سگھي.
باقي بچيو بهشت، هميشه جيون، پيون-
ههڙو حسين خواب، سچو تي نٿو سگھي!

❖

غمگين جي گذران لئہ گڏ ٿيا آهيون،
ماني نہ رڳو مانَ لئہ گڏ ٿيا آهيون.
يزدان ۽ شيطان تہ نبرن هڪ ٻئي سان،
انسان تہ انسان لئہ گڏ ٿيا آهيون.

❖

اُپرو تہ اڄ قيام ڏهاڙو ڪري وڃون!
پگھري پون پهاڙ ڪو ڪاڙهو ڪري وڃون!
پردي ۾ انڌ، ڏنڌ بناپردي ٿي پون،
پرمار ڪي تہ الف اگھاڙو ڪري وڃون !

❖

هيءَ ڪوڪ، سنهي وار ڪان خنجر ڪان تکي آ،
هيءَ ٺوڪ، ٺڏيءَ هير ڪان اوٺر ڪان تکي آ.
وهمن جي مقامن ۾ سُتي پئي آ مگر جي،
هيءَ قوم اُٿي پئي تہ پو محشر ڪان تکي آ.

❖

خوشبو اچي تہ مهَڪي خوشبو سان آجيان ڪر!
بدبو اُٿي تہ مڃري "ٿُو ٿُو" سان آجيان ڪر!
دلبر مِلي تہ دل جا دهڪار ڪر نڇاور،
دشمن وڏي تہ دودا، "ڏُو ڏُو" سان آجيان ڪر!

❖

اَنڌير وڌي، چنڊ لٿي تي آيو
انصاف چڙهي، ڏينهن ٽَٽي تي آيو.
مزدور ڪٽي پيرَ مان زنجير اُٿيو
پرمار چيو: موت مٿي تي آيو.

❖

پَرمار اُتي بيهه، مزور آيا ٿئي!
اڙٻنگ ڪٽي چنگ، چنجور آيا ٿئي.
دل تنگ نہ ڪر، تنگ ڪندين ٿيندو ڇا؟
هو مرد زبر زنگ، ضرور آيا ٿئي!

❖

مزدور ۽ ھاريءَ جو زمانو آيو
جمهور تي طوفان توانو آيو.
ٻيهي نہ سگهيو عامَ جي اوتر سامهون،
پوير تي اُڏيو جيڪو ٻهانو آيو.

❖

ڄاٽيون، ڄڀيون ۽ شعلا، اڌ رات جي تقاضا،
گلدستا، قول- مالها، پريات جي تقاضا.
ڇَٽيون، ڇَپر ۽ اولا، برسات جي تقاضا،
هر وقت آ علحدي، حالات جي تقاضا.

❖

يزدان جو فرمان، ڦُنڊي پيو آهي،
ميدان ۾ شيطان، مُنجهي پيو آهي.
پاتار کي پولار ڏنيون واڌايون:
انسانُ تي، انسانُ اُتي پيو آهي.

❖

(3)

مون ڪالهہ ڪتيو ڏاڍ جو ڏونگر آهي،
هي پاپ تہ چرڻ واٽ جو پٿر آهي.
پُڇ زار ڪان مون آڳ جو ساگر اُڪريو
هيءَ اُبَ تہ برسات جو اوبر آهي.

❖

ڪڙمي جي سَلي، سنگ مان لنگر بنجي،
پورهيت جي پگهر- بانس مان عنبر بنجي.
ذاتن ۾ متر ڪن ڪي ڪريو قيد نہ ظالم،
هِن پونءِ جو فردوس تو بنجر بنجي.

❖

زردار تون قيصر نہ سڪندر آهين!
ڪهسار هئين، هاڻ تہ ڪنڪر آهين!
شيطان نہ ٿي، دعويٰ نہ ڪر يزدان جي،
انسان ٿي انسان جو پونير آهين!

❖

يزدان جو فرمان، ڦُندي پيو آهي،
ميدان ۾ شيطان، مُنجهي پيو آهي.
پاتار کي پولار ڏنيون واڏايون:
انسان ٿي، انسان اُٿي پيو آهي.

❖

منهنجا قطعا ڏاتا آهن،
پانا، ڪات، مُترڪا آهن.
منهنجا گيت گهرن ۾ گونجيا،
ٻاڙها جهنڊا ڦڙڪيا آهن.

❖

جَرڪي جَرڪي جيئندا آهيون،
ملهجي، مرڪي مرندا آهيون.
مرندي مرندي بچندا آهيون،
جيئرا هاسين، جيئرا آهيون.

❖

ظالم جي مٿان ظلم جي شامت پهتي،
پورهيت جي مٿس موت ٿي طاقت پهتي.
توبه نہ ڪئي تو بہ ڪڏهن قاروني!
آخر تہ اچي توتي قيامت پهتي.

❖

هڪ ٽانڊو منهنجي اک ۾ رک،
ٻيو ٽانڊو منهنجي دل ۾ رک.
هيءَ باهہ سهي مان ويندس پر،
هڪ غير نہ هِن محفل ۾ رک.

❖

ڪٿ ڪڪرن کي دڳ لائين ٿو
ڪٿ ٽڪرن سان ٽڪرائين ٿو.
اڄ ڇا ٿي ويئہ جو غيرن جي،
”ٻن ٽهڪن“ کان گهبرائين ٿو!

❖

انڌارين جون ديوارون ٿو جوڙين تون،
روشن، روشن شعلا مون سان بلڊوزر.
ڪوڙيون، ڪانئر عَياريون ٿو جوڙين تون،
سچا، جوڏا جذبا مون سان بلڊوزر.

❖

تون جو دڪَن تي ڪنڊا پيو ٿو وڇرائين،
مان دڪڻ تي جوتا پيو ٿو جوڙايان.
تون جو لڪن تي پٿر پيو ٿو پلٽائين،
مان بہ ڪروڙين تيشا پيو ٿو مچرايان.

❖

تنگ ٿي منهنجا مارؤ آخر،
جنگ جيئڻ جي جوڙي بيٺا.
تون جو سوچين پيو ٿو رهبر،
تنهن کان اڳتي سوچي بيٺا.

❖

تلهڙَ ڪائي، منهنجا مارو تيز ٿيا،
رستي ڏي ڏس رهبر کان يي اڳتي آهن.
مُند دلاسا بادل برسڻ جا آچيا،
ڌرتيءَ جا هٿ ساگر کان يي اڳتي آهن.

❖

جيئن جيئن باهہ تي وجهجي پاڻي، پڙڪي ٿي،
پاڻيءَ ۾ پيٽرول ملايو ويو آهي.
جيڏو محفل سُلجهايون ٿا، اُلجهي ٿي،
محفل ۾ بڙڏول ملايو ويو آهي.

❖

دڪن، دڪاڻ: دڪان

سوڙهه اڳئي هُئي، ميڙ اچي پيو ڪئين ڪجي؟
بوڏ وڏيءَ ۾ مينهن وسي پيو ڪيئن ڪجي؟
آڏو ساڙي باھ ۽ پويان پاڻي ٻوڙي،
هاڻي ڏاهو ڏس ڏئي ڪو ڪيئن ڪجي؟

❖

خوف هوا ۾ اچن اُڏاڻا ڪڪرن جان،
پنهنجا سينا تن جي سامهون ٽڪرن جان.
ڪھڙو ڀھرو ڀيهي دهشتگردن تي،
دل جا درد به آهن دهشتگردن جان.

❖

سمنڊ نہ سُڪندو پر مون سُڪندو آهي ڏٺو
روهہُ نہ ڀُرندو پر مون ڀُرندو آهي ڏٺو.
اکين سان استاد بخاري سچ ڪي مون،
ڪاني جيڏي ڪڏ ۾ ٻڏندو آهي ڏٺو.

❖

ڏاڍي ليکي ڏاڍ جا دائم ڏڏڪا رهندا،
پاپ۔ نگر تي ناسي، ڪارا ڀهرا رهندا.
ٽڙپي، ٽُنبي اُٿندو عام، قيامت ٿيندي،
ٽٽڪي ٽٽڪي ڪُنگرا، ٽنيا، قلعا ڪرندا.

❖

ظالم تنهنجي ظلم جا آهن پويان ڏينهن،
باھ بچائين ٿو تون مان ٿو ٻنجان مينهن.
سنڌ تہ گدڙن ناهي ڪاڏي، غاصب ٻُڌ!
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ توسان وڙهندا گجندا شينهن.

❖

گاڏي، گاڏي ڏاڙهي تي پئي،
ڏيڏي ڏيڏي پوئنڪي تي پئي.
اونداهيءَ کي ٻڪندو ڏسندي،
تِيلي، تِيلي پڙڪي تي پئي.

❖

پونچالن ۾ برج نچن تا،
چير ڏڏڙجي چمڪي تي پئي.
اوچو نيچو نيچو اوچو
دنيا، اُٿلي پُٿلي تي پئي.

❖

زور زبر جي بات نہ مڄبي،
موت لڙي، تہ بہ مات نہ مڄبي.
چاهي ڏرتي اُٿلي پئي پر،
روشن، ڪاري رات نہ مڄبي.

❖

پَت جهڙ جي رُت تو سان جهيڙا،
وڻ وڻ آلا بانا چاتا.
پوپٽ پڪڙڻ وارا نينگر،
اڄ ڪلهہ پستولن لئہ آتا.

❖

درد بہ وڌندو آهي ساٿي، ڏير ڏيري،
موت بہ ايندو آهي ساٿي، ڏيري ڏير.
ڏير ڏير جي سُڌ پوندي آهي ڏکي،
ڏيهہ بہ ڏرندو آهي ساٿي، ڏيري ڏيري.

❖

شاعر تنهنجي ذهن ۾ سوچون، هوڪارا،
ٻٽڪو واڪو ڪجهه بہ مگر ڪچجي تہ چڱو.
هاڻ تي اُلٽي چڙهندي، ايندا اوڪارا،
هرڪو چوندو زهر اهو نڪري تہ چڱو!

❖

لوڪ اسان جو ٻالو پولو دوراندیشي ڇا ڄاڻي؟
ڪلڪ هٿن ۾، تير، تبر مان سرڪش، منشي ڇا ڄاڻي؟
ورڪر، ليڊر، ٽيچر، افسر سڀ دانشور هي مچندا،
قوم جو مستقبل ڇا ٿيندو، ڦِرٽي ڪرسي ڇا ڄاڻي؟

❖

ننگي ٻت تي سَٽ سَٽ، ڦٽڪو ڦهر ڪشيو
ٻهريان ڦٽڪيو ۽ پوءِ تڙپيو هاڻي ڪو چرڪي بہ نہ ٿو.
ڳاڙهي گهوٽ جو لاشو ڏسندي ٿيندو هو
اڳ ۾ پِٽڪو ۽ پوءِ سُڏڪا، هاڻي تہ ڪو روئي بہ نہ ٿو.

❖

پنهنجي ڌرتيءَ ڪي ٻُڪ ماري،
زهري ڏي راڪيٽ اُڏاري،
اڄ جو اُبتو انسان شيطان،
”پيٽ نہ پاري ڪُتا ڏاري“

❖

مِلِ تہ ڇڏيو پر ڪُورو ونبو،
اَنَ سان گڏ ٻهُہ تورو ونبو.
ڪجهہ بہ هجي پر ماري تو ڪان،
پنهنجو حق سمورو ونبو.

❖

مان هان شاعر، تون آن هاري،
تنهنجي منهنجي گهاٽي ياري
منهنجي هٿ ۾ گيت گلابي،
تنهنجي هٿ ۾ باغ، ٻهاري

❖

منهنجي هٿ ۾ ڪلڪ ۽ ڪانگ،
تنهنجي هٿ ۾ ڏاٽو ڏانگ.
مان ٿو ڪاتيان ٿهري سوچون،
تون ٿو مارين زهري نانگ.

❖

واءُ هُلايو: سورهيه، ويڙهو
يُونءِ ٻڌايو: ڳاهيل ڦيڙهو.
جلسو: تاڙيون، آوي- آوي،
رستو: گاريون، "هيڙهو- هيڙهو!!

❖

ڪا سِٽَ گونگي، ڪا سِٽَ ٻوڙي،
ڪا سِٽَ ڪنهن لئہ ڏاڍي ڪوڙي،
جيڪو سنڌ لئہ گونگو ٻوڙو
تنهن کي ڪونيو "گهوڙي گهوڙي،!!

❖

زنده باد ۽ مرده باد امانت آهن،
محبت نفرت مون وٽ اڻ ڪٽ طاقت آهن.
پڳ ٻڌائن، ڪنڌيون پائن، ماڻهن جا هٿ،
ماڻهن جا هٿ اُلري پيا پو آفت آهن.

❖

ڦرڪيم ناد، اُٺي پيا مردا، محشر ٿي ويو
مچريل ماڻهو ظالم جي لئہ طاقت آهن.
ديس- دروهي تنهنجي سامي جهولي آ،
ايندا، ويندا جنهن ۾ وجهندا لعنت آهن.

❖

هٿ تي رکندئو پٿر، ساٿو ساٿو سَٿُ،
لکندو رهندس: قومي جذبو زنده باد!
جيپ ۾ هٽندؤ ڪوڪا، ڳُرڙيون- ڳُرڙيون رَتُ،
چوندو رهندس: هوشو دودو زنده باد!

❖

اک تي رکندئو تاندا، تچڪي ڏيندس ٽپ،
پو بہ نہ چوندس: دَلبو دوڪو زنده باد.
سَٿ سَٿ لڳندا ڦٽڪا، ٽڳڙيون ٽڳڙيون ٻُت،
پو بہ نہ چوندس: ايرو غيرو زنده باد.

❖

لال لطيف جو هنج اڏرندو جيئي جيئي!
ظلم ذليل جو باز ٻُڪارو مرده باد!
امن- اڱڻ تي ڄُوزو چُڳندو جيئي جيئي!
ڪاري اُپ تان سرڻ جو جهارو مرده باد!

❖

منهنجا مارُو مرده باد تہ تون بہ وڏيرا مرده باد!
حق جا نعرا مرده باد تہ تنهنجا عهدا مرده باد!
منهنجي قوم مري تي پيئي، ڏيري ڏيري ڌرتيءَ تي،
مون کي لڳي ٿي تنهنجي خدايا، دنيا، عقبيٰ مرده باد.

❖

محبت جي راهن ۾ رابيل آهيون،
عداوت جي دوڏن مثان سيلهه آهيون.
ٻنائيءَ جي در جا تہ ٹُڪريل آهيون،
خبردار اغيار ڏاڙيل آهيون!

❖

اسين ٻُهہ نہ آهيون، اسين پُونءِ آهيون،
لتاڙي بہ تا ڏوڙ پايو لتاڙيون!
چٹا ڪين آهيون، جي آهيون تہ رُڪ جا،
چباڙي سگهو تا تہ بيشڪ چباڙيو!

❖

اسين آهيون سادا، چئو تا، مڃون تا،
مگر حق ۽ ناحق سُڃاڻي وڃون تا.
حقيقت جي قدمن کي نِوڙي چُمون تا،
۽ ناحق جي پڳڙي لتاڙي وڃون تا.

❖

وڍيو تا وڍيندڙ تہ وڍجي وڃون تا،
نہ وڍجون، اسان کنهن جو سايو تہ ناهيون.
صفا ٽڪرا ٽي جُڙجي سگهون تا،
نہ جُڙجون، سڄي قوم ڪايو تہ ناهيون.

❖

چيائين تہ ٻيلا ڪٽيندا وتون تا،
چيم: چيچڪن کي چٽيندا وتون تا.
چيائين تہ خنجر نپيندا وتون تا،
چيم: پو بہ شهپر وٽيندا وتون تا.

❖

هتين خالي آهيون زمانا، مجون تا،
مگر لوهہ لفظن سان موڙي سگهون تا.
ستمگر جو گهر گاسليٽ آ اڳيئي،
چپن ۾ اُماڙيون لڪايون وتون تا.

❖

وجهو هار جي يار جهونجهار آهن،
ڪٽو ڏانگ جي نانگ نروار آهن.
وڏو وات، ٻانهون ڊگهيون، پيٽ، پاپي،
اهي چار پرمار جا پار آهن.

❖

گهُرون چو گبر ڪان، وٺون چو نہ گهوگهي،
پنڻ ڪان چنڊ ۾ مزو تو اچي.
ٻنين لئہ، ونين لئہ، وطن جي حدن لئہ،
مجون تا وڙهڻ ۾، مزو تو اچي.

❖

ڦُندائي ڦُندائي پڏايو نہ ڏاڍا،
متان ڦاٽا ڦوڪٽا تي پون.
دٻائي دٻائي سُسايو نہ هيٺا،
متان هو خطرناڪ آٽا تي پون.

❖

اجالو ادب تا، بڪي روڪرايو
ڪلا جي هٿن ۾ ڪِلا نوڪرايو.
مجوتيءَ جا شيشا پِجي، پوري زوري،
بغاوت جا مٽڪا پلي ڏوڪرايو.

❖

اسين زور سرڪش، دودستا، اناڙي،
اسان کي ڏسي ڏاڍ ڪنهندو آ ڪياڙي،
پڙهون پاڻ ٻيلن ۾ ٻبرن جي هينان،
اسان جا قلم آ گهڙيندي ڪهاڙي.

❖

غريبن سان ياري، اميرن کان ڏُور،
اهو منهنجي مارُن جو آهي مزاج.
پريون گاهه جو سِرَ تي ڍوئين پر،
ڪٽن تاج ڪنهن جو سو ناهي رواج.

❖

ڪو ڪِيلي چيپاتي تہ پاپي چئون ٿا،
ڪو قومون ئي ماري، تہ پوءِ ڇا چئون؟
ڪو هڪ ٿار ڏاري تہ ناحق سڏيون ٿا،
ڪو ٻيلائي ٻاري، تہ پو ڇا چئون؟

❖

رُڳو هڪڙو ٻارو تڪي ڪو تہ تاڳو
سڄو ملڪ جيڪي تڪن ٿا، اُهي ڇا؟
فقط هڪڙو گهر ڪو لُٽي ٿو تہ ڌاڙو
سڄي سنڌ جيڪي لُٽن ٿا، اُهي ڇا؟

❖

جو تنهنجو اَواندو ٿو لوڙهي، سو رهزن،
جو مهراڻ جو منهن ٿو موڙي، اُهو ڇا؟
جو ڦهنگون ۾ چلپا هٽي، سو تہ دشمن،
جو ماڳهن ٿو ٻيڙو ئي ٻوڙي، اُهو ڇا؟

❖

جي ڪو گهر جي تختي ٿو لاهي، تہ غندو
ڪو تاريخ ميٽي ۽ ڊاهي، تہ پو ڇا؟
رڳو آڱريون پنج ڻاهي، تہ پوندو
سڄي تنهنجي تهذيب ڳاهي، تہ پو ڇا؟

❖

سچائي، گهٽائي، ڳرائي بہ آهي،
خبر ناهي ڇا ڪان ڪڄي ٿا وڃون.
سمو سازگار آ، مگر پو بہ پيارا،
وڃايو نہ ٿا، پر وڃي ٿا وڃون.

❖

ڏيون امتحان پر پڙهڻ ڪان سوا،
ڏسون ڪاميابيون، ڪڙهڻ ڪان سوا.
وڏا وير سڏجون، هٽون تيرڇو؟
وٺون حق پنهنجا وڙهڻ ڪان سوا.

❖

لنگهي لڳ سوڙها، وڏي دڳ پرا ٿيو
تکي ڊوڙ پائي وڏي، جڳ پرا ٿيو!
جا منزل ملي ٿي اُها ئي چوي ٿي:
اڃا اڳيرا ٿيو اڃا اڳيرا ٿيو!

❖

هٽي بانهن لهرن سان ڪوئي لڙي پيو
ڪناري تان ڪو پيو ڏسي: هيئن تَرُ نِي!
حياتيءَ کي ياڪر وجهي يارُ پنهنجو
وڏي واڪ بيٺو چوي، ويرَ مَرُ: نِي!

❖

نہ جيڪو مليو تيز تنهن لئہ ٽٺان پيو
ملي جو ويو موج تنهن مان وٺان پيو.
مان بيچين ساگر ڪنارن ۾ سوگھو
نہ اُتلي سگھان ٿو نہ بيهي سگھان ٿو.

❖

سمهڻ مون کي ساميءَ ۾ ايندو ئي ڪين،
اجهو "قمر باڏِني" ٿو اوٽر اُٿي.
رڳو تربتون ڇو سڄو تر اُٿاري،
اُٿي ملڪ پئي، ڪو تہ محشر اُٿي!

❖

تہ ڇو ٿا درود ۽ دعائون بنايون؟
اٿو درد منڌئ دوائون بنايون!
نہ ٿس ڪنهن بہ بي نُور کي نُور آڇيو،
ڪروڙين اَٿس ڪهڪشائون بنايون.

❖

اسان سان ڪچهريون ڪريو دوستو!
هليا ويندا سين اوچتو اوچتو!
اسان جي نصيحت. وصيت اها۔
وٺي حُسن جو نانءُ پوءِ پورجو!

❖

لکڻ زندگي، زندگي ڪيئن ڇڏجي،
لکڻ بندگي، بندگي ڪيئن ڇڏجي.
ڏکئي ڪان ڏکيو عشق اکرن جو آ،
رکي دوستي، دوستي ڪيئن ڇڏجي؟

❖

جي ٻوڙا نہ سمجھن، تہ پو ڇا ڪجي؟
جي گونگا نہ ٻولن، تہ پو ڇا ڪجي؟
وڏڙ وارا چارا، تہ چوڦير آهن،
جي انڌا نہ ڳولن، تہ پو ڇا ڪجي؟

❖

جو چاهيون ٿا سو چاهہ سچ پچ ڪريون،
ٽڪا آهيون دل کي ڏتاريءَ ڏتاري،
مزو ڪجھہ تہ چولين ڇتين جو وٺون،
ڪيو آهي ڪک هن ڪناريءَ ڪناري.

❖

نہ ايندي ملياسين، نہ ويندي ملياسين،
خبر ناهي ڪنهن خواب لهندي ملياسين.
تون خوشبو جو جهونڪو مان جهلڪو هوا جو
ڪٿي ياد ڪر، واٽ وَهندي ملياسين.

❖

وڃي ڇوڪريءَ ڇوڪري رسالو ڏنم،
گهريائون تہ ٻاجهر جي ٻوري بہ ڏي!
وڏي جنهن کي هٿ ۾ تنبورور ڏنم،
سو پُڇڪيو تہ پستول، گولي بہ ڏي!

❖

چيائون: او شاعر، اوهان ڏرتتيءَ جو
مٿي تي تغاريون رکي ڪو نہ سگهندؤ.
مڃيوسون او ساٿي، مگر رات آڌيءَ،
اوهان تڙپي تڙپي لکي ڪو نہ سگهندؤ.

❖

چٽيم چيچڪا پئي تہ ڪيٽيءَ چيو
اُتو تر مان پرمار واڌا ڪيو!
چيم گيت پئي، تنهن تي بستيءَ چيو
وچو قوم جي ڪن مان واڪا ڪيو!

❖

ميجون ٿا تہ ڪاري انڌاري وئي،
اُڙهي پئي تي انڌي ڪناري وئي.
ڏسو ڏاڍي هيٺي جون ٻانهون چٽائي،
نہ زيرو ويو آ، نہ زاري وئي.

❖

وڏا شهر گولن جا گودام آهن،
جتي گُرگ، غنڊا پليا جام آهن.
ٻُڌون ٿا تہ رنين ٿا اوڳا ڏڳا،
اچي ڦاٽا گهيري ۾ گُگدام آهن.

❖

وڏا شهر دهشت جي شعلن ۾ آهن،
ننڍا ڳوٺ ڌاڙن جي ڪُورن ۾ آهن.
هجي لانگبوٽن يا ووٽن جي موسم،
هي گگدام سنڌي تہ سُورن ۾ آهن.

❖

حڪومت جي هوندي بہ هيبت ۾ آهيون،
يا ڪم عقل آهيون يا ڪمزور آهيون.
يا غيرت ۽ جرئت ڇڏائي وئي ٿئون،
رڳو ڇَڇڪٽو سمنڊ جو شور آهيون.

❖

ڏڪي پٽ تي ٻيرو، ٽُنبي اُپ تي باشو
نچي چت تي پستل، لُڇي پٽ تي لاشو.
بيانن جا باجا، دلاسن جون ڊفليون،
تہ چا، قتل غارت بہ آهي تماشو؟

❖

مرڻ ڪان ڊڄي، زندگي ٽا گھرو.
برڻ ڪان ڀڄي، روشني ٽا گھرو.
بنا ڪاوشن جي ڪرشمو ٿئي چو،
ڏکن ڪان لِڪي، پو خوشي ٽا گھرو.

❖

ڪلھوڪن عذابن تي سُڏڪڻ ڇڏيو.
سُپاٽي جي خوابن تي ٿھڪڻ ڇڏيو.
اجوڪو ڏھاڙو اُتڻ جو اٿوَ
سوالن، جوابن تي اُلجھڻ ڇڏيو.

❖

اسان جي رفيقن جو رُڪجي وڃڻ،
نئين اُٿَ لئہ آ، ٽڪاوٽ نہ هوندي.
پھاڙن جي چوٽين جو آڏو اچڻ،
جھُڪڻ لاءِ هوندو رُڪاوٽ نہ هوندي.

❖

ٻُڙا عطر وارا ڪنن منجھ پائي،
اسان وارا آزار ٻڌندا چو آهيو؟
ٽتي ڏينھن ۾ جھُڙ جا چشما لڳائي،
پگھر ڏانھن پرمار ڏسندا چو آهيو؟

❖

نہ ٿو ظلم ٿَڪجي تہ مان ڇو ٿڪان؟
ڇوان ٿو نہ لڪجي، مگر پيو لڪان.
اڳيان جهنگ گجگاهہ انڌير جو
کهاڙي ڪيو ڪلڪ پيو ٿو ڪٽيان.

❖

نہ روئڻ، پِٽڻ ۾ اسان جو علاج،
نہ سترونءَ ڳُنڍڻ ۾ اسان جو علاج.
ڏِيون، پٽ، سيئي- سنڌ ڌرتيءَ ڄٽيا،
اُٿي پئو اُٿڻ ۾ اسان جو اعلاج.

❖

ڪٿي آهيو ڌرتيءَ جا جوڌا جيالا؟
ڏسو جسم پنهنجن تي غيرن جا پالا.
جهلن نوڪرون ڳوٺ، شهرن ۾ ماتم،
اوهان پيا ٿا جلسن ۾ ڳايو جمالا.

❖

پڇيائون تہ هٿ ۾ قلم آ، يا بجلي؟
بغل ۾ ڪتاب آ، يا طوفان آهي؟
تَڪي ڪامريڊن جي مُنهن ۾ چيم:
نون انقلابن جو سامان آهي.

❖

سڄو وقت آهيون اسان انقلابي،
رُتن کي ڳُتن ڪان وني تا گهمايون.
خزائن کي لوڏي، لُڪن کي تڙائي،
بهاريون گهرايون، ڪتوريون ورهايون.

❖

وڏا سڀ وڏي، هڪ وڏو ميڙ ناهيو
جهُڪي ڏاڍ، ايڏا وڏا تي وڃو!
ڪراچيءَ ڪان ريتي، يڪو ميڙ ناهيو
ڪروڙين ملو ايڪتا تي وڃو!

❖

نہ ظالم هتي تو، نہ مظلوم هتندا،
الائي ڪڏهن سوپ جا ساز وڃندا.
اسين تورا تيندا وڃُن تا الاڙي!
وڃن ويل وٺواند هر سال وڏندا.

❖

منهنجي قومي شاعري، بنجي ويو آ معرڪو
ڪلڪ جي صر صر بہ ظالم، ذهن ۾ خنجر تہ آ،
نظم تي پيو نظم جوڙيان، مورچي تي مورچو
هر اکر هڪ سولجر، مون وٽ وڏو لشڪر تہ آ.

❖

غير تا پاتار ۾ پاڙون هڻن،
يار تا ديوار تي نعرا هڻن.*
ساڌ تا اوطاق ۾ سوچن پيا،
ڏوڏ تا گهرگهات تي ڏاڙا هڻن.

❖

ڪربلا تي ڪربلا جو سلسلو
ڪلهہ شڪاگو اڄ ڪراچيءَ زلزلو.
منزلون معسوق سامهون تيون سڏن،
عاشقو جهنڊا اُپا، ڊڪندا هلو!

❖

---

* لکيل نعرا چنبڙائڻ، چاڪنگ ڪرڻ.

مون ڪڇيو ڪجهہ ناهہ، چي: دانهون نہ ڪر!
مان ڪٺا پيو ساهہ، چي : آهون نہ ڪر!
ڏاڍ ڏئي تو ڏنپ چوڪنيو ٻڌي،
جي چُري تو ماس، چي: ڪاهون نہ ڪر!

❖

پنهنجي اوندهہ آڻ، منهنجي سوجهري جي سامهون،
تنهنجو منهنجو مامرو آ، فيصلي جي سامهون.
پير پنهنجا ڪوڙ جي ڪوڙي سگهين او ڪوڙ ٻُڌ!
ڏوڙ تي ويندين، جو آهين زلزلي جي سامهون.

❖

دويدو نيڪيءَ، بديءَ جي جنگ آ،
گهر ۾ ويٺي ڏنبها گونجيا تہ ڇا؟
جاڳ وارا فيصلا، حيلا نہ ٿيا،
ننڊ ۾ ڪي بودلا وِقليا تہ ڇا؟

❖

سوچ ساڪن، جوش تي شد مد هجي،
دل اڏواڌ، گفتگو گدگد هجي.
دوست دوکي باز هڪڙي ڳالهہ ٻڌ،
تنهنجي دوکي جي بہ ڪائي حد هجي.

❖

موت کي جيتي سگهي ٿو مرد سو
عزم جنهن جي ۾ امر طاقت بہ آ.
جو ڪپيو ٽڙ تي سو ڇاتيءَ تي ڇپيو
جانبازو موت ۾ جيوت بہ آ.

❖

باٽ ڪٽجي، روشني جو ڳاٽ اوچو ٿي پوي،
جان جا ڪپڙا ڇا، منهنجا ٻُڪَ، ڪيٻٽ ساڙي ڇڏيو.
سيج آجائيءَ جي منهنجي قوم سنڌيءَ کي ملي،
مون کي ڇا، منهنجو قبيلو سوليءَ تي چاڙهي ڇڏيو.

❖

پنهنجا رستا پاڻ ناهيو دوستو!
قافلي کي تيز ڪاهيو دوستو!
چاڻ پهتؤ دور ناهيون دوستو،
دل نہ لاهيو دل نہ لاهيو دوستو!

❖

جهنگ جهر ۾ روشنيون اُيري پون!
برپٽن ۾ زندگيون اُسري پون!
ماڻجن جيئري ئي جڳ ۾ جنتون،
سنڌ تنهنجا ڳوٺ جي سُڌري پون!

❖

مَنهن ڪڍن ٿا موت جهڙا مسئلا،
مُنهن ڏين ٿا زندگيءَ جا حوصلا.
فيصلا قسمت اسان جا ڇو ڪندي؟
پاڻ ئي پنهنجا ڪنداسين فيصلا.

❖

جي وڏڻ چاهيو ڏهن مان ڏهہ ڏهاڪا ٿي وڃو
جي ڪُڇڻ چاهيو ٿڌن ساهن مان واڪا ٿي وڃو.
وقت جي رفتار آهي تيز، يارو تيز ٿيو
منهنجو مطلب آهي بلڪل جل ڦتاڪا ٿي وڃو.

❖

ايترو او دورا چئبو سچ ضرور،
هڪڙيئين ڳالهين تون بہ آهين بي قصور.
هيترين تعدين، تباهين کان بہ پوءِ-
ڪين پيدا ٿي سگهيو قومي شعور.

❖

سنڌ تي ٿلٽيءَ ڪان ٿوڙي سوچ تي،
ڪِيهہ نِڪتي، ذهن ۾ مضمون ڪان.
خون جا ڳوڙها پني تي پيا ڳڙي،
لڪندي لڪدني پي ڪان ييي ڪان نون ڪان.

❖

مان ميجان تو "ڪمرءِ غمر" جي هڪ وڏي،
ڇهڇتي ۾ ڇُورُ آهي هيءَ گهڙي.
مهل جيڪا ٿئي مِلي، سا ماڻ ڙي،
هِن جهان جي حُور آهي هيءَ گهڙي.

❖

هيجڙن وارا ڪڙا هَيرا نہ ڏي!
باهہ ۾ بوڙي ڪپهہ، تيرا نہ ڏي!
وِڄُ ڪي، ڪنهن وڄ جو پاڻي ڏنو؟
ذات ڪي ايڏا چِتا چيرا نہ ڏي!

❖

رَتَ جو ٽيپو رنگ، بُو جو بحر هو
رت جو ڪيڏو ريلو هو بازار ۾!
گهر جو ڪمرو آرزوءَ جو شهر هو
صحن ۾ چا، باهہ هئي سنسار ۾.

❖

ڏاڍ جي ڏونگر کي ڏرٽو تو پوي،
آڳ جي ساگر تي ترٽو تو پوي.
هر گهڙي مرٽو پوي تو زندگي،
تنهنجي سر لئہ ڇانہ ڪرٽو تو پوي!

❖

دام کي تحفا ڪري ڳيرا نہ ڏي!
ڪنوڙ جي هٿ ۾ هي آکيرا نہ ڏي!
واءُ مچريو تو وتي گهر گهر مٿان،
شهر کي آڙاهہ جا گهيرا نہ ڏي!

❖

رهبري آ رهبري، ان کي اداڪاري نہ چئہ،
شاعري آ شاعري سڪٽي صداڪاري نہ چئہ.
بدگماني، بدظني اهڙي بہ ڪهڙي ڪم جي آ،
پِره جهُڙ جي ڦندَ ۾ آهي تہ انڌاري نہ چئہ!

❖

او جگر جا سُورَ تنهنجو شڪريو
رات پر آهيان لُڇيو ناهيان سُتو.
خيرُ آ ني؟ مون پئي جهؤنڪن کان پڇيو
رات پئي ڇبرو اُڏيو پؤنڪيو ڪتو.

❖

تنهنجي هڪ جلوي ۾ جر ٿر جو جمال،
تنهجي هڪ جملي ۾ عملن جو ڪمال.
مت ڏنئي انسان کي يزدان جي،
اصل ”ايجها ڪم ڪريجي“ لازوال.

❖

پيار پُرزا ٿيو ڏهاڙي ٽڙپندو
پروسو جو يار تان آهي ٽُٽو.
لوڪ هلندو پيو، جڳت پيو جرڪندو
دل ٽُٽي آ، آسمان ناهي ٽٽو.

❖

او هوا، هي مينهن جي ڳڙ ڳڙ عوام،
ٿي ڪٿا ڪنهن ڏينهن ساگر ٿيا تہ پوءِ ؟
او وڏا! ٻڪرين، رڍن جا ڌَڻَ عوام، *
ڏَڪ چنبا ڪائي ببر نر ٿيا تہ پوءِ؟

❖

ڪيترو سنسار پراسرار آ،
درد سان ٽمٽار پر غمتار آ.
چندُ ساڳيءَ جاءِ تي، ڌرتي اُتي،
توڙي جو گردش غضب رفتار آ.

❖

خوامخوا لڙڪڻ فلڪ ڏي آ فضول،
پُونءِ سان ناتو نَپڻ ۾ آ مزو. *
چنڊ، تارن ڏي رڳو سڳهبو ڏسي،
گل سنگهڻ، ميوي چکڻ ۾ آ مزو.

❖

---

* او وڏا: او وڏا پوتار پرمار

* نپڻ: نپ ڪرڻ: ياڪر پچائڻ، ڳري لڳڻ، ڳنڍڻ.

حڪمتون ۽ همتون آڏو ڪري،
پوءِ پنيري بخت کي پرچائجي.
قدر لمحي لمحي جو پهرين ڪجي،
پوءِ ضديري وقت کي ميرائجي.

❖

جو ڏئي تنهن کي ڏجي، ڪهڙو مزو،
جو منگي تنهن کي ملڻ ۾ آ مزو.
ڪو بہ ڪڪرن کي قسم ڏيئي پڇي،
بحر ڪان بر تي وسڻ ۾ آ مزو.

❖

ڇا ڇپُوَ دنيا ۾ غم ناهي رهيو!
ڏُکَ ويا دردن ۾ دم ناهي رهيو.
چينُ، هن سنسار کي ايندو تڏهن،
بحر، بر باسي تہ بَمَ ناهي رهيو.

❖

ظلم زبري جي اچي ٿيو اختتام،
اقتصادي عدل جو ٿيو انتظام.
مرده باد اي آمريڪي سامراج،
زنده باد اي انقلابي ويٽنام!

❖

هاءِ ماڻهوءَ ماڻهپو باري ڇڏيو
هانءُ پنهنجي هوڏ جو ناري ڇڏيو.
هيءَ خبر وحشت اثر ڪيڏي نہ آ،
ياءُ، پنهنجي ياءُ کي ماري ڇڏيو.

❖

وڏي ۽ ننڍي جو سَنڌو ڪونہ هوندو
سيئي سُرت وارا، جڏو ڪو نہ هوندو.
اهو ڏينهن هڪ ڏينهن ايندو ضرور،
ڦريندڙ ڦرئي جو ڦڏو ڪو نہ هوندو.

❖

سوڀ تائين جي وڙهيا تن کي سلام،
غازين کان وڌ شهيدن کي سلام.
ٻارڙن، پوڙهن، جوانن کي سلام،
ويتنامي ڪامريڊن کي سلام.

❖

ڪير آهي قوم، ليڊر آ مڪڙ،
ڪير ڪمزور آ، مڪڙ کي ڇا ڇئون؟
راڄ لنگهٽو ڏوت راڄَنَ جو ڏٽي،
ڌاڙ ڏٽوال آ تہ ڌڙ کي ڇا ڇئون؟

❖

مان نہ ٿو چاهيان تہ تون مون کان رُسين،
تون تہ منهنجي جان جانان جند آن.
منهنجي جان ۽ جند آهي چند ڏينهن،
تون سدائين سچ آهين، سنڌ آن.

❖

حسن ڪائر جو ڪُليو عنبر هيو پڪڙي ويو
عشق مارن جو اُتيو اوتر هيو پڪڙي ويو.
خاص سوچيو: خلق جو آجو گلو گهوگهي ڇڏي،
عام جو آواز پر اٽتر هيو پڪڙي ويو.

❖

ساري سنڌي قوم جو ڳرِ ڪو ٻِلو
هِن ۾ هُن جي جند جو اُلڪو نہ ڪر!
فڪر ڪر ٻولي، معاشي عدل جو
سنڌ رهندي، سنڌ جو اُلڪو نہ ڪر!

❖

ديس- ٻوهي جو آ ڇهرو ڇئو رنگو
ڪوئلا آٽيو ڪلر ڪارو هٽونس!
آڳريون پربيون ڳُهي پوندو نہ ڏيوس،
ڏور ڪان ڪنگهو ۽ ڪانگهارو هٽونس!

❖

پٽ بہ ناهيان، گند تقجي ڇُپ رهان،
وَڻ بہ ناهيان پينڌَ، جنبون، ڏک سهان.
او زمانا، مان حساس انسان هان،
ڪو ڪِلي، ٿهڪان، وڙهي، چاقون ڪڍان.

❖

ڪَر جو ٿَر سان وير آهي، ٻيو مڙيئي خير آ،
نانگ تي پيو پير آهي، ٻيو مڙيئي خير آ.
مُند منٻِي ئي مزاجِ آهن گهٽا منجي ويا،
ٿي گدڙ پيو شير آهي، ٻيو مڙيئي خير آ.

❖

عزم عاليشان ڪي اُٿندو ڏِسو!
هر جوان ۾ ولولو وڌندو ڏِسو!
پيار پورهيو پاڻ ۾ پرچڻ لڳا،
مُرڪندي ڌرتي، فلڪ ٽڙندو ڏسو!

❖

ايترا غم ها سچي ڏرتيءَ مٿان،
جي ڪڪر بنجن، نہ ڏسجي آسمان.
ايترا دوکا زمان تو ڏنا،
جي سچا نڪرن تہ جرڪي پئي جهان.

❖

هي اَٿوَ بوتو پري ڇهبڪ هٽونس!
دوستو مُنهن تي مٿيءَ جا بُڪ هٽونس،
قوم جي غدار کي بخشيو مٿان،
گهٽ ۾ گهٽ هڪڙو ٻجو هڪ ٺُڪ هٽونس.

❖

جوکمن مان فائدا وٺندا هلو،
غلطين کان تجربا وٺندا هلو.
ڪڪ نہ ٿي پئو ڪشمڪش کان تنهنڪري،
مشڪلاتن مان مزا وٺندا هلو.

❖

دوست ٿيو درهم پوي،
ياءُ ٿيو برهم پوي،
هر ڪو مُنهن موڙيو ڇڏي،
شل نہ ڪنهن ۾ ڪم پوي!

❖

درد ڇو سنجري، ڪجي اڳ ۾ اُپاءُ،
جي وڃي وچڙي، تہ پوءِ ونجي دوا.
جي دوا ڏک ڏئي تہ پو دارالشفا،
لَيسَ لِلانسان اِلاّ ما سعيٰ.

❖

هي تہ آهي ڪين ڪُتِڻو سلسلو.
فاصلو گهٽبو تہ وڌندو فاصلو.
منزلن آڏو سڏينديون، منزلون،
قافلي پويان پيو ايندو قافلو.

❖

حال هڪ بئي ساڻ اوريندا هلو!
چنگ سان چنجور چوريندا هلو!
رات ڪا رونجهر اَتوَ ۾ ڏينهن تر،
ڏيهہ پنهنجو آهي، ڏوريندا هلو!

❖

قلعن، برجن ۾ جو پئجي ويو سو،
وڏل آ ترٽلو منهنجو زمانا.
تعارف: سمنڊ جو طوفان سمجهو
تخلص: زلزلو منهنجو زمانا.

❖

دل جو دهڪو دُک بيان پيو ٿو ڪري،
ڳن بہ پنهنجا، پر ٻُڌڻ ڪان آ جواب.
تو جگر ۾ سُر جو ڪُورو ٻري،
پنهنجون اکيون، پر ڏسڻ ڪان آ جواب.

❖

تيل منهن تي فريبي هوائن مکيس،
رنگ ڪارو دغاباز ڪڪرن مَليس.
ڪا تہ موسم خطرناڪ ڪئي آ خطا،
صبح پُونڊو ڏنس، شام ڦنڪو هنيس.

❖

گهنڊَ گهنٽيون قافلو گُڙندو هلِي،
قافلي سالار هونگرندو هلِي.
منزلون ملنديون تہ ٻيون ايندِيون اڳيان،
گونجندو قومي گلو وڏندو هلِي.

❖

پيو ٿمر پاپ سان پالو زمانا!
ڪيو ٿمر بيت کي يالو زمانا!
ٻُڏو ٿمر ڏاڍ جو ڏونگر تون آهين،
ڄُوالو منهنجو آ نالو زمانا!

❖

وطن جا ولولا، ڪنَ ۾ لڪائين ٿو،
صدين جا قافلا، جهٽ ۾ رُلائين ٿو.
ڏنو مختيارنامو ڪنهن لکي توکي؟
اسان جو آئيندو اڄ تي کپائين ٿو.

❖

ورو ٻُٽڪر تي، باٺي سان ڏُڪو ڊوڙو
رڍن، ٻڪرين جا ڌڻ ناهيو تہ ٻيو ڇاهيو؟
اُتي جيڪو بہ واڍو سو وڍي ٻيٺو
لَين لاٽن جا وڻ ناهيو تہ ٻيو ڇاهيو؟

❖

هو ايندا، ٻيڪندا پوبان ڌنارن جي،
ڪٽي ڪي ڳنَ ٿَهي، رُسندا، تہ ڇا ٿيندو؟
وڏن شهرن جي چوُنڪن، مارڪيٽن تي،
رڍن، ٻڪرين جا ڌڻ ڳُسندا، تہ ڇا ٿيندو؟

❖

ڏُکين ڏوڙين قيامت کان بہ اڳتي،
هجين ٿو حور، جنت کان بہ اڳتي.
ڇهہ فوٽي لحد للڪاري چوي ٿي:
وڏين چو ٿو تون وسعت کان بہ اڳتي.

❖

ڀُري ياندو ڪٽي، پر پروسو هوندو
هجي ڪاٽي بہ سورج، سوجهرو هوندو.
جهُري ويندو بخاري جهُد پيو جيئندو،
ادبَ کي آئيندي ۾ آسرو هوندو.

❖

نہ سمجهو خودڪشي، پر خار ڪائِي جي،
پريان ساگر مٿان ٿو ڏُکَ تہ جَڳَ ڪِلندو.
وران ساگر کان ويتر خار ڪائِي جي،
هٽان هالار کي ڇهبڪ تہ جڳ ڪِلندو.

❖

مڃان ٿو سنڌ، تنهنجي سينڌ کي رت جي ضرورت آ،
مگر رت کي وري پاڃيءَ ڳيپي، پَت جي ضرورت آ.
پُڇن ٿا سنڌ ۾ سنڌين جي ڇو تسبيح پيو سورين؟
ڇيم: هاڻي پڇاڙي آ، عبادت جي ضرورت آ.

❖

جوانن کي لڳي ٿي جُوءِ جنگي،
ملنگن لاءِ هي محفل ملنگي.
اسان وينجهار جهونجارا بہ ڪاريا،
اسان جي لاءِ هيءَ دنيا ڏُرَنگي.

❖

نہ هو آواز منهنجو زلزلو يا۔
نہ هو محفل ۾ پورو حوصلو يا۔
ويو دل مان هليو هو ولولو يا۔
مرڻ جو تي چڪو هو فيصلو يا؟

❖

لڇن ٿا لفظ، ڪاغذ تي نچن ٿا،
ٻُرن ٿا ٻول، محفل ۾ ٺرن ٿا.
سجاڻان ٿو بخاري شاعرن کي،
ڇوڙ ڇا ٿا گهرن ۽ ڇا چون ٿا؟

❖

اسان کي هاڙهہ جو اوتر ٻلي سمجهو،
مخالف ياڻَ جي پوير ٻلي سمجهو.
سڄڻ جو سات ڪارونجهر ٻلي سمجهو
نڳن جي ٿاٽ کي ٿانگر ٻلي سمجهو.

❖

مِنو غيرن ڏنو روڪي ڇڏيو مون،
جو پيتمر سو اُتي اوڪي ڇڏيو مون.
الائي ڇا ڏنو يارن بخاري؟
لڳو تي زهر پر ڏوڪي ڇڏيو مون.

❖

مان وڏي ڪُوڙ متان ڏُوڙ وجهان ٿو زوري،
هي وڏو ڏنڌ ڪري ڏوڙ مچايو ڇو ٿا؟
مان ڏسان ٿو تہ ڇنو ڇوهہ، ٿڻي پئي ڏوري،
وهم جي وادِ وجهي، پوءِ بچايو ڇوٿا؟

❖

ڊِل ڊِل ڏُکي پئي ۾ محفل لُڇي، اُتي پئي،
ڌرتي سڄي ڏُڏي پئي، جو زلزلو تہ آهي.
مظلوم ڪربلا ڪان لڙندي، لڙيا شڪاگو
عالم ۾ انقلابن جو سلسو تہ آهي.

❖

منهنجو هن پوڻ جي هر پيند تي ايمان آهي،
مون ڪي مهراڻ جو سُنهن آهي، مان ڪافر ناهيان.
منهنجون هِن ديس ۾ ٿيون دفن ستيئي پيڙهيون،
مان ڪو رولاڪ يا پيناڪ مسافر ناهيان.

❖

ڪلا ۾ جيتري، جيڪا بہ طاقت آ،
تحرڪ آ، حرارت آهي جدَت آ.
محَبت آهي، نفرت آهي غيرت آ،
قسم آ قوم جو، قومي امانت آ.

❖

گجي انڌير، ٻوڙا تي ٻُڌون ڇو؟
وسي ٿو ڦهر، انڌا تي ڏسون ڇو؟
پُڪائي ڏاڍ ڦتڪا وڄ وانگر،
اُتو استاد، ٿنيا تي سهون ڇو؟

❖

رڳو سوچن ۾ ڪا همت هُجي ها،
تہ شاعر، فلسفي، باشا هجن ها!
فقط پورهئي ۾ جي برڪت هجي ها،
تہ ڪُڙمي ۾ ڪمي راجا هُجن ها!

❖

متان مايوس ٿيو آهين، متان مسڪين دل لاهين!
ڳهيلا ڳاهه ڳٽتين جا ٻڌي ٿو جند کي ڳاهين،
عقيدت جي اذيت جا، غريبت جي مصيبت جا،
تون پنهنجا ڄار پنهجي لاءِ، وينو پاڻ پيو ڻاهين.

❖

ڏسي سيڪوئي سگهندو آ،
سڄاڻ لئہ نظر گهرجي.
ڇئي هرڪو ئي ڏيندو آ،
مڃائڻ لئہ مگر گهرجي.

❖

اسان جي ووٽ تي سرڪار هلندي آ،
اهي پوتار، پائر سڀ سڄاڻون،
اسان جي خون تي جا ڪار هلندي آ،
انهيءَ جا ٽيوب، ٽائر سڀ سڄاڻون.

❖

اسان پارن اديبن جو سمورو گهر عوام آ،
دغابازن جون ديوارون ۽ ٻهريون در عوامي آ.
ڪڍيسون جي تاجي، اُٺيوسون قوم جو پيٽو،
پلي ماپينس دنيا، ڏيگهه توڙي ٻَرُ عوامي آ.

❖

لڇي منڇر، ڪِنجهي ڪينجهر پڇي ٿي:
وڏو سنڌو وڏو ساگر ڪٿي آ؟
ٻُڌو ٿئون هِير ٻيلي ۾ مُنهنجي ٿي،
ٻڌايو موسمو! اوٿر ڪٿي آ؟

❖

پَتو پرمار جو مون کان پڇو تو
کنيم نالو ککر ۾ جڻ کڙو هو.
پري کان ئي اشاري سان ڏچي جو
ڏسيم پاڙو تہ ميلي ۾ ٻُڙو هو.

❖

وتي تو نقش عرشن تي چِٽيندو
عظيم انسان کي جاڻان، سُڃاڻان.
تعارف عزم جو ڇو تا ڪرايو
انهيءَ طوفان کي جاڻان، سُڃاڻان.

❖

وطن جي جنگ جوٽي ٽئون، مخالف تي،
جي ملڪ الموت ايندو تہ بہ مري ويندو.
اسان سنڌين کان آزادي کسڻ جي لئہ،
خدا آمر سان گڏ ايندو وري ويندو.

❖

اديبن، شاعرن جو شمع جان پنهنجا قلم پاريا،
تہ ڪوجهي ڪاري انڌاري ۾، سهڻو سوجهرو ٿي پيو.
هنرمندن، مزورن، راهڪن پنهنجا پگهر هاريا،
محبت سان جو محنت پيچ پاتو معجزو ٿي پيو.

❖

ٻَرو تو وني توکي گڏجڻ کان، ٻُڌُ،
ڳرو ٻُنڊُ‌ل هڪ جي ڪٽڻ کان وڏو آ.
سرو لاڙ وچ گڏجي تيشا ڪٽو
اِئين ڏادِ ڏونگر ڏرڻ کان وڏو آ.

❖

ماپن، وٽن جو تر ۾ وڏو انقلاب آ،
ماسا ۽ مڻ گواھ، سيئي سير ٿو ڏسان.
ڪينجهر جا هنج، ڦاڙ ٻُڪيا باز ٿي پيا،
ڪُهسار جا ٻڪر ٻہ، ٻبر شير ٿو ڏسان.

❖

قطعي،چيو: ڪويسرا! اهڙي نئين ڪلا ڏي!
پرمار جو چٽيان سِرُ، هٿيار ٿي پوان.
محفل اُتي مچايان، مقتل سڏي، ملهايان،
وينجهار، وقت جهيڙي جهونجهار ٿي پوان.

❖

هر لفظ تِير، هر شعر بم هٿن ۾،
گفتار کي ٻُڌايو ڪردار ٿي ڳُڏان ٿو.
سرباٽ سونهن توسان ڪهڙا ڪريان ڳنن ۾،
جيهڙو ڪلورَ چيڙيو للڪار ٿي اُٿان ٿو.

❖

هوا کي هٿ ڪڙا پئجي چڪا هِن،
ڪريان طوفان سان ٿو گفتگو مان.
هي ساگر پندپاهڻ ٿي پيا هِن،
رکان ٿو زلزلي جي آرزو مان.

❖

ضديرو آهين يا ايڏو دلاور آن!
جتن ڪوٽن ۾ قابو جستجو تون.
بخاري خود فريبي آن يا بابر آن،
مرادون موت ۾، لاتقنطو تون!

❖

تکن لفظن جا عادي ٿي ويا سنڌي،
ڇتن ڦتڪن جا عادي ٿي ويا سنڌي،
ملن پيا اڏ صديءَ کان درد سو شايد،
انهن دردن جا عادي ٿي ويا سنڌي

❖

اسان جي چيخ نڪري سيخ مان پن پن کي ڏونڏاڙيو
پکيءَ جا پير پيجري ۾ مگر آجي اُڏام آهي.
اسان وانگر هوائن جا بہ طبقا ۽ ڪلاس آهن،
تڏيون هيرون اميراڻيون، تکو اوتر عوام آهي.

❖

ڀتائيءَ ۽ سچوءَ جيڪو ڳنو چاڙهيو
بخاري باهہ کي سوري رڌي ڇڏجي.
رَجهي ويو دوستو آٽيو وتا، پاٽيون،
وڏائي ويڙهي ويڙهي ۾ ونڊي ڇڏجي.

❖

هي ساگر ڇڇڪندڙ جڙ اوچنگارون،
هوا، پاڻيءَ مٿان پنهنجون پڪارون
جي دنيا ۾ دوا هر درد جي آهي،
ڪٿي ۽ ڪهڙو آ، دل_ ديس جو دارون؟

❖

تکا، غيرت ڀريا الفاظ قاتل زهر ۾ ٻوڙي،
چکايان يار کي ڇهبڪ تہ دنيا وارا ڇا چوندا؟
هجي هٿ ۾ جوالو زلزلو جو هن کي جهنجهوڙي،
هٽان هالار کي ڇهبڪ تہ دنيا وارا ڇا چوندا؟

❖

توڙي جو ڪاٺ جي تلوار هوندي آ، غلط فهمي،
تہ بي فولاد واري ڌار لڳندي آ، غلط فهمي.
جيئن هن جڳ ڪان ڇڏرائبي جند آ دليلن سان،
تيئن رهندو بہ سچ پيچ چنبڙندي آ، غلط فهمي.

❖

بـــتي گهـــر جـــي ٻــــري ناهي،
تہ اونـــداهـــو جهـــان آهي.
ڪـــلي دل جـــي ڪـــڙي نـــاهـــي،
تـــہ گـــلـــشن ۾ خـــزان آهـــي.

❖

سَڳن رشتن جي دل ۾ تورو آ گهڻو،
سڌن رستن ۾ گولائي بہ هوندي آ.
مِنو مهراڻ جو پاڻي اَڇو اُجلو،
مگر ان ۾ تہ ميرائي بہ هوندي آ.

❖

هيءَ منهنجي دل جي بي آرام ٿيندي آ،
ءِ اڪثر صبح، منجهند، شام ٿيندي آ.
انهيءَ ٺٺڪار جو نقشو چٽيان ڪهڙو؟
ڪبوتر هانءُ، ڇاتي دام ٿيندي آ.

❖

مٿاهون هر زماني ۾ فقط يزدان هوندو آ،
سدائين پنهنجي عادت ۾ ڪريل شيطان هوندو آ.
ڪٿي اعليٰ ڪٿي ادنيٰ، ڪڏهن نوري ڪڏهن ناري،
عظيم انسان هوندو آ، خسيس انسان هوندو آ.

❖

نہ مان جابر نہ جادوگر زمانا،
نہ مان پرور نہ پيغمبر زمانا.
مان آهيان ٻڙڪندڙ ڌرتيءَ جو شاعر،
برابر باھہ جو ساگر زمانا.

❖

تونگر دل، نظر منهنجي گداگر،
ورهائيندو بہ ير گھرندو وتان ٿو.
مڃان ٿو سونهن جي سماهون برابر،
مها ساگر مگر گھاگھر لڳان ٿو.

❖

رڳو دانهون ۽ ڪُوڪون شرمندائي آ،
ٿڌن ساهن جون ڦوڪون شرمندائي آ.
هُتان اُلري ٿو آڪيري ڏي ڪاريهر،
هتان جهرڪين جي چُون چُون شرمندائي آ.

❖

ذهن کي تر مان تڙائين، چي، هي شيطان آهي،
وهم جي ووڙ جو هو انڌ ۾ ايمان آهي،
تُرم ۾ تيز تدبَر کي ڏنيائين ٿو ڏچا،
ملڪ ۾ مست۔ مقدر جو وڏو مانُ آهي.

❖

هي جهُدَ جو جهندو جو ڳڙن ۾ ڦڙڪيو،
ڦاٽي ويو سانڍي رکو ليڙون بہ چڱيون.
اُستادَ ۾ چا دوست بچيو آهي، چيائين:
بيڙي جي ٻڏي تہ هريڙون بہ چڱيون.

❖

برسات اُني ڪانہ مگر ماڪ پوي ٿي،
معلوم ٿيو ملڪ ۾ پاڻي آهي.
ڪا چٽنگ بچي ڪانہ ٿتي خاڪ چوي ٿي،
هِتِ آڳ ٻري هاڻي اُجهاڻي آهي.

❖

جو وقت جا وڏاڻ هٽائي نہ ٿو سگهي،
سينا سگها سنداڻ ٻڏائي نہ ٿو سگهي.
سو آدمي تہ آهي، اسان پڻ سڏيونس ٿا،
ٻر سورمو مهان سڏائي نہ ٿو سگهي.

❖

ميڏانهن رات پُوت بچي پئُہ ڏيڻ لڳي،
موڏانهن بيشمار ستارا کلڻ لڳا.
جنهن وقت چنڊ، تارا نتائي لِڪڻ لڳا،
ن مهل سِجَ جهڙا سهارا ملڻ لڳا.

❖

ساگرِ ڪڏهن بہ اُڏري بادل ۾ ناهي ٿاتو.
دريا ڪٽي بہ وچڙي دلدل ۾ ناهي ٿاتو.
آوازِ حق استاد آزاد آهي، هوندو
قرآن پاڪ ڪڏهن رحل ۾ ناهي ٿاتو.

❖

هلو سنيالي سنيالي، لتاڙجي نہ وڃو!
لتاڙجي تہ چڏيو پر چباڙجي نہ وڃو!
چِجي چِجي نہ رنيو لاڙ سرا، ڪاچا،
ڪروڙ ڏاڍ جي لوڙهي ۾ واڙجي نہ وڃو!

❖

ماٺار سُمهي هِيرَ جي جهوليءَ ۾ تي سوچي:
جي ڏينهن تتا تيز تہ طوفان نہ اُٿندا؟
استاد گروهن ۾ گهڙي روز پُڇيو ٿِي،
انسان جي آواز تي انسان نہ اُٿندا؟

❖

ڊچندڙ اکين سان گهُورِن اوندھ جا ڀيٽ ڀيٺا،
طوفان وهڪرن ۾ شعلا ڪنيون اچن ٿا.
ڏڪندڙ هٿن سان ڏونگر گهورِن ٿا سوين، هيرا
ڀونچال چير پايو، ميدان تي نچن ٿا.

❖

جي قاز باز گڏجي رهندا تہ پوءِ ساٿي،
يا قاز باز ٿيندا، يا باز قاز ٿيندا.
حالات جي حوالي سان سنڌ تنهنجا باسي،
يا نِت نياز ٿيندا يا جانباز ٿيندا.

❖

جي وات ڪريون بند، بيابان سمجهي،
جي ساھ کڻون سمنڊ جو طوفان سمجهي.
بزدل بہ عجيب آهي اسان جو دشمن،
جي ٿورو اُٿي بيهون ڪهستان سمجهي.

❖

هر ڏار تي ڪوئل هئي، هر ٽار تي بلبل،
آواز تي گلزار مان ٽان- ٽان آيا.
هر ڪُنگري تي شاهين، ۽ هر برج تي چرغو
پڙلاءُ تي محلات مان ڪان- ڪان آيا.

❖

چيٽ جي هِير بہ ناهيان جو ورهايان خوشبو
مانگهہ جي ماڪ بہ ناهيان جو ڪِلايان مڪڙيون.
مان ، ڄرئي جيٺ منجهند تاڪ جو ڪوسو جهولو
مون کي آڪاڙ جي اوتر سان ملڻ جون لوڙون.

❖

تڪ، تار تري وڃبو آ.
ترندي بہ ٻري وڃبو آ.
هِڪ چِرڪ پِري چِڏ جاني!
جيئري بہ مري وڃبو آ.

❖

ڪانءَ جو ڪنپ ڪٽي تورو هوا ۾ لوڏيو
ڪانءَ وڏو گوڙ ڪندا، گڏجي نونگا هٽندا،
سنڌ جو ڪونڌ ڪُنو ليٽڙي رت ۾ لاشو
شهر جا شير ويا، فلم جا گانا چوندا.

❖

جيون کي پِنيَ- پينگ ۾ بکندو ڏٺو اٿم
اَنڌي جي منهن تي مُرڪ کي نچندو ڏٺو اٿم.
پِيري، قبر ۾ پيرُ مگر دل، سَدُون سوين،
ميلو مقام ۾ بہ تہ لڳندو ڏٺو اَٿم.

❖

ڪهرام ۾ اچي ڪيئن استاد آهين قاتو!
ماتم ڪندو پِٽيندو پنهنجي خوشي تو ڳوليان.
مقتل کان تورو اڳتي محفل جو ڏَس مليو آ،
مان موت کي لتاڙيندو زندگي تو ڳوليان.

❖

سورن جو سلسلو بہ وڏو آهي دوستو!
هر سُورَ جو بلو بہ وڏو آهي دوستو.
انسان ڪم ٻڌائي ٿو انسان ٻم گهڙي،
ٻُڌوان ٻوگهلو بہ وڏو آهي دوستو!

❖

هي هٿ ۾ پنو سنڌ جي سمجهو وادي،
مضبوط قلعو جڻ تہ رني ڪوٽ آهي.
هر لفظ بخاريءَ جو وطن دوست مجاهد،
بيباڪ آ، جانباز آ، اٽموٽ آهي.

❖

چوٽ تي چوٽ، زماني جي پراڻي عادت،
عزم اٽموٽ آ، منهنجي اباڻي فطرت.
سمنڊ سنسار ۾ سنسار جي پنهنجي هستي،
آءُ طوفان ۾ طوفان جي پنهنجي طاقت.

❖

سنسار تان سورن جو جنجال ڪڏهن لهندو؟
طوفان ڪڏهن رُڪبا، پونچا ڪڏهن لهندو؟
تلوار کان بندوقون، بندوق کان ايٽم بم،
انسان تان بارودي بنبال ڪڏهن لهندو؟

❖

شهر سَڪرات ۾ مان ڇوڻڪ نچايان؟
لوڪ ماتم ڪري مان چنگ وڄايان؟
پُون لڙي جنگ بقا جي، هي نڳي آ،
هو گهري توبَ تہ مان بيت پُڄايان.

❖

بولان کان پنيور ڏي گيراڪ تي آيا.
پرمار ڪري پيار جي پوشاڪ تي آيا.
مهراڻ جي واديءَ جو تيو تي نيلام،
هالار جي چوٽيءَ تان وڏا واڪ تي آيا.

❖

ٻوڙو تہ شيخ، شيام بخاريءَ کان هي پڇون!
ڇا ماڪ، هِير جهڙي اجا شاعري ڪجي؟
آ سِندُ سونهن لوچ ۾، نغما ڇئون؟ نچون؟
سڪرات ۾ حبيب هجي، مسخري ڪجي؟

❖

گهوگها هُجن ٻُچيءَ ۾، واڍون ٻجهَنِ جَنگهن ۾،
گاريون ٻُرن ڪَنن ۾، پوندا ڇُپِنِ اکين ۾.
او غفلتو! غلاميءَ جو آخري قدم آ،
ڏاريا گهرن ۾ هوندا ۽ گهر- ڏٺي گهٽين ۾.

هر ڏينهن، ڪِنا ڏوڏ ڏين اوڪارا،
هر رات ڪري ٻات تي سايون اُلٽيون.
بازار ۾ ٻڌندي ڪي ڏپارا نعرا،
هِن دور جي تاريخ کي آيون اُلٽيون.

❖

هر ديد جي ڪمري ۾ ڏهاڙي ڪِنُ آ،
هر رات جو تي وي تي اُگاڇي اُلٽيون.
تقدير ۽ تدبير انهيءَ تر جي ڇا.
تقرير ۽ تحرير جي آڇي اُلٽيون.

❖

شيخ: شيخ اياز. شيام: نارايڻ شيام.

چو زهر تا هِنَ ڏيهہ کي ڏوڪارايو؟
هو خون تو توڪي پيو، اُلٽيون تہ ڏسو!
چو قهر تا پيٽرول ڪري پلٽارايو؟
تو شهر جلي، چؤنڪ تي چِتيون تہ ڏسو.

❖

هر جام ۾ سڪرات پري تا پياريو
پر جان ۾ جذبات جا اُڌما تہ ڏسو!
هر شام تا هر شهر تي اونده هاريو
پر باک جا گهر گهاٽ تي تجلا تہ ڏسو!

❖

غيرتون: گوڏ جو پوتڙو نہ ڪريو.
هِمتون: وات ۾ موچڙو نہ ڪريو.
غير جي ڪنڌ تي چڙهي، پنهنجي،
قوم کي گِيسڙو- گِيسڙو نہ ڪريو!

❖

دهشتگرديءَ تي ضابطو رکيو ويندو،
ڏاڍي- گابي سان رابطو رکيو ويندو.
"آسون لاهيو نہ سادڙا پيارا سنڌي،
دلبي، دوکي جو سلسلو رکيو ويندو."

❖

پهريان ڦُڙي ڦُڙي تي، درياهہ تي وجون تا،
ءِ پو ڦُتي ڦُتي ننڍڙا واهہ تي وجون تا.
ڪاتي بَري بَري وڏا آڙاهہ تي وجون تا،
ڪاتي اُجهي اُجهي اسين اونداهہ تي وجون تا.

❖

جَهٽ جَهٽ گندي گار برداشت نہ ڪبي،
هر هر ايذي مارَ برداشت نہ ڪبي.
سڀ ڪجھ برداشت ڪندا ٿا وڃون پوتارو!
کھڙي آخرڪار برداشت نہ ڪبي.

❖

خوشبوءِ ڪري بند رڳو گند پکيڙين،
ان دئونس ۾ ٿا گونج کي گھمسان بنايون.
او اَنڌ_ اَڌا ترس، اچون ٿا توڏي،
طوفان کي ٿا آڳ جو اڳواڻ بنايو.

❖

تندور مان طوفان چوان ڪو نہ ٿو مان،
گجگوڙ مان گھمسان تہ ٿي سگھندو.
شيطان مان يزدان چوان ڪو نہ ٿو مان،
انسان مان انسان تہ ٿي سگھندو.

❖

جو ساھہ کڄي، تنھن سان رهان شامل مان،
سُرهاڻ نہ چئو سنڌ جو سهڪو ڪونيو.
هر دل جي اُمنگ، آس ۾ داخل مان،
آواز نہ پر ديس جو ڌهڪو ڪونيو.

❖

يونچال اچي، پوءِ بہ نہ ڏُڏجي، ڪڏهين،
ڪنھن ڏينھن بنا ڏوڏ، لُڏي وڃبو آ.
سهٽيءَ کي چڏيو دوست، ڏسو سسئي ڏي!
ٻڏجي تہ سُڪيءَ ۾ بہ ٻُڏي وڃبو آ.

❖

اُتو تہ تيز تتا آفتاب تي اُيرو
ڪتاب تي نہ اچو چو تہ ڦاڙجي نہ وڃو.
اڳيان اُڪاربو صحرا، ملهار ساڻ ڪٺو
سراب راهہ ۾ آهي تہ ساڙجي نہ وڃو.

❖

طوفان، زلزلي ۾ ڇهرن ڏي ڪير ڏسندو؟
برسات ءِ ڳڙي ۾ ڳوڙهن کي ڪير اُگهندو؟
جنگاهہ جي طبل ۾ ڪوئل جي ڪوڪ ڪهڙي،
هر گهر ۾ حشر، تنهنجي شعرن کي ڪير ٻُڌندو؟

❖

پنهنجا قدم ڪٽي ڪٽي، ڦاٽا ڏُٻڻ ۾ آهيون،
رستي تي آهيون جي تہ وڏي ڇو نہ ٿا سگهون؟
پنهجي ڪِتي جا پاڻ کي ڪنڊا ڪُتا اَٽئون،
روندا، انڌا تہ ناهيون، ڪڏي ڇو نٿا سگهون؟

❖

هاڻي بہ جي نہ ونندئو پنهنجي حقن جو قبضو
ڪاٺين، ٻنين، مِلن ۾ ڪاتن پڪن جو قبضو
شهرن ۾ پنهنجي پارن، چؤنڪن، هَٽن جو قبضو
پوءِ سمجهو سِرَ تي هوندوَ ڏارين ڏڪن جو قبضو.

❖

او ٻاڻَ، سڄي رات تو تارا ميڙيا،
پريات جي درياهہ ۾ ٻوڙيندا سين،
او انڌَ جا تِڪسات، او شيشا ٻاشا،
توکي تہ مُترڪا هٽي توڙيندا سين.

❖

رڳو خيال، بيابان ۾ پيو پٽڪين،
عظيم عزم، عمل جو نشان پيدا ڪر!
ضرور ناهي تہ ايڏو وڏو قديم هجي،
نئون جوان تي پنهنجو جهان پيدا ڪر!

❖

رڻ پٽ هُجي تہ نيڪ آ، صحرا هجي هت وهوا،
سوڙهين گهٽين ۾ گهُلندي، طوفان تو لڳي ٿئي.
درياهہ، مينهن، ٻوڏون ٻوڙين ڳالهہ ٻي آ،
پنهنجي پڳهر ۾ ٻُڏندي، انسان تو لڳي ٿئي.

❖

ڪرڪيٽ راند ناهي ڪٿجي يا هارجي، چا،
مشڪل ڪان سَؤ دفعا هي مشڪل معاملو آ،
هر ڪنهن کي پنهنجي همت، حڪمت تي ڀروسو آ،
قومن جي ارتقا جو قومي مقابلو آ.

❖

هن ديس جي دل آهي، هي ضلعو دادو،
نروار رني ڪوٽ جو قلعو، دادو.
شهباز قلندر کي آ پيارو ڏاڍو،
بيباڪ بلاول جو هي ڊولو دادو.

❖

ويو ڪو کي اُڏامي، تاري لُڏي ئي پئي،
آڙاهہ ويو اُجهامي، دوُنهين دُکي تي پئي.
تهذيب: جڙ تہ وهندو دريا سُڪي تو پيو،
ٻولي: جيئن ڪا ترندي ٻُڏي تي پئي.

❖

جي ماٺ ڪري مربو، تہ ارمان وڏو ٿيندو
جي گوڙ ڪبو، اُتبو گهمسان وڏو ٿيندو.
هن مند ڪي معلوم آ، پَن پَن کي پتو آ،
گهرگهاٽ گهُٽيون وڌنديون، طوفان وڏو ٿيندو.

❖

چا تو پڇين زمانا، جيون جي جهَنجهٽن جو؟
ها، جنگ پئي ڪئيسون، ڏوُنڪا بہ تي ڪُڏياسين.
ڪيئن زندگي لڳيسين، اُن بحث کي ڇڏي ڏي،
هر روز زلزلو هو جهُولا بہ پئي لڏياسين.

❖

شهر خاموش مگر شور آ محشر وانگر،
وقت بيهوش ۾ ڇو جوش آ ساگر وانگر.
ڏات ڏيئا نہ بنايو ڪريو سورج شاخون،
ڏاڍ، ڏيئا تو اُجهائي وجهي اوتر وانگر.

❖

هي گهِنڊ، هي گهڙيال، هيرون پيڪا،
هن تر جي سجاڳيءَ جا طبل آهن سڀ.
پرمار ڪڪر واءَ تي ڪن ٿا ڪڙڪا،
حقدار لڳا بيٺا جبل آهن سڀ.

❖

مان ساز اچي مون کي وڄائي ڪوئي،
مان گيت، پلي ڳوٺ ۾ ڳائي ڪوئي.
سمجهوم سياڻي جو سدورو سپنو
تعبير ڪٿي منهنجو ڪرائي ڪوئي.

❖

جيون لذيذ ڏاڍو بعضي عذاب آهي،
ڪيڏو نہ ڪشمڪش جو وٽندڙ شباب آهي.
مغرور مشڪلاتون جهومي چون ٿيون نغما،
مشتاق جانبازن ڇيڙيو رباب آهي.

❖

ماحول ڪان تہ موقعو ناهي ڀلو مليو،
پر عشق توڪان مون کي وڏو ڀرجهلو مليو.
مان دل جو هڪ جوان جوالو ڪٽي هليس،
هو حسن بي پناهہ اڳيان زلزلو مليو.

❖

شراب شوق ۾ جوين، ڪباب خود جوين،
تہ جو پڇي بہ بچيو هو اهو نہ ٿو وسري.
سواد عشق جو اُستاد زندگيءَ جهڙو
عذاب ۾ بہ مزو هو اهو نہ ٿو وسري.

❖

هٽي نگاهہ پڇيائين تہ ڪان هو يا نہ ؟
چيم تہ جنهن بہ پڇايو جُوان هو يا نہ؟
هزار شورشون ڇهرو ڪئي قصا آنسو
زبان بند هئي، پر بيان هو يا نہ؟

❖

اسان بہ عشق ڪيو هو اُهو نہ ٿو وسري،
مچن ۾ شوق نچيو هو اهو نہ ٿو وسري.
بَلا تي پير نہ پيو هو جو ڇال ڏئي بچجي،
ڪِنوڙ کي ٻانهن ٻڪيو هو اهو نہ ٿو وسري.

❖

جو سِرُ نہ جهُڪيو يُونءِ جو يونگر هوندو،
طوفان ۾ هالار جو ڏونگر هوندو.
جنگاهہ ۾ آڙاهہ، ڏَڪن ۾ دودو
پنجوڙ ۾ گجگوڙ ببر نر هوندو.

❖

مرندي بہ قوم آهي، جيئندي بہ قوم آهي،
ڪِرندي بہ قوم آهي، اُٿندي بہ قوم آهي.
هن يُونءِ جا جيالا، جهونجهار پُٽ، ڏيون،
سنسار کي ميجايو سنڌي بہ قوم آهي.

❖

”اچي ٿو هو“ تہ پِتڪي ۾ بہ چَم چَم آ،
نہ پهتو هو تہ، عيدن تي بہ ماتم آ.
ڪشش ناهي تہ عيش آهي عذاب جان،
سچڻ ۾ لطف جو ڪيڏو تہ سنگم آ!

❖

دوستيءَ مان دشمني، ڏاڍي ڏکي،
رهبري مان رهزني، ڏاڍي ڏکي.
اعتماد استاد اطمينان آ،
توبہ توبہ، بدظني، ڏاڍي ڏکي!

❖

تنهنجي گهُنڊ جو ليڪو شاهد،
لمحو آگ جو تانڊو ٿي پيو.
تنهنجي مُرڪ جو چلڪو شاهد،
لمحو ماڪ جو قطرو ٿي پيو.

❖

شاهد نوَ لک تارا، منهنجي محبت جا،
لُڇندي، لڇندي سٺ سئو راتيون ڪاٽيون ٿم،
هڪ هڪ ساعت، سال لڳي ٿو او اُڌمان!
ڄڻ تہ سِڪڻ ۾، سهسين صديون ڪاٽيون ٿم.

❖

ڪٽي جو ڪوليم ڪتاب دل جو صفحي صفحي تي شباب تنهنجو،
اکر اکر سان هٽي ڇڏيو تو نظر نظر تي نشان جاني.
عظيم آهين ڪمال وانگي، حسين سهڻي خيال وانگي،
تڏهن تہ تنهنجو جمال جلوو جڏهن تڏهن آ جوان جاني.

❖

سڳنڌ منهنجِي سِتن مَنجهان جي سچي پڇي ڪجهہ اَچيوَ تو
دماغ منهنجي گلاب جهڙو هڳاءُ تنهنجو سنگهيو هيو.
ڪرنٽ هوندو ضرور منهنجي، اچا بہ ڪنهن ڪنهن اُچار ۾،
هِنن چَپن سان مون بجلين کي، ڇِتيءَ وهيءَ ۾ ڇُهيو هيو.

❖

ملئين مُرڪي تہ چانڊوڪي ٽڏي تي پئي،
تَڪيئي ڪُرڪي اتيئي ڏرتِتي تي پئي.
روئي تي رَتُ روزانو اَنا منهنجي،
رُڳو تنهنجي سهاري زندگي تي پئي.

❖

رات پوئين تي چُڪي، هاٽي تہ ڇڏ!
پئي اجان پهرين ٻُڪي، ڇا ٿي چوين؟
باک، ماک آهي مُڪي، هاٽي تہ ڇڏ!
سِڪ ڊڪي ناهي رُڪي، ڇا ٿي چوين؟

❖

آجيون ڀَريون آڳنڌ آڻڻ، پوپٽ ناهن جهنٽا،
عرش تان تارا چنٽا آهن، پيرون ڪينهن پنٽا.
سپنن ۾ ئي سمهندي سهٽا ساجن ماڻڻ سولا،
سچ پچ ماڻا ماڻڻ، سر سان آرا آهن ڪنٽا.

❖

ڏُکي تي صبح ۽ سانجهي ڪُتي تي زندگي منهنجي،
هلي حيلو تہ سورج کي صفا سوگهو ٻڌي ڇڏيان.
گهڙيءَ ڪان پوءِ ڪاتي پندپاهڻ تيو پيو هوندس،
نچڻ ناهي تہ ڇاهي، موقعو آهي لُچي ڇڏيان.

❖

بادل اُڏري، ڏور وڃي ٿو
سَر* کي ڏيندو سور وڃي ٿو.
موتي، جڏهن مينهن وسي ٿو
ڊنڊ سُڪيءَ ۾ ساهہ پوي ٿو.

❖

ٻيرن کي ڏوٽيندي ڇو آن؟
ڦلهيار کي ڦولهيندي ڇو آن؟
گونگن وانگر موڳي دلڙي،
اندن ڏي گهُوريندي ڇو آن؟

❖

ديدن سان گڏ، دل بہ رکي تي،
آءٌ اها ڪئميرا آهيان.
منظر جي دل ٽڪرا ٽڪرا،
مان بہ تہ ٻيرا ٻيرا آهيان.

❖

سر: تلاءُ، تر جو تلاءُ

حياتي، سا تہ ماڻيم ميل، محبت ۾،
مماتيءَ جو مُدو پوڳيو مون فُرقت ۾.
اچا پيچو نہ تو تنهنجو چڏيان پياري،
الائي چا تو ڳوليان تنهنجي اُلفت ۾؟

مهرباني مُند جي مجبي متا،
کي ڪٽيون پهتيون، نديون ناهن مليون.
جنهن خدا اُتي کي لکين تارا ڏنا،
تنهن کان انڌي کي اکيون ناهن مليون.

❖

خوشين جون ۽ گهٽيون هيرون گهلن تيون پيون،
وڪوڙيو تا وچن پيڙن جا واچوڙا.
هُنن وٽ عيد جي دعوي هنن وٽ ماتمي ميڙا،
ڏسون تا ڇهچتا، پِتڪا، نہ هو ڪُوڙا، نہ هي ڪُوڙا.

❖

ڏسي هن کي، خوشيءَ کان ميڪدي ۾ ويا لڳي نعرا،
تي مسجد ۾ بہ وئي 'سبحان هُو سبحان' هُو پيدا.
بخاري ڪيترو گستاخ چئبس بي ادب چئبس،
تصور هن جو تي پيو او چتو اج بي وضو پيدا.

❖

ڏن ساهن جون سُرهاٽيون، جي غمگيني گهمن هاٽيون،
سي منهنجي روح جي پولار ۾ پکڙي پيون آهن.
ڙن ڳوڙهن ڪري تنهنجون ڏگهيون پلڪون جهُڪيون جڻ ڪي
گُلن جون نرم ٽاريون، ماڪ تي نوڙي پيون آهن.

❖

سُهڻا ماڻهو ڪُهڙا ماڻهو
دشمن آهن، دلبر آهن.
رت جا رشتا: واهه جا رستا:
ويري آهن، واهر آهن.

❖

مون کي تڙپايئي، طبيعت مهرباني!
دردمندي در حقيقت مهرباني.
ويس بچي جو بي مَتيو پٿر نہ ٽيس،
ماڻهپو بخشيئي، محبت، مهرباني!

❖

پيار کي بازار جو سودو نہ ڄاڻ
هانءَ جي هيڪار کي هوڪو نہ ڄاڻ.
صبح هڪڙو شام بيو ۽ رات ٽيو
هي تہ ٽيو چولو رئو ڇهرو نہ ڄاڻ.

❖

مان مري قاصد ويس، پهتس نہ تُربت ۾ اچا،
ڏينس ڏوراپو وڃي، ڇا رهنديون غفلت ۾ اچا!
ڇو نہ ٿو منهنجي جنازي جي بہ تون ويجهو اچين
وئي نہ توکان بدگماني منهنجي نسبت ۾ اچا

❖

پريشان ، شام جو محبوب جا گيسو
عجب ۾ صبح جو ميڪپ جو آئينو.
سمو بي چين جڻ طوفان ۾ سنڌو
مگر بي حِس هو ڪُهسار جو سينو.

❖

هاءِ گرهڻ ۾ اچي ويو ماهه رو!
ڇهرو ڪوجهو ٿو ڪري پيو خوبرو.
ڪير پيو ايندو بچائيندو اچي،
چو تہ ويري ٿي پيو آ واهرو.

❖

ڀٽڪئي عوام ۾ آ، پوڄيا لڳڻ جي عادت،
عيار رهبريءَ ۾، ماڻهن نڳڻ جي عادت.
اغيار تيز آهن، تنظيم سان وڌن پيا،
يارن ۾ پئجي وئي آ، نعرن هڻڻ جي عادت.

❖

مون کي پتو آ، پاپي اوڪان پهاڙ آهن،
فرهاد پاڻ آهيون، تيشا هزار آهن.
اوندهہ ڏڪيا سرو تڙ، ڪاچو ۽ لاڙ آهن،
شعلا، اُلا، مشعلون، تجلا هزار آهن.

❖

هڪ قوم پئي ٿي ڀٽڪي، ٽولا هزار آهن،
ٽوليءَ ٽولي ۾ بيا ڀي ڀولا بہ چار آهن.
جيڪو بہ چاهي ليڊر بنجي بيان ڇپجي،
جهنڊا، جلوس، نعرا اڳ ۾ تيار آهن.

❖

جلين ٿي شمع تون شعلا ڏسان ٿو پيو.
پتنگ آهيان اُمنگن ۾ پچان ٿو پيو.
ڳرين ٿي پئي مگر جيئري اجا آهين،
اِها منهنجي بہ نِرجائي، جيان ٿو پيو.

❖

جيڪو نہ جهُڪيو جهوڪ جو جوڙو هوندو
تنهن ڪِير اَمرُ سندّ جو پيتو هوندو.
مرندو تہ مري ويندو مگر سَڀ ڏسندئو
ڏَيُ مورِ نہ چرندو چو تہ چيتو هوندو.

❖

جي ماڪي آ جفا تنهنجي، ۽ مصري آ سزا تنهنجي،
تصور ئي نہ تو سوچي، تہ ڇا هوندي وفا تنهنجي.
پتو محشر ۾ پوندو منهنجي مستيءَ تنهنجي هستيءَ جو
جڏهن ميزان ۾ تُرندي خِطا منهنجي عطا تنهنجي.

❖

هن چميون ڏيندي پڇيو ڍءُ ٿيئہ چيم:
مينهن ۾ مهراڻ جو ماپو نہ ڪر!
عاشقيءَ جو عيش ڪجهہ اڳتي بہ آ،
لطف ۾ شامل رڳو بوسو نہ ڪر!

❖

نہ بيداري، نہ بيهوشيءَ جي حالت آ،
نہ وِڪ اڳتي، نہ وِڪ پٺتي جي طاقت آ.
پڇين ٿو ڪيفيت منهنجي حياتيءَ جي،
پٺيان آ موت ۽ سامهون قيامت آ.

❖

حسن تريناڪ اکيان عشق کي چالاڪ ڪبو
بزم بچي جنگ تہ پو عقل کي بيباڪ ڪبو.
ڪنڌ فلڪ بوس منارن جو مروڙي وجهبو
عزم ذرا پُورنءِ جي گهڙيءَ لاءِ غضبناڪ ڪبو.

❖

جواني سون جهڙي سيني مان اُيري آئي جاني!
خزاني جي ضروري آ، پڪي پختي نگهباني.
محافظ عشق کي رکجان، متان پو هٿ هٽين سهٽي،
”چرا عاقل ڪند ڪارڪه باز آيد پشيماني“!

❖

نه ڪنهن بابوءَ جي بيٺڪ آ،
نه ڪنهن افسر جو دفتر آ،
هتي هلندي زبان منهنجي،
هي منهنجو پانهنجو گهر آ.

❖

روپ جن جا، آسمان جهڙا هُئا،
نانوَ بي گجگوڙ وانگر پئي سُئا.
واءَ آندا واءَ تي ڏَڪجي پيا،
پيو پتو ڪي موسمي بادل هئا.

❖

اوچتو خوشحال خان ڏُرڪي پيو،
روح وارث شاهَ جو ڪُرڪي پيو.
سنڌ جا سرويچ سورهيه ساٿيو!
بزم ۾ پِٽ جو ڏٺي مُرڪي پيو.

❖

(4)

زندگي: ڪا هِيرَ ناهي جو گُهلي، گذري وڃي،
زندگي: پاٽي- پڪي ناهي اچي، اُڏري وڃي،
زندگي: ڪو فصل ناهي، جو پچي، لُبجي وڃي،
زندگي: جُڳ جُڳ جوان، جي سڄَ تي اُپري وڃي.

❖

گندگيءَ ۾ زندگي گهاري وڃڻ سولي نہ آ،
گهارجي ويندي بہ، اوجاري وڃڻ سولي نہ آ.
وير، واري، واءَ تي شايد نِشان اُڪري وڃي،
وات تي پَر بات بيهاري وڃڻ سولي نہ آ.

❖

فڪر ۾ ٻوڙي نہ- ڪُنڍي آرزو،
گيت ۾ گونجي جُڳن جي گفتگو.
جستجو ۾ مان مري ويندس تہ چا،
زندگيءَ جي پو بہ رهندي جستجو.

❖

(5)

سنڌ وارن لاٽ ڪا ٻاري ڇڏي،
پنهنجي جيجل جي زبان جياري ڇڏي
ڇا ٻه ٽئي پر روشني مرٽي نه آ،
پنهنجي پر ۾ ڪن گهرن ماري ڇڏي

❖

ڪن چيو: آ آسمان ۾ ترٿلو،
ڪن چيو: ڌرتيءَ تي آهي زلزلو.
مون چيو: اهڙي ته ڪائي ڳالهه ناهه،
بس عوامي راڄ جو آ فيصلو.

❖

او سنڌ اَمان، تنهنجا سڀًا سورهيه پُٽ،
ٽانڊن تي هلايا ٻه وڃن ته ٻه سرها.
ڀ هو ٻه ڏسي ڇڏ نه، وسوڙل ويڳا،
گلگشت گهُمايا ٽا وڃن، ته ٻه اَرَها.

❖

جو توسان رکي سيل، پلي پِيلُ هجي ڪو،
سو پِيلُ پري پيرَ، سندس پير چُمون ٽا.
جو توسان رکي ڪوٽ، پلي گهوٽ هجي ڪو،
اِن گهوٽ مٿان چوٽ مٿان چوٽ ڪريون ٽا.

❖

نہ عُهدن جو اُلڪو نہ ڪرسيءَ جو چَسڪو
سڌو چئي ڏيون ٿا، سياڻا نہ آهيون.
وطن کي ٻين لئہ نہ وڪبو نہ ڏڪبو
فلاڻا نہ آهيون، فلاڻا نہ آهيون.

❖

سچ- سورج کي ڪهڙي پرواهہ،
پاڇولا لڙندا ئي رهندا.
ساٿي ڪِلندا ڳُڙندا وڙندا،
ساڙولا سڙندا ئي رهندا.

❖

پي سنڌُوءَ مان مخمور ٿيو!
هن مستيءَ تي مغرور ٿيو!
جي غاصب- نظرون پالن ٿا،
تن دوڙن لئہ انبور ٿيو!

❖

ڪاميابيءَ جي منزل ماڪي چڪڻ،
ڪجھ ڏکي آ، ڏنگ جهلڻا ٿا پون.
منزلن پاسي وڙڻ سؤکو نہ آ،
هر قدم تي ونگ چِنڻا ٿا پون.

❖

ڏاڳو ڏاڳي کان جدا ڪمزور آ،
ڏاڳو ڏاڳي سان ملي نهندي ڪُڙهي.
ايڪتا جي لاءِ آ مشهور ڳالهہ،
پيرسن جا پُٽَ ءِ ڪانين جي مُڙهي.

❖

آڏو چور تہ پويان پاڳيا،
راتين پنيان ڏينهن اچن ٿا.
سنڌ تہ گدڙن کاڌي ناهي،
ٻُنيي تي پيا شينهن گجن ٿا.

❖

هڪڙي گهر جو هڪ اڱڻ آهي زمين،
هي هَمالو سمنڊ ڪوئي دنگ ناهہ.
ماڻهپي جي نڪ ۾ نوڙي آ پيل،
ورنہ دنيا، ڪنهنجو ڪنهن تي ننگ ناهہ.

❖

ڪجهہ ڏير تيا ڏقير، ڏتي ۾ ڏتي ويا،
ڪجهہ آءٌ بيوقوف پراوا مِنا ڪيم.
بوڙو بروچ ناهي ٻَڙيءِ پر ٻُڏي نہ تو
گونگا جبل گواهہ، تہ واڪا وڏا ڪيم.

❖

پائرن روپ ۾ جو ڪجهہ ٿيو
سو ننڊاکو تي پنهونءَ ويني ڏنو.
شاهہ جي سسئي هينئر آهي سُجاڳ،
ڏير، ڏاگهن کي گڏي ٻانيڙ ٻڌو.

❖

پولَ واري پنگ ۾ مخمور آ،
پيٽ وار جنگ ۾ مجبور آ.
ڪجهہ موالي، ڪجهہ سوالي واتڙو
سنڌ جو ماڻهو اِئين مشهور آ.

❖

مليس جو تيون ڏينهن بازار سان،
پُڇيم ان کان اُن جو مزاج شريف.
چيائين شين جون بهائون مهوڙ
گراهڪن جي حالت نهايت ضعيف.

❖

سنڌ جي سُورن جو ڪونهي آند پاند،
گهر ڊنل، وِهڪيل ڏڌي، ڪمزور ڏاند.
پوءِ بہ شهپر کي وٽيندي پيو چوي،
سوٽَ سان ڪرٽو آتم جلدي پلاند!

❖

شرافت، امن ۽ انصاف جو ليڪو
عجب انداز سان اورانگهجي ٿو پيو.
جتان گهڙندي ٻُڏڻ جو ڊپ تيڻ گهرجي،
انهن گهيڙن جو پاٽي تانگهجي ٿو پيو.

❖

هو آ ويجهو رشتيدار،
هي آپگ مٽُ پنهنجو يار!
ڇا جو رشتو ڇا جي ياري،
پئسو مائٽ، پئسو يار!

❖

ڪن ماڻهن جي هاني حيرت،
وات وڏا ۽ ننڍڙا هانءَ.
ظاهر ڦڙڪيون بازن واريون،
اندر ڊِڄڻا جهڙا ڪانءَ.

❖

جرڪي جرڪي جئندا آهيون،
مُرڪي مُرڪي مرندا آهيون.
مرندي مرندي بچندا آهيون،
جيئرا ها سين جيئرا آهيون.

❖

پوڪ، مزدوري، هنر، ڏنڊو پڙهو!
رات توڙي ڏينهن مڙسيءَ سان ڪمايو دوستو!
جهنگ ۾ پڪڙي وجو ۽ شهر کي ڇُهتي وجو
پنهنجي ڌرتيءَ تي قدم، پنهنجا ڄمايو دوستو!

❖

دماغ تو ڏسي رڳو ٻه چار آسرا،
رفيق راهه تا ڏين هزار آسرا.
يقين تي يقين بار بار آسرا،
اميد ۾ اميد بي شمار آسرا.

❖

آءُ ته توسان آهيان گڏ،
تنهنجو هانءُ ۽ تنهنجو هڏ.
سڏ پڙاڏو ساڳي ڳالهه آ،
تنهنجو سڏ سو منهنجو سڏ.

❖

ڪِنوٽيون چمڪيون انڊن لئه ڇا؟
گوڙيون گجيون ٻوڙن لئه ڇا؟
بي رُت مينهَن واريون ڳالهيون،
چيڙيون- نبيريون گونگن لئه ڇا؟

❖

وقت جو تازو پنو چا ٽو لکي،
سوچ سان شوق سان سِٽ سِٽ پڙهو!
ياد ٽوَ اُستاد چوندو هو اِئين،
ڪجهہ پڙهڻ سان گڏ پڙهڻ وارو ڪڙهو!

❖

نيٺ پٽائي تنهنجي سڏ تي،
تنهنجا ساٿي جاڳي پيا هن.
مهمانن جي گوڙ ۾ تڏ تي،
گهر جا ياتي جاڳي پيا هِن.

❖

وطن جي ٻچن لئہ لُڇون ٿا، ڪڙهون ٿا،
سياست نہ ڄاڻون، اڪابر نہ آهيون.
وطن جي زمين لئہ جيئون ٿا، مرون ٿا،
اسين واٽ ويندڙ مسافر نہ آهيون.

❖

ٿڪي ڪٽ ڳالهہ دودي ۾ چنيسر جي،
اجا هن جنڊ ۾ پيئي ٻڪي ناهي.
ڏسي ڪو جاڳ واري آڳ اندر جي،
جلون ٿا پيا اجا دونهين دُکي ناهي.

❖

ڏينهن جو تارا ڏسڻ ۾ رات جو تارا تڪڻ،
عاشقيءَ جو مشغلو انجم شماري ٿا چون.
شوق سان نالا لکڻ ۾ سوچ سان خانا پرڻ،
اهم قومي مسئلو آدم شماري ٿا چون.

❖

جو پير هَـــتيو سو پير ڪٽيو
هــي خـوف بـہ طـاري رکـٺو آ.
وِکَ وڌي، جـڻ لالَ لَـڌي،
هي جـوش بـہ جـاري رکـٺو آ.

❖

سڀ صبح ٿيو سپنا ساهيون،
ڇو رات جون سهجن اونداهيون.
خود لات آهيون ۽ وات آهيون،
ڇو واتون وينا واجهايون!

❖

باگهيون ۽ مارويون، نوريون اُٿو!
موملون ۽ سورٺون، سهڻيون اُٿو!
سينڌ جيجل سنڌ جي سينگاريو
جيڏيون، سرتيون اديون، پيٺون اُٿو!

❖

سجاڳي آئي آهي، سنڌ جي سُگهڙن سُچيتن ۾،
اِجهو سرويچ هڪڙي مان سوين سرويچ ٿي ويندا.
ڇَتيو جو ڀهڳٽي ٻج ٻُوجهہ جو آهي ڏيانن ۾،
سو اهڙيءَ ريت وڌندو جو ڪٽي مان ڪيچ ٿي ويندا.

❖

خان جو گهر آهہ يا فوجي اڏو
عرش جيڏي ڪرت ۾ محلو وڏو.
هي تہ ڏس قاتل رليون، چنڙو تڏو
منهنجي مارُن جو آ پاڏي تي لڏو!

❖

حاسد جي دل، وڪ وڪ چلڪي،
ننڊڙيءَ سوڙهيءَ گهاگهر وانگر.
ساٿين جي دل چوليون ماري،
هيڏي ساري ساگر وانگر.

❖

هالار جي هستي ڏيکاريو!
مهراڻ جي مستي ڏيکاريو!
جو غير اچي اُبري آڏو
تنهن غير کي پستي ڏيکاريو!

❖

”تعريف“ نان، دالِ ڪري کائبي نہ آ،
”وه واه“ گوڏ، ڪانچ ڪري پائبي نہ آ.
فنڪار جي اَنا کي ذرا قوت تہ ملي،
پر ”داد“ ساڻ جان بُکي ڍائبي نہ آ!

❖

سنڌ سان هر واعدو رهندو سچو
مون مجيو آهيو جوانو جانثار.
پر سچڻ جيڪي ڪريو جلدي ڪريو
زندگيءَ تي ناهہ ڪوئي اعتبار!

❖

ديس ڌرتيءَ جا سيئي آهيون ٻچا،
ويرَ واريون، وچ منجهان ويريون پچون.
جنڌ ڪان ڪِيئن تي پلا سگهبو جدا،
سنڌ جي سِرَ لاءِ سڀ گڏجي وڃون.

❖

پڙهيل ماڻهو پُليل ماڻهوءَ کي سمجهائي،
پڙهائيءَ جي ائين تحريڪ تي ويندي.
برابر سنڌ سُورن ۾ تي چيچلائي،
دوا ٿيندي تہ رڳ رڳ نيڪ ٿي ويندي.

❖

جي مومل شوق ۾ خود شمع ٿي پوندي،
۽ راڻو قرب ۾ قنديل ٿي ويندو-
تہ ڪاري ڪاڪ جو هر ڻاڪ اونداهو
نئين هڪ نور ۾ تبديل ٿي ويندو.

❖

جيڪو ڌارين جو محتاج،
ڪيڏو آ سو رسم و رواج.
پنهنجا وڻ ۽ پنهنجو ٻِجُ،
پنهنجو سوچيو پاڻ علاج.

❖

ڪاڏو پيتو چوڙيو ماڻيو
ڌرتيءَ جا ئي قرضي آهيون.
تَن، مَن، ڌَن جيجل تان گهوريو
پنهنجي پنهنجي اوڏر لاهيون.

❖

آسمان جون چالبازيون بيشمار
وقت پنهنجي بخت ۾ ناسازگار.
آسي پاسي جي اکين ۾ انتظار
جُوءِ جا جهونجهار رهجو هوشيار!

❖

هن نظم جو عنوان، جيئي شاهہ، جيئي سنڌ!
هن بزم جو اعلان، جيئي شاهہ، جيئي سنڌ!
هن ذهن جو ايمان، جيئي شاهہ جيئي سنڌ!
هن صحن جو فرمان، جيئي شاهہ، جيئي سنڌ!

❖

نيٺ سڳورا روزا آيا،
روزن پٺيان عيدون آهن.
عزم عمل جا جذبا جاڳيا،
محنت ڪان پو موجون آهن.

❖

هڪڙا ماڻهو قوم۔ پرست،
ٻيا مذهب، دين۔ پرست.
لکها چانديءَ، سونَ۔ پرست،
ٻ ڪي ڪي، ڪجهہ ڪِينَ پرست.

❖

معصوم ٻار ڪي ٻہ نہ ٿي تجُ ماءُ ڏئي،
مشهور ٻول آهہ تہ روئڻ پِنڻ بنا.
تو ڪيئن سوچيو تہ ائين حق ملي وڃي،
چُپِ چَاپ ويني پاڻ پتوڙڻ، گهُرڻ بنا.

❖

اسان جي زندگي، هڪ سونهن جو سنسار بي آهي،
اسان جي شاعري، ڪنهن پيار جو پرچار بي آهي.
اسان جي هر گهڙي تقدير جون تختيون لِکي ويني،
اسان جي زندگي تحرير جو مينار بي آهي.

❖

ٻيا پاڻ ڄاڻن، اسان کي ته سڌ آ،
چوڻ ۾ ڪرڻ ۾، وڏو ڦير آهي.
زباني گهٽا ٽا گهٽڻ لئه مرن پر،
اسان کي خبر آ، مئو ڪير آهي؟

❖

ٻهاري بزم ۾، ٽيندي نه ٽيندي،
بتيءَ جو ڪم ٻرڻ آهي، ٻري ٿي.
سجاڳي سنڌ ۾، ايندي نه ايندي،
ڏڙا ڏڙ ڪِلڪ ليڪ جي لکي ٿي.

❖

اکين ساڻ جيڪي نظارا ڏسون ٿا،
قلم ساڻ سو سڀ لکڻ کان مٺي آ.
ڪنن ساڻ جيڪي فسانا ٻڌون ٿا،
زبان ساڻ يارو! چوڻ کان مٺي آ.

❖

اسان کان پڇي ڪو محبت جون ڳالهيون،
وطن ساڻ انڌي عقيدت جون ڳالهيون.
سياست جي رمزن سان پنهنجو وڃي ڇا؟
حڪومت ٿي ڄاڻي حڪومت جو ڳالهيون.

❖

يا خاموشيءَ سان عزت ڏيو،
يا دانهن کي اجازت ڏيو.
يا ڏاڍن کي ذرا ڏايو
يا هيٺن کي حفاظت ڏيو!

❖

خبردار ٿي پيارَ سازش ٿئي ٿي!
رقيبن تي دولت جي بارش ٿئي ٿي!
ٻڌون ٿا، ڪرن ڪي ڪنيو آهي ڪُجليءَ،
اسان جي هٿن ۾ ٻہ خارش ٿئي ٿي!

❖

همتن سان پيچ پايو پهلوان،
قسمتن جي ڄار ۾ اٽڪي نہ پئو!
سنڌ جا اڙٻنگ محنت ڪش جوان،
راحتن جي گود ۾ ليٽي نہ پئو!

❖

هيءَ اخبار آهي، ڪجھہ نوڪون ۽ جهوڪون.
چريا هِتِ نينهن جي ناوڪ تي ڪيئن لکبو.
پلي جهنڊن جي رنگن تي قلم ڪڻ تون،
هتي ڪيتن جي ساوڪ تي ڪيئن لکبو.

❖

ڪاميابيءَ جي رکو ٿا آرزو
آرزو سان گڏ وڏايو جستجو.
جستجو سان خاص قرباني ملي،
”لَن تَنالُو البِرّ حتيٰ تُنفقوا.“

❖

پنو پين مس ۽ لفافا مهانگا،
لکڻ جا طريقا سليقا مهانگا.
صفا لفظ سادا بہ ڏاڍا مهانگا،
اسان وارا قطعا بہ ٿي ويا مهانگا.

❖

ساڻ ساٿوڙي سچڻ سرواڻ ڏس!
ساٿين جي سوچ جي سرهاڻ ڏس!
سچ وارو ساڻ سيرو آ سَگهو
ساٿين جي منهن تي هي لالاڻ ڏس!

❖

گواهہ آهي، خليل الله جي محڪم اِرادي جي،
ذبيح الله جي صبر ۽ ادب جي آهہ نيشاني،
نظارو ذبح اُضحيہ جو اشارو جان نثاريءَ جو
ڀلي آئي، ڀلي آئي، ڀلاري عيد قرباني.

❖

چون ٿا گراني اجا تيز ٿيندي،
غريبن کي پرواهہ ڪائي نہ آهي.
ڦُرئي کان پو پيؤ ڪهڙو آهي زمانا!
اها عام چوٽي اجائي نہ آهي.

❖

جي ظالم ڪري ظلم وقتي ڪتي تو،
سدا مينهن نفرت جو اُن تي وسي ٿو.
جي مظلوم اصولن تي ڪتجي مري ٿو،
سدا مينهن محبت جو اُن تي وسي ٿو.

❖

هي سمورو آهہ واپارين جو ڪم،
گهٽ ۾ گهٽ لک ڪنڊ، ڪار ۽ ڀاڻ تي.
قوم جا شاعر ذرا ٿي باشعور،
وڌ ۾ وڌ لِکُ قوم تي ۽ پاڻ تي.

❖

گهڙي ڏس ته سورج پيو صاف چمڪي،
گهڙي سج تي جهُڙ وگهرندو وڃي ٿو.
گهڙي ڏس ته آ آسمان ۾ لڙاٽ،
گهڙي ڏس ته تڙڪو نڪرندو وڃي ٿو.

❖

شخص هڪ جو اصل ۾ آزاد آهه،
پر ڪٽي دنيا بنايو آ اسير.
پيو ڪپي سست صفا يوسف مثال،
هي معزز محترم آهي ضمير.

❖

مِٺيءَ ڪان چني، شاهه بندر ڪان ريتي،
سڄي سنڌ پنهنجي سنواريو سجايو!
ٻنين ۾، مِلُن ۾، ڪمايو جمايو
سدا "سنڌ جيئي" جو نعرو لڳايو!

❖

ڪڏهن شاعري پڻ رَسي آهه ويندي،
مان آزيون ڪيان پوءِ به ايندي نه آهي.
ڪڏهن ايترو آ مهربان ٿيندي،
گهڙيءَ لاءِ پاسو ڇڏيندي نه آهي.

❖

جي چور جو به پورهيو قدرت نٿي وڃائي،
ڪيڏي نه ڪاميابي، جي ساڌ ڪو ڪمائي،
محنت ۾ سخت محنت، هن وقت جي تقاضا،
جو وقت ڪان لنوائي، سو پاڻ کي گنوائي.

❖

لکڻ وارا بہ ڪجھ نازڪ،
چپڻ وارا بہ ڪجھ نازڪ.
ڪجي ڇا قوم ۾ ڪي ڪي،
پڙھڻ وارا بہ ڪجھ نازڪ.

❖

هِتان ڪٽڪ نڪري، هُتان پانُ پهچي،
ڪو ڇوٽو سمگلر، ڪو موٽو سمگلر،
اھو سلسلو جي بدستور رهندو،
گھٽا گھوٽ تي ويندا تڪڙا تونگر.

❖

هي جهان، او نؤجوان! بازار جو شوڪيس ناھہ،
ءِ نہ خالي ڏيک جو سامان آھي زندگي!
هي جهان دريا، جبل، صحرا، ڪنارا، بحر، بر،
گوڙ هُلُ، گھمسان ءِ طوفان آھي زندگي.

❖

چڱن جو چوڻ، سمجھو اَڪسير آھي،
”تيو ڪين واپس ڇُٽل تير آھي“
عمل جو ڪجي سوچي سمجھي ڪجي سو،
تٽن ۾ نہ پوندو ڏُڏل ڪير آھي.

❖

ڪتب خانا خالي، ادا محفلن ۾،
نہ رانديون، نہ ورزش جوان هوٽلن ۾.
نہ ڪا اونَ گھرجي، نڪا سوچ، تَر جي،
رڳو مست مهديءَ جي گانن جي ڌُن ۾.

❖

اڄ رات جي پڇاڙي آ، ڏينهن وارو تارو
پر ڏينهن وارو تارو، ڪو آفتاب ناهي.
چو ٿا رفيق سمجهو اخبار کي رسالو
توڙي هزار خبرون، پر هي ڪتاب ناهي.

❖

ڪِلڻ هاب شيءِ تي نہ کلنداسين سائين!
جي محرم بہ هوندو نہ رئنداسين سائين!
قلم پل تہ روئي، پنو پل تہ تڙپي،
نہ لکنداسين سائين، نہ لکنداسين سائين!

❖

منزل ملي وڃي ٿي، جي وِکَ ڪو وڌائي،
مشڪل مڃي وڃي ٿي، شرط آهِ ڪو مڃائي.
گرمي هجي يا سردي، طوفان هجي يا باران،
محفل متي رهي ٿي، پر مڙس ڪو مچائي.

❖

آخر کھڙو ڦيرو آيو
سرديون، پارا، گرميون، رُڳھ،
پنهنجي ٿَر جي موسم ٺُهنجا،
ساڳيا لاٽُون، ساڳيا ڄُگھ.

❖

تون پيو جهومين ۽ مان آتو
تون چڙواتو ۽ مان ٻاتو.
مُنهنجا سنڌي خان ميان!
تنهنجو منهنجو کھڙو ناتو؟

❖

سبب کي ڇڏيو پاڻ ڪنجوس آهيون،
گھٽائي گھٽائي لکڻ ڪم اسان جو.
اوهان جي سخاوت کان مايوس ناهيون،
وڌائي وڌائي پڙهڻ ڪم اوهان جو.

❖

هُوءَ نانگ تي ڏنگي ٿي، جي ڪو ڏجي پڇي ٿو
۽ بين تي وڄي ٿي، جي ڪيس ڪو وڄائي.
دنيا ٽپي، مڇرجي، مڙسي رڳو ڏسي ٿي،
جھومي، جُھڪي پوي ٿي، جي ڪو جوان جھُڪائي.

❖

وڏي ويچار سان حالات کي سمجھو!
پرائي بات پنهنجيءَ لات کي سمجھو!
نہ گھبرايو ڏسي اونداهڙي آڌو
ذرا مُنهن مير ۽ پرڀات کي سمجھو.

❖

جو ڌاريو سو ڌاريو، گِلا ڪھڙي آهي،
جو پنهنجو سو پنهنجو، ٿنا ڪھڙي آهي!
پِڻُن لئہ جيون ٿا، پِڻُن لئہ مرون ٿا،
اِهو فرض آهي، وفا ڪھڙي آهي.

❖

اُتو وارو ڪريو واهڙ وَهايو!
رڳو برسات تي ياڙي نہ ويھو.
نظر پِٽَ پِٽَ تي پِڪَ پِڪَ تي ڄمايو
اکيون آڪاس ڏي ڦاڙي نہ ويھو.

❖

جاڳيا تہ بهرحال سويلا ناهيون،
پر پو بہ اجا يار اويلا ناهيون.
سمجهي نہ سگهون، تنهنجي نين چالن کي،
ايڏا تہ اڙي وقت! ڳهيلا ناهيون!

❖

هي باغ يتائيءَ جو آهي،
ٽيڪو نہ ڪريو ڳوڙگو نہ ٻڌو.
ڪنڊا نہ چٽيو مُڪڙيون تہ ڏسو!
بدبوءِ نہ ڪريو خوشبوءِ تہ سنگهو!

❖

انصاف بيمثال جو غوغاءُ تي وڃي،
سچ پچ تہ دُور سنڌ جو سوداءُ تي وڃي.
مسڪينڙن تان بار مٽن جو لهي پوي،
سرمائيدار سير، اگر پاءُ تي وڃي.

❖

يڪراءِ فيصلو هي ٽيڙو ضرور آهي،
هن جُوءِ ۾ جوان تي جٽڙو ضرور آهي.
ڌرتي بہ ساٿ ڏيندي، ساگر بہ ساٿ ڏيندو
۽ ساٿ آسمان کي ڏيٽو ضرور آهي.

❖

تنهن ڏينهن ويس تي تہ وڏو خان ملي ويو،
سمجهو ڪٽي ون يونٽي سرطان ملي ويو.
لاحول پڙهي جان جڏهن پنهنجي ڇڏايم،
پوءِ شڪر ڪيم، شعر جو عنوان ملي ويو.

❖

هر لفظ تيو گواهہ آهي،
جڻ مون ڪيو گناهہ آهي.
او پيارا! بي گناهہ آهيان،
شاهد سندم الله آهي.

❖

هڪڙي گهر جا پائر پاتي،
جهيڙو ڪينو ويساهہ گهاتي.
جي تا جوهي پايون جهاتي،
هت ۾ قرآن، ڪڇ ۾ ڪاتي.

❖

شعر جو پيچرو ايڏو تہ ڪو سولو ناهي،
جي ڪٿي رَند ۾ رُلبو تہ ڪو رولو ناهي.
پنهنجي نيت تہ سڌي آهہ خدا تو ڄاڻي،
جي ڪٿي ڀول ڀلايو تہ ڪو ڀولو ناهي.

❖

مان شاعر شاعريءَ جي ملڪ جو سلطان ڀي آهيان،
ڏئي ڪو لفظ تو دوکو تہ پو دربان ڀي آهيان.
زبر يا زير تان ترڪي، ڪران ڪنهن وقت تو مُنهن ڀر،
خطا تي تي وڃي، آخر تہ مان انسان ڀي آهيان.

❖

سوچ ۾ رهندي اها ساڳي اُڏام،
ڪنپ بحري باز جا ڪتبا تہ ڇا!
شاعري آهي سڄاڳيءَ جو پيام،
ننڊ جا ڦيٽا متس پڙهبا تہ ڇا؟

❖

سچو سال آهيون اسان انقلابي،
رُتن کي ڳُتن کان وٺي ٿا گهمايون.
خزائون تڙايون، بهارون گهرايون،
سچايون وسايون، وفائون گهرايون.

❖

ڪي چون ٿا، تن درست، تہ سڀ درست،
ڪي چون ٿا، من درست، تہ سڀ درست.
بيا بہ نُڪتا نيڪ، پر ڏسجي پيو،
دؤر هن ۾ ڌَنُ درست، تہ سڀ درست.

❖

هن خاڪ جو جو خادم، هن ديس جو جو دولهہ
مخدوم اهو ئي آ، مهمير آ اُهوئي.
مهراڻ خان اَجهل جو هالار جان اٽل جو
هن يونءِ جي پِڻُن جي تقدير آ اُهوئي.

❖

ٻُڌي، ٿهڪ هرڪو اچي ٿو وڃي،
ڏسي لُڙڪ واقف لڙي ٿو وڃي.
نہ ٿو روشنيءَ ۾ ڇڏي هو بہ پيڇو،
۽ اونده ۾ پاڇو ڀڄي ٿو وڃي.

❖

نہ بستر، نہ جهوپي، نہ پاڇي نہ ماني،
اسان جو اِئين ئي جٽڻ آهہ جاني!
اوهان جا دلاسا وڏي مهرباني،
ڪٿي آهہ ايــــڏي پـــلا زندگاني.

❖

سولي هوا لئہ ترسو ۽ نا خدا لئہ ترسو.
جو وقت ٿا وڃايو، جو پاڻ ٿا لڄايو!
هر مرد آهہ مانجهي، هر فرد پاڻ وانجهي،
پنهنجو ڳُلهو ڪم آٿي، ٻيڙو ٻڃي لڳايو!

❖

اوهان جهڙُ ڏسي دل هٽو ٿا تہ بجلي،
ڪري ٿي سگهي، بلڪ هر حال ڪِرندي.
اسان سوچيو ٿان تہ ڪڪرن مان بارش،
وسائي سگهون ٿا، يقين آهہ وسندي.

❖

مڃون ٿا اوها جو اکيون بند ناهن،
ڏسو پيا چڱيءَ ريت محفل ۾ ڇاهي.
اسان آهيون قائل اڃا ٻي نظر جا،
ٻڏائي سگهي جا تہ هن دل ۾ ڇاهي.

❖

اِرادن جي دنيا، اُمنگن جي دنيا،
حياتيءَ ۾ ماڻڻ، مُردان جي دنيا.
اوهان جو اڃائي بنائي ڇڏي آ،
دلاسن جي دنيا، اُميدن جي دنيا.

❖

مَتو پيو آ هوٽل ۾ ماڻهن جو ميڙو،
اندر آهہ سڀ ڪجھ اڳيان آهہ پردو.
هتان جو لنگهي تنهن جو روڪين رستو،
برياني‌ءَ جي خوشبو ۽ ڪوپن جو ڪڙڪو.

❖

نہ جيتر سنڌ جي هر ڳوٺ ۾ پاڻي رڳو پهچي،
نہ تيتر رس، نہ سيون آپ، نہ پاڪولا جو ڍُڪ پرجي.
۽ جيتر قوم جي نياڻين جي ننگائي نہ تي ڍڪجي،
نہ تيتر قيمتي قالين تي پنهنجو قدم ڌرجي.

❖

مِٺي مات آهي، مُٺي مات آهي،
چگَن جو چوڻ آ، سٺي مات آهي.
گهٽن جي گهرن ۾، وسيو گوڙ گهمسان،
اسان جي اگهڙ تي، وَٺي مات آهي.

❖

شعر جو معيار آ مقصد حيات،
ڪجھ نہ ڪجھ نفعو وٺي انسان ذات.
باقي اهڙي شعر مان ڇا حاصلات،
فاعلاتن فاعلاتن فاعلات!

❖

پيٽين جي پرماري ريت،
جنهن کي چئجي استحصال.
ڏارين توڙي پنهنجن وٽ،
جت ڪٿ ٿئي پيو استحصال.

❖

جو وهندو پيو سو لهندو پيو
هَٿُ قدرت جو ڪنجوس نہ آ.
ڪم سخت آهي، گهٽ وقت آهي،
مَنُ محنت جو مايوس نہ آ.

❖

ايـري غــيـري سان هيناهيون،
مـحبـت وارن سـاڻ مـڳـي.
تنهنجو سُنهن مان تنهنجو آهيان،
پـنـهـنـجي سر سان پاڻ نڳي.

❖

انسانن جو مانَ نہ توريو
سمجهو سيڪو آهي سير.
ڇا جو هلڪو ڇا جو ڳؤرو
هيءُ سڀ هٺ جو آهي ڦير.

❖

رندن جو چوڻ آهہ تہ بي هوش نہ ٿي!
مئخاني جي رسم آهہ تہ باهوش نہ ٿي!
ساقيءَ جي نئين ناز منجهايو مون کي،
آواز نہ ڪر، ڪل بہ نہ، خاموش نہ ٿي!

❖

هڪ طرف لوچ ستائي ٿي خريداريءَ جي،
ٻئي طرف سوچ تہ مسڪين بہ آهيون، سائين!
عيد جو ڏؤر آ، مسرور ضرور آهيون پر،
ڪو تہ غم آهہ جو غمگين بہ آهيون، سائين!

❖

زندگيءَ جو زيب آهي انتظار
موت جو ٻيو روپ آهي اختصار.
نا اُميدي ڪفر آهي، هوشيار!
گهٽ ۾ گهٽ رک ارتقا ۾ اعتبار.

❖

قــول وڏن جا ناهن ڪوڙا،
بعــضي بعضي ياد اچن ٿا.
وڙهنـــدا، ”سان“ تہ پٽبا ٻوڙا،
ڏوتيئڙن جـــا ڏيل ڏکن ٿا.

❖

پنهنجون راهون پاڻ ناهيو ساٿيو!
قافلي کي تيز ڪاهيون، ساٿيو!
جاڻ پهتؤ ڏور ناهيون، ساٿيو!
دل نہ لاهيو، دل نہ لاهيو ساٿيو!

❖

ديندارن کي هجي دين ۾ توحيد مبارڪ،
ديد وارن کي چيو دل تہ ڏجي ديد مبارڪ.
عيد جي ڏينهن تي ڪنجوس ٿيو ڇا جي لئہ،
منهنجي يارن هجي هر فرد کي اج عيد مبارڪ.

❖

مشڪلاتون راهہ روڪينديون رهن،
دوستو! ڪينهي ٿُڏڻ ۾ آ مزو.
وات ڦاڙي حادثا بيشڪ اچن،
سچ پچ نيشان چُٽڻ ۾ آمزو.

❖

نئين دؤر جي هيءَ نئين ڳالهہ آهي،
ٻُڌون ٿا تہ پاٽيءَ ۾ انسان رهندو.
هي ڌرتي ڏٽي پنهنجي ڌرتي نہ ڏيندا،
تري سمنڊ جي ۾ ٺي ”پرديش“ ٺهندو.

❖

هرڪو چئي ٿو تہ ٻڌايان، نہ ٻُڌان مان،
ڪنهن سان وڃي، ڪيئن پلا سُور ڪو اوري!
پيو سيءَ مري پيو تہ مرڻ ڏينس، بچان مان،
سياري جي سوڙ سيڪوئي ٿو پاڻ ڏي سوري.

❖

پڇو مون کان تنهن ڏينهن هڪڙي ڪتابيءَ،
تہ هي ”پي پلي“ ساڻ، ”پرديش“ چاهي؟
چيم ”خي خچر“ ڪنهن گهٽو گاهہ کائي،
ڏٺو خواب ۾ هيءَ ”خرديش“ آهي.

❖

ڍرڙي کي ڍرڙو ڪوٺيو
چوهي کي چوهو ڪوٺيو.
هڪڙي ڳالهہ ڪريو او ساٿيو!
ڍوهي کي ڍوهو ڪوٺيو.

❖

سارو بحث ۽ جهڳڙو وهم آ.
بنگلاديش حقيقت آهي.
ڏينهن ڏٺي کي ڪوئي پاڳل،
چوندو وتندو رات تہ چاهي!

❖

او بنگال تولاءِ دل آهہ آتي،
تون پنهنجو بهادر وڏو ياءُ ياتي!
ملي موڪلايون، سِڪي ساهہ ڇاتي،
رُنل ئي رهين، پر هجيئي حياتي!

❖

ڪجھ هوائي شاعري ۽ ڪجھ زباني شاعري،
پنھنجي مزمانن جي آهي آنجهاني شاعري
دوستو! پنهنجي هنن سان ڪهڙي نسبت تي نهي،
ڪٿ زمين جي شاعري، ڪٿ آسماني شاعري!

❖

ٻڌي البدر ۽ الشمس جو نالو
اچن ٿا جوش ۾ بندوق ۽ ڀالو.
ڦهاري ڇو ٿا ڪوني قريبدارن ڪي،
ٻڻائيندا ”ٻِهاري“، سنڌ، بنگالو.

❖

ٻڌو التجا هڪڙي سنڌي رسالا!
ادب جا خزانا نہ ٻڻجو جوالا.
ٿيو ڪير ڪنڌ ۽ پيو پيار پيالا،
وڌو وڪ وڌائي، ڇئو هو جمالا!

❖

ڪفر ۽ اسلام پنهنجيءَ جاءِ تي،
مذهبن جي مام ۾ ڇو ٿا پئون.
اُن ۾ ڪهڙو آسمان پوندو ڪري،
ديس جي ڌرتيءَ ڪي جيجل ٿا چئون.

❖

اچن چوريءَ ۽ زوري پيا نوان مهمان،
نہ ٿا رکجن بهاري جي تہ گوءِ ميدان.
اجا سمجهن ٿا پوئين ملھ رهيل آهي،
پلي پورو اچي ڪن آخري ارمان.

❖

ڪير چوي تو چانور ڪونهن،
ڪير چئي تو ڪانهي ڪنڊ.
ڏند سچڻ جا سڳداسي ۽۔
ڪلندي وينو ٻُرڪي ڪنڊ.

❖

پٽن پورين جي پاڪر ۾ رهڻ وارا!
پلر وارو منو پاٽي پئڻ وارا!
اچو! جو جاڙ آيو تر تي وسڪارو،
هوا بدلي، ڪڪر آهن وسڻ وارا.

❖

شاهہ، سامي، بيوس ۽ بيدل ۾ گڏ،
لال ۽ سرمست جي محفل ۾ گڏ.
قوم تي اُترادي، لاڙيچائي ملهہ،
پو بہ آهيو سنڌ جي سڀ دل ۾ گڏ.

❖

هو گهٽي پاڳي پين ٿا ڪوثر ۽ آبِ حيات،
پنهنجا شاعر پيا گهُرن، سنڌوءَ جو پاڻي ميرڙو.
هو هميشہ ٿا رهن، عنقا، هما جي تاڙ ۾،
پنهنجي آڏو مور، ڊيلون، هنجهہ، ڪانگ ۽ ڳيرڙو.

❖

سڀ اديب، شمشير ۽ جليل،
زور سان حجت منجهان ڪن ٿا اپيل.
ڏيو نہ هڪ ٻئي سان لڙڻ جي واسطي،
محترم ايڊيٽرؤ منڊا دليل!

❖

اسان کي چڏي ويو غمن ۾ گڏي،
نتو ڏيھ ۾ ڏسجي "سھٽل سھانگ"!
وجھو شور، شھپر وٽيو رعب سان،
گھمي پيو ٿو بازار ۾ رهزن مھانگ.

❖

دل ٻڏي گمڀير ٿي ڪوشش ڪجي،
چانھ سان چاهت ذرا گھٽجي وڃي.
دل نٿي ياسي مگر شايد ائين،
ڪنڌ جي قيمت ذرا گھٽجي وڃي.

❖

لکين شڪر ڊگرين جو آهي سڪار،
ذرا نوڪرين جو ٿو ڏسجي، ڏڪار.
مصيبت جا بيمار آهن هزار،
ملن ڪنهن کي ٿالھيءَ ۾ ڏاڙھون ٻہ چار.

❖

محنتون ۽ ڪوششون اڏو ڪري،
پوءِ پنيري بخت کي پرچائجي.
قدر لمحي جو پھريان ڪجي،
پوءِ ضديري وقت کي پرچائجي.

❖

هڪ طرف داٽو نہ آجو ڪائجي،
ٻئي طرف دھدار ٿو شادي ڪري،
گھري سڄو برباد ٿيندو ٿو وڃي،
واھ جو ٿو خانہِ آباد ڪري.

❖

ڪي روئندا چمن تا، ڪي ٽوئندا چمن تا،
گهڻا حادثن ۾ جڏا ٿي پون ٿا.
زمانو بہ تن لاءِ خرڪار آهي،
وڪڙ ۾ اچي وير ونگجي وڃن ٿا.

❖

ڪٿي جو دردِ دل جو داستان دلدار سان ڇيڙيم،
چيائين: تنهنجو هر هڪ لفظ بلڪل آهہ بي مطلب.
چيم: هي هيتريون دانهون نہ ٿيون ڪائي رکن معنيٰ؟
ٻڌو اٿئون تہ خاموشي بہ ٿيندي ناهہ بي مطلب.

❖

تنهنجو هر هڪ ڏينهن آ منهنجو گواهہ،
روشني ڪي مون گهريو آ بي پناهہ.
سال گذريل تنهنجي هڪ هڪ رات سان،
مڙس ماڻهو ٿي ڪيو آ مون نباهہ.

❖

ازل ڪان ابد، وقت آهي ڪشادو
اسان جي جئڻ لئہ ذرا تنگ آهي.
تخيل جي آڏو تہ ڪا شيءِ ئي ڪانهي،
قلم ڪي ڏنل چؤطرف دنگ آهي.

❖

قوم اڳيان گدرو بہ ٿي، منڙو بہ ٿي!
غاصبن لئہ ٿُوهہ ٿي، ڪوڙو بہ ٿي!
گاهہَ جو ڪن لاءِ غاليچو بہ ٿي!
پونءِ جا پُٽَ! ڪِتِ پڳو توڙو بہ ٿي!

❖

ماڳ ڏورانهون مجيوسين، پيچرو سوڙهو بہ آ،
توري توري پنڌ تي پانڌيئڙا ٿڪجي نہ پئو!
زندگيءَ جو سلسلو اڻ کٽ بہ آ، اؤکو بہ آ،
ڏينهن مهنا، سال ويچاري، ڪٿي ورچي نہ پئو!

❖

ڏسي سيڪوئي ويندو آ،
سڄاڻن لئہ نظر گهرجي.
چئي هر ڪوئي ڏيندو آ،
مڄاڻن لئہ مگر گهرجي.

❖

چيم: شمعَ، ڇو خوا مخواهہ ٿي ٻرين!
چيائين: اگهڻ تي سهائي تہ ڏس!
پڇيائين: تہ تون مفت ڇو ٿو لکين،
وراڻيم: لکڻ ۾ سچائي تہ ڏس!

❖

سوچ ڪر، سودا ڪري چريو نہ ٿي!
ديس ڪي ٿي تنهنجي دانائي کپي.
هوش ڪر، هن دؤر ۾ سادو نہ ٿي!
هن مهل هر حال اوچائي کپي.

❖

بعضي بعضي زندگيءَ کي خواب ٿا سمجهڻ لڳون،
دادلي درياهہ کي تالاب ٿا سمجهڻ لڳون.
بي وسيءَ جو ايترو احساس ٿو گهيري وڃي،
فخر جهڙي ذات مهڻي هاب ٿا سمجهڻ لڳون.

❖

سڀ چون تا سوجهرو ٿيندو ضرور،
دل چوي ٿي اڄ سويرو ٿي پوي.
ڪوڙ سچ جو فيصلو ٿيندو ضرور،
تنهنجو منهنجو جي نبيروٿي پوي.

❖

پنهنجي گهر گهر ۾ عمل پيدا ڪريو!
خالي نعرن سان اڱڻ گونجو نه چا!
سوچ واري لوچ ڏسجي ئي نٿي،
ننڊ ۾ ڪو سورمو وڌليو نه چا!

❖

ڪي ڪي ڳالهيون جڻ فقيراڻا لڏا،
ڪي ڪي ڳالهيون جڻ اميراڻا اڏا.
ڪي ڪي ڳالهيون آڏ نٿيون اُڪري سگهن،
ڪي ڪي ڳالهيون ٿيون ٽپن دريا وڏا.

❖

پنهنجي ماضيءَ حال تي ماتم نه ڪر،
جي نٿو ماتم ڪرين، ڪجهه غم نه ڪر!
غم نه ٿو توکان پڇي، البيلڙا!
خالي هڪڙي آهه پر، ڪو ڪم نه ڪر!

❖

لوئيارن ڪي لائڻ ليڪ،
ويڙهيچن ۾ آهي وٿڪ.
مان قيد آهيان، ماڙو ناهن،
ڏاتيئڙا چو سهندا ڇڪ!

❖

ننڊ سيئي ڪان ڪسي ورتو سهاڳ،
ننڊ مومل جو ڪيو خانو خراب.
ننڊ، نابودي، نراسائي نياڳ،
ننڊ نيندين لاءِ ذلت جو شراب.

❖

آڏو چارو تنگ آ، يا ويڪرو
همسفر آهي جوان يا ڇوڪرو
ٻاٽ اونداهيءَ ۾ هرڪو اوپرو
سوجهرو ڪريو او ساٿي سوجهرو!

❖

چاهيم تہ دوستن کي مان بي مبارڪون ڏيان،
جذبات کان نڙيءَ ۾ جملا اڙي پيا.
ايڏو تہ خوش ٿيس جو بيحد خوشيءَ منجهان،
زورو ڪري خوشيءَ جا ڳوڙها ڳڙي پيا.

❖

تدبر جا مالڪ، مقدر جي زد ۾،
بهادر ڪٽڙٻاز خنجر جي زد ۾.
وڪوڙي ڏڏڙ سچ، ڪي وٺي، الاڙي!
اُيو ڪوهہ بينو آ ڪنڪر جي زد ۾.

❖

بخاري جا قطعا

استاد بخاري



استاد بخاريءَ سنڌ جي وِڪريل سونهن ۽ ثقافت کي سموهي سِٽن جو روپ ڏنو. ان ڪري ئي استاد جي شاعريءَ ۾ برسات جي ڦهريُن ڦُڙين تي اُڀندڙ ڪچي ۽ ڪاڇي جي مِٽيءَ جو هُڳاءُ آهي!

سندس شاعريءَ جي البم ۾ ڏيڻ سان ڏڪيل پيچري ڪان وٽي، اَڪن جي ڦُلڙين، ڪنول جي گلن، درياهہ جي لُڙئي پاڻيءَ ۾ ترندڙ ٻيڙين جي اڇن سِڙهن کي ڇُهندڙ چنڊ جون تصويرون آهن، جن ۾ پورهيت جي پگهر ۽ محبوب جي مُرڪ جي مهڪار رل مل آهي.

استاد بخاريءَ شاعريءَ جي گَجَ تي وڏيءَ محبت، محنت ۽ ڏاڍوَ سان اَجهل احساس، اُمنگ، موسيقيءَ ۽ اميد جا شيشا ٽاڪيا آهن، جن ۾ هر پڙهندڙ پنهنجو پاڻ کي پڙهي ۽ پنهنجون سوين تصويرون ڏسي سگهي ٿو. سندس شاعري، سنڌ جي تهذيب، ثقافت جو آئينو ۽ سنڌي لفظن جي کاڻ آهي. سندس هر لفظ ۾ خيال، احساس جي تارُن کي ڇُهندڙ جهرڻن وانگر شفاف، سولو، سوُڌو ۽ فطري نظارن وانگر وڻندڙ آهي. هن جي شاعريءَ جي جَڙ زمين ۾ آهي، پر ان جي پاڪر ۾ آسمان بہ اچي ٿو وڃي.

علي دوست عاجز

Rs: 140.00

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ

ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙُ، ڀاڙي، ڪاٺُو، ياچوڪڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪارِي تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گَڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَس پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)